ٽاڪر

اڳئين ٽاڪر

- ڪمل پياسي

جيڏو تنھنجو نانءُ - ڀاڄھہ ڀہ اوڏيائي گھران



سرومٽي سنت

پوڄنيہ بابا ھريرام صاحب اُداسين

نندگي نگھال نون رکج - توھان پنھنجي چرنن ۾
ڏنو سين پريم جو پيل - بابا ھريرام پرين ۾
- بابا شيوارام صاحب

هري روپ اوتار ٻڻي، آيا هت اسرار ٻڻي
اڄ نه سندن آ صورت سامهون، پاڻ ۾ پاڻ پسائي ويا

- ڪمل پياسي



ستگرو سائين بابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم :
پونم اُسو ١٩٧٣
(برابر ١١ آڪٽومبر ١٩١٦)

برهم لين :
١٨ (سائم) چيٽ ٢٠٤١
(برابر ٢١ اپريل ١٩٨٤)



شري مھنت ٻاٻا گنگارام ٻاٻا شيوارام اُداسين

ڀيلواڙا (راجستان)

(گادي نشين)

ٿَرُ

اَکئين ٿارُ

ايڊٽ :



ڪمل پياسي

پياس پبليڪيشن

”هري شيوا“ پلاٽ ۴/۳۸۲، سيڪٽر ۲۹، گانڌينگر (گجرات) ۳۸۲۰۲۹

فون: ۲۴۱۱۴

— آشيرواد —

● پياري ڪمل ڪيولراماڻي ”پياسي“ ڪافي محنت ۽ جفاڪشي ڪري بابا شيوارام صاحب جنهن جي جيون، سکيا ۽ ڪارج جو ورنن 'ٺاڪر اکيڻ نار' پستڪ ۾ ان طرح درج ڪيو آهي جنهن طرح هن کين پلئيءَ پائنت جاتو ۽ سڃاتو ۽ ڏٺو ڪجهه منجهائن پاتو آهي. هن پنهنجي انڀوَ جا آزمودا، اندر جا آتما ۽ احساس ائين قلمبند ڪيا آهن جئن ڪو نقاش پنهنجي رنگبرنگي ڪلا سان ويهي انوکو چتر چٽي. اڳ ۾ هن پياري ڪافي ”واڻي شيوا“ ڪئي آهي. هن پستڪ جي شايع ڪرڻ ۾ جن به ڪيس سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سهڪار ڏنو آهي سي لاشڪ آتم شيوا ڪري جس جا ڀاڳي بڻيا آهن. هيءُ سندر پستڪ شايع ڪري هن پڻ ڪيرون لهڻيون. شل باباجن جي مٿس سدا آشيرواد رهي ۽ شل سدا پنهنجي پريوار سهت وڌندو ويجهندو رهي ۽ هن ڏس ۾ سدائين قدم وڌائيندو رهي.

هري شيواڌام، پيپلواڙا. — **بابا گنگارام بابا شيوارام صاحب**

۱۴-۱-۱۹۹۴ (اترائڻ)

● تنهنجي لکڻيءَ ۾ اُڏام آهي. ڪابه رچنا ليکڪ جي زندگيءَ سان ڪنهن نه ڪنهن نموني تعلق رکندي، پر ان کان وڌيڪ تنهنجي 'ساهت سامگري' ۾ اُمنگن ۽ احساسن جو اظهار آهي. نظم ۾ اها خوبي خاص ٻکي ٿي ۽ انهيءَ ڪري ئي چاهيو ٿو ته پنهنجو قلم انهيءَ ڏس ۾ هلائي امر ساهت جي رچنا ڪر. ڪٿي به نثر ۾ جو ڪجهه لکين پيو سو ڀرپور پڙهڻ ۾ کڙو به وڻندڙ هجي پر مان نٿو ڀانيان ته ڪو وري وري ڪري پڙهندو. سو مان چاهيان ٿو ته ڪجهه اهڙو لک جو ور ور پڙهڻ ۾ اچي. پيار ۾ مان دادا —

پيونيت ۳-۱-۱۹۹۲

هاسارام پي. ڪيولراماڻي

THAKKUR AKHIAN THAAR

[Life Sketohes of Baba Shewaram Sahib-Bhilwara (Raj)]

Auther :

KAMAL KEWALRAMANI 'PYASI'

Publisher :

PYAS PUBLICATION

'Hari Shewa' Plot 382/4, Sector 29,

Gandhinagar (Guj.) 382029 Phone: 24114

Printed at: Gurudev Printing Press,

38, Devlali Bazar, Kubernagar, Ahmedabad-382340

Assisted by:

Amercan Followers of Babaji

Blessings from:

1. Baba Gangaram Baba Shewaram Sahib Udaseen
2. Dada Hassaram J. Kewalramani - Bhilwara

Title Design : Vasdev 'Sindhu - Bharti'

Get-up & Set-up: Lalit K. Kewalramani

— ٺاڪر اکئين ٺار —

(سنگرو بابا شيوارام صاحب اداسين جون جيون جهلڪيون)

ليکڪ : ڪمل ڪيولراماڻي 'پياسي'

ڇپائيندڙ : پياس پبليڪيشن

"هري شيوا" پلاٽ ۳۸۲/۴، سيڪٽر ۲۹، گانڌينگر (گجرات) ۳۸۲۰۲۹

ڇاپو پهريون [عنوان چتر: واسديو "سنڌو-ڀارتي"] سال: ۱۹۹۴

موليه: قيمت ڪٿي نه جاءِ

سهڪار: آمريڪا واسي سائين جا شيوڪ

آشيرواد: بابا گنگارام بابا شيوارام صاحب اداسين-ڀيلواڙا

دادا هاسارام جي. ڪيولراماڻي - ڀيلواڙا

۽ آسان رهي ٿي جنهن ڪارڻ هو لکندو ٿي رهي ٿو ۽ لکندي لکندي ان ۾ لين ٿي وڃي ٿو. وري جو وشيه اٿس سنتن جي عظمت ۽ سنڌس لڳن ۽ اندر جي جذبات عجيب روپ وٺي پستڪ کي سونهيڪ بڻايو ڇڏين. سنڌس رچي ۽ ساهتيه جي هن کيتر ۾ جان ٿان سرس رهي آهي. مٿين ٻن پستڪن جي شايع ٿيڻ ڪانپوءِ هن ٻيو پستڪ "نماڻن جا ماڻ" ڪنهن پريميءَ جي سهڪار سان ڇپايو ۽ هاڻي وري هيءُ "ٺاڪر اڪيلين ٺار" ٻه ڪن شردالو پريمين جي سهڪار سان شايع ڪري رهيو آهي. هي ٻئي پستڪ بابا شيوارام صاحب جن جي جيون سان سنٻنڌ رکندڙ آهن.

"ٺاڪر اڪيلن ٺار" ۾ پياري ڪمل پنهنجي نازڪ پاوناڻن ۽ احساسن جو جنهن طرح اظهار ڪيو آهي اهو سنڌس ٻين پستڪن جي بنسبت ۾ ذرا الڳ طريقي جو آهي. هن پستڪ ۾ هن پنهنجو ڏيان هڪ ئي تصوير ڏانهن کيندر رکي بابا شيوارام صاحب جن جي وشال وصفن جو وستار، سنڌن سکيائن جو سار ڏيئي دل لڀائيندڙ نموني ڪيو آهي. ساڳئي وقت باباجن جي سنگ مان ۽ سنڌن آشيرواد پترن دئاران جو ڪجهه پاڻ پاتو ۽ ڄاتو آهي ان جو ورڻائتي نموني ورنن ڪيو اٿس.

اسانجي ڪتب ٿي هن در جي وڏن ڪانوٽي جهجهي آسيس رهي آهي. ساڳئي گوٺ پرين جا هئڻ ڪري بابا هريرام صاحب جن ڇوج مان چوندا هئا ته بالڪ اوستا ۾ اسانجي ڏاڏي کين کيڏو نه پيار ۽ آدر ڏيندي هئي. پوءِ ڪهڙو عجب ته اهڙي گهري سنٻنڌ جو پاتر هئڻ ڪارڻ پياري ڪمل جي لکڻيءَ ۾ سوکيم ويچار، نازڪ پاوناڻون، اُمنگ ۽ التجائون قدرتن سمايل هجن. پڪ اٿم ته پاٺڪن کي هن پستڪ ۾ اهي خوبيون اٿين ڇڪي وٺنديون جيئن

هڪ تڙڦ - ٻي اُسات

پياري ڪمل "پياسي" جو هيءُ پستڪ 'ناڪر اکيڻ نار' بابا شيوارام صاحب جن جي جيون تي ڪافي روشني وجهندڙ آهي. بابا شيوارام صاحب جن سنڌ جي سرومڻي سنت بابا هريرام صاحب جن جا گديسر هئا ۽ ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ پيهلواڙا ۾ پنهنجو ڏيرو ڪيائون. ڪين سرسوتيءَ جي اهڙي ذات هئي جو پنهنجي مڌر ڪيرتن سان ڀارت خواه ٻاهر ديسن ۾ رٿن ڪري گروائيءَ جو پرچار ۽ پنهنجي ستگرن جي مهما خوب ڦهلايائون.

ننڍپڻ کان پياري ڪمل ساهتيه جي هر کيتر ۾ پنهنجو قلم آزمايو آهي. ٻارن لاءِ گيت ۽ ٽوٽڪا، جوانن لاءِ مذاقي ۽ مزاحي ڪهاڻيون ۽ گنڀير طبقي لاءِ گيان وارتائون لکي هن چڱو پاڻ موکيو آهي. رٽائر ڪرڻ کانپوءِ سال ١٩٧٥ ۾ جڏهن مان بابا شيوارام صاحب جن جي آڱيا سان پيهلواڙا دربار صاحب جي شيوا لاءِ آيس ته هريءَ جيون ساهتيه جو ڪاريه شروع ڪيو ويو. هن ڪاريه جو خاص اُديش هو ته بابا هريرام صاحب جن جي هر پهلوءَ تي باريڪ کوج ڪري سنڌي آدرشن جي سڳنڌ چوطرف ڦهلائجي. هن ڏس ۾ پياري ڪمل پس پريو يوگدان ڏنو. ٿوري وقت ۾ سنڌس محنت سان ٽي پستڪ شايع ٿيا: (١) سڻ سباجها سپرين (٢) سنمک منهنجا سپرين ۽ (٣) سدا ساريان سپرين. ٽيئي پستڪ چڱا لوڪپريه بڻيا.

پياري ڪمل جي لکڻيءَ ۾ هڪ قسم جي انوکي تڙڦ

شانتي پاٺ

ديهه ۽ پراڻ جا آڌڪاري داتا!
متر چاهي وروڻ.
اسان جي لاءِ ڪلياڻ ڪاري ٻڻجو،
آچار ۽ وهنوار ۾ اسان لاءِ سک ڪاري ٻڻجو.
ٻل ۾ آيمالي اندر!
واڻي ۽ ٻڌيءَ ۾ ايماني هستي!
اسانکي سانت چت بخشيو.
جنهن جا چرڻ قائم دائم آهن
اهو پڌ اڌڪاري وشنو، اسان لاءِ،
سک سمپتي ڏيندڙ ٻڻجو.
برهم روپ وايوءَ تي اسانجو اڌڪار آهي؛
تون خود برهما آهين،
توکي ئي ان سچ جو برهما تو سڏيان
تون ئي خود سچ جو اڌڪاري آهين ۽...
توکي ئي پار برهم جو خطاب عطا ٿيل آهي،
مان توکي سچ جي نالي سان سڏيندس.
اي پرميشور! تون منهنجي رکيا ڪر.
تون ئي هر منش تي مهر ڪري سگهين ٿو
منهنجي هرڪم ۾ تون ئي پڇ رک.
پوڄا جو ڪلياڻ ٿئي؛
سياستدانن کي نياءَ ڪرڻ جو مارگ ڏيکار.
گانءِ ۽ برهمڻ جو هميشه ڀلو ٿئي
۽ مسڪينن جي سدائين لڄ رهجي اچي.
وقت سر برسات وسي
ڀوميءَ تي ان جي اڻاٺ نه رهي

چقمق لوهه کي ڇڪي وٺي ۽ پستڪ هڪ دفعو شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ کانسواءِ ڇڏي نه سگهندا.

هن وقت بابا شيوارام صاحب جن جي گديءَ تي بابا گنگارام صاحب جن براجمان آهن جن ڪرپا ڪري پياري ڪمل جي ڪيل محنت سڦلي ٿيڻ لاءِ آشيرواد ڪئي آهي. شل پيارو ڪمل بابا هريرام صاحب ۽ بابا شيوارام صاحب جن جي ڳڻن جو پرچار ڪري هردم سندس آسيس ماڻيندو رهي. پڻ شل آسيس ٿئي انهن شردالو شيوڪن تي جي پياري ڪمل کي هن ڳٺواد ۾ پيا همٿائين ۽ هن داس تي جنهن کي هي ٻه اکر لکڻ جو سوڀاڳيه مليو آهي. آخر ۾ ڪريان ٿو نمسڪاران اڪٿين نار ناڪر کي! شل قبول پوي!

ڀيلواڙا، ١٩-١١-١٩٩٣ — هاسو جي. ڪيولراماڻي

بابا هريرام صاحب جي مکان نڪتل نڪتي نقطا

١- اهي گوندا، هٿين پوندا
تنهنجي پنگ، تنهنجا گوندا
ٻيءَ مست ٿيو وتو رهه.

٢- جهونو ٿيو جهاز، ست نه سهي سڙه جي

٣- نصيب نادان کي، کري ڪين اثر.
ڪلر پهه مان ڪونه ٿئي، توڙي جال پيار پنس جر،
اَڪ انب نه ٿئي، توڙي قند ٽي جهلي ڦر،
شيدي گورو نه ٿئي، توڙي مهني لاهي مر،
ڪانهن ڪمند نه ٿئي، توڙي هجي سچو سر،
نانگ ناڙو نه ٿئي، توڙي سهڻو جوڙي گهر،
ڪانون ڪبوتر نه ٿئي، توڙي سونو پائي پر،
ڪمينو اشراف نه ٿئي، توڙي دوست هجي دلبر،
پرائو پنهنجو نه ٿئي، توڙي لٽي ڪارائينس گهر:
ڪبير شاه اهڙي عادتين، آدمي ڏوڙ، سدائين ڏر.

٤- جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ،
پيو مال سپ وڃي ڏيي، ٻيڻي ڏيي اٺ،
جوڙ جي اٿي کي هٿ سان ڳوهجي،
ڪاٺ جي اٿي کي ڏجي مٺ،
چڱي کي ڏجي عزت، ٻچڙي سان ڪجي جٺ،
وچون کي هٿجي پادر، نانگ کي هٿجي لٺ
جهڙا آهن تي ويهون، تهڙي آهي سٺ
٥- گذري سان گذري، باقي وڪ رهت سان.

وشو ۾ شانتي اچي
پرم ۾ پلپل نرڀئه ٿئي
سڀني جو ڪلياڻ ٿئي
سڀ هنڌ شانتي ٿئي
سڀ ڪنهن کي پورڻ آنند پراپت ٿئي
هر ڪنهن هنڌ آنند منگل ڇانيل هجي.
هر ڪو سکيو ستابو هجي
هر ڪنهن جو تن تندرست هجي
ڪنهن کي به دک ڏسڻو ڪين پوي.
اي پريو! تون مونکي استيه مان ستيه ڏي وٺي هل.
انڌڪار مان پرڪاش ڏي وٺي هل.
ستيه ۽ اهنسا جو مارگ ڏيکار.
هو پورڻ آهي،
پورڻتا مان ئي پورڻتا ٿي پرڳٽجي
پورڻتا کي پائيندي پائيندي
شل منهنجو سڀڪو به پورڻ ٿي پوي.

اسين ڪير؟

جيڪي ٿئي هان، سو ٿيو آهي.
جيڪي ٿيو آهي، سو ٿئي هان.
جيڪي نه ڪرڻ سان ٿئي هان، سو ٿيو آهي
جيڪي ڪرڻ سان ٿيو آهي، سو ٿئي هان.
ڪرڻ سان به ساڳيو
نه ڪرڻ سان به ساڳيو
ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جو خيال ميٽجي
ڪرڻ وارو جنهن ڪيو آهي
سي اسين پاڻ آهيون.



١

ڪرپا هري شبوا ••

منش جي جيون ۾ ڪي اهڙيون گهٽنائون گهٽجي ٿيون وڃن، جي پٿر تي لڪير جي طرح سدائين تازيون ٿيون رهن. هو انهيءَ جيون ڪرتا جو ورنن ڪندي پنهنجو پاڻ کي ڀاڳ شالي ٿو سمجهي. هو محسوس ٿو ڪري ته جو ڪجهه ڪارڻ هو ڪري رهيو آهي، ان ۾ به اُن لاهوتي لال جي يادگيري سمايل آهي، جنهن جي سهاري هو جي رهيو آهي، دم ڀري رهيو آهي، ساهه کڻي رهيو آهي. اُهي گهٽنائون هڪ نه ٻئي روپ ۾ پنهنجو پاڻ پسائين پيون. اُهي سر ٿيون ساعت پيون سرجيت ٿين ۽ من ۾ هر وقت اهڙي اڇي لوچ لڳيون، جو ويچارن ۾ پاڻ مرادو اچيو وڃن.

"منهنجا داتا! منهنجا ستگر! مان هر وقت تنهنجو ئي جاپ پيو جپيان، تنهنجي تاس طلب لڳي پيئي اٿم. مون تي آسيس ڪر ته مان اندر ۾ اوجهل ٿيان. ٻاهريون ناٽ ٻاٽ ڪرڻ ڪهڙو نه آسان آهي، پر اندر جي لت ڪيئن لهي؟ تون ئي ٿيندين همراهه؛ اچي واهر ڪندين ته وڪڙ ۽ وهڪرا لنگهي پار پوان. همت ٻڪڙ بو اٿم ته جيئن همت اچيم. تنهنجي سهاري هيءَ جيون گهاري اٿم، باقي جيون به تنهنجي سهاري گهارڻ ٿو چاهيان."

سدائين گڏ

گرو اهو جو گيان ڏئي. گرو جو سدائين بخشيندو رهي. جيون جي هر اڻ ٻنگائيءَ تي نظر ڪري، سڌي راهه وٺڻ جو ڏس ڏئي. گرو جيون ۾ پرڪاش آڻيندو آهي. اڻچاٽائيءَ، آلڙتا، اڪڙتا، اشدتا، اڻڏنگو ورتڻ، رهڻ، چڪڻ، هلڻ کان سدائين آگاهه ڪندو آهي. اهڙو گرو مون پاتو، ڇو ته مون کيس جاتو ۽ سڃاتو؛ وري هنن به مون کي پنهنجو شش ڪري قبول ڪيو. جي به گهڙيون ۽ پل مون سندن صحبت ۾ گهاريا، اهي مون لاءِ سونهري پل هئا، جنهن جي ياد مون کان مور نه وسرندي. گرو منهنجو راهبر بڻيو، مون لاءِ پاسبان بڻيو. منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي هنن مون کي سچ ۽ ڪوڙ کي پرکڻ لاءِ ساوڌان ڪيو ۽ اڄ جو مان ۽ منهنجو ڪٽنب آهي، اهو سڀ سندن آشيرواد جي بدولت آهي.

"**ڏاڪٽر اڪيلين ڏار**" دتاران سائينجن جي جيون جو ورتن ڪندي مون ڪيترائي دفعا رنو آهي. منهنجي دل ڀني ٿيندي ۽ منهنجا جذبا سڏڪا ڀرڻ شروع ڪندا هئا. ان وقت منهنجو قلم رڪجي ويندو هو ۽ نه معلوم ڇو يڪدم منهنجي ڪلهي تي هڪ ڇهاءُ ٿيندو هو؛ مون کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ. ان سوڪيم ۽ وچتر ڇهاءُ سان خبر ناهي ڪهڙي تيز ڌارا منهنجيءَ دل ۾ دماغ تي ڇانئجي ويندي هئي جو يڪدم منهنجيءَ سوچ شڪتيءَ ۾ وري جنبش اچي ويندي هئي ۽ قلم اڳتي وڌڻ لڳندو هو.

ڪيڏي نه "بابل" جي مهر. پيا هر وقت پنهنجي نور نگاهن سان هر ڪنهن کي آشيرواد ڪن. سائينجن ته اڄ به اسان سان آهن ۽ سدا سدا اسان سان ئي رهندا، ڇو ته سندن نعرو به اهو ئي هو: "سڏ ۾ سڏ، سدائين گڏ."

٢٩ جنوري ١٩٩٤

- ڪمل پياسي

مڙھين ۾، شوالن ۾، ديو آستانن ۾، ۽ ھر مندر ۾ ايشور ٻراجمان ھوندو آھي، پر اھو ايشور ڪير آھي؟ ڪڏھن اھو ڄائو آھي؟ ڪڏھن اُن کي ڇھيو آھي؟ اُن جو صرف انڀو ڪيو آھي، تنھن ھوندي به، صدين لاءِ لوڪ اھڙن ڌرم آستانن تي ويندا آھن، پنھنجو سيس جھڪائيندا آھن، پر آخر ۾ پنھنجي اٽل وشواس ۽ شرڌا ڌاران منش ديھيءَ ۾ اُن پرم پرڀوءَ کي پائيندا آھن. اُھو منش جو تياڳي ھجي، شڌ انتھڪرڻ وارو ھجي، نرمل وچار، واڻي، رھڻي ۽ ڪھڻي وارو ھجي، ۽ اھڙو ئي ھجي، جھڙا ھئا اسان جا بابا جن سنت سرومڻي بابا ھريرام صاحب.

بابا ھريرام صاحب جن جو جنم سمبت ١٩٢٦ برابر ١٨٦٩ع ۾ ٿيو ۽ ٩ ورھين جي ڄمار ۾ ھو سنت ڪرپارام جي شرڻ ۾ آيا. ٣٥ ورھين جي اوسٿا ۾ ھو پرم گديءَ جا مالڪ بڻيا. سندن ننڍي ھوندي جو نالو ھو جيوترام. ھندستان جي ورھاڱي کان اڳ ١٩٤٧ ۾ ھو وڪنٺ ڌام پڌاريا. ھو پاڻ جمندي جام ھئا. پنھنجي گُرن جي واھ جا شيوا ڪيائون، جنھن کين اُڌي ڇڏيو. ھنن ئي سندن نالو جيوت مان ڦيرائي رکيو ھريرام. جيئن لوھ پارس لڳڻ سان سون ٿيو پوي، تيئن باباجن به سوامي ڪرپارام جي سنگ ۾ رھي سچا سادڪ بڻجي پيا.

سندن شش کين سڃاتو ۽ پوءِ ڄاتو.

بابا ھريرام صاحب پنھنجي ڏيھي پنھنجيءَ مرضيءَ انوسار ڇڏي. کين پاڪستان ڇڏڻو ئي ڪين ھو. آخر ۾ سائيءَ جي بيماريءَ پنھنجو بھانو بڻايو. رڳ جھڙو سرير نستو ٿي پيو ۽ ھليا ھو ھوت حبيب ڏانھن.

بابا پنھنجي گروءَ ڪرپارام جي واھ جا شيوا ڪئي. پوسن ئي گُرن به ڪين اُڌي ڇڏيو. ھو گڻ گرھڻي بڻيا.

اهڙيءَ ريت من ۾ هڪ ڀاونا جاڳي: "ڪاش! ڏڳي لڳائڻ لاءِ ڪو رهبر، ڪو پاسبان ملي وڃي، پر گروءَ بنان ڏڳي ڪير لڳائيندو؟ هڪ عقيدو، هڪ وشواس ئي آهي جو ڏيهه ڌاري منش کي گرو جي ٻڌ پراپتي ڪرائي ٿو؛ ۽ ائين ئي اگر گرو ڪرڻو آهي ته ان ۾ سمپورڻ وشواس ڌارڻ به لازمي آهي. وشواس هيڻ آدمي مرشدي پائڻ جي لياقت نٿو رکي. گروءَ جا وچن هيرن سان هنڊائڻا آهن ۽ پنهنجي جيون ۾ اُهي اُتارڻا آهن. گروءَ جي نقش قدمن تي هلڻو آهي. جي گروءَ بنان گت ناهي ته وشواس بنان به پت ناهي. ستگر کي مٿو ٽيڪڻ سان پاڻ ارپڻ ڪرڻو آهي.

ٽيڪيندي جنهن مٿو، ستگر اڳيان سڪ ٿيو،
سمجهي تنهن شيوڪ جو ڪوئي ڏک لٿو.
(سامي)

سڪ يعني شيوڪ. شيوڪ ٿيڻ آهي پنهنجو نشچيه وشواس رکڻ. شيوڪ ٿيڻ سان عمل ڪرڻ جي ڀاونا اُٿڻ لڳي ٿي. سڪڻ جي مراد سان جيڪڏهن گروءَ در وڃبو ته مڪتا جي ڀاونا اُٿڻ لڳندي ۽ گروءَ جي ٻڌل قول تي عمل ڪرڻ جو چاهه پيدا ٿيندو. اهو چاهه ئي آخر ۾ اُپت آڻيندو. سنسا ڀرم ڏک جا ڪارڻ آهن، انهن کان ڇوٽڪارو پائڻ سان ئي شيوڪ پنهنجي محبوب گروءَ جي شرڻ ۾ اچي ٿو.

نه ته... منش ڏک تڏهن کان پاتو آهي، جڏهن کان هو موهه مايا جي جار ۾ ڦاٿو آهي. اگر ڪو شد گرو ڪيس اها ڳالهه سمجهائي ته آتما ئي برهم آهي ۽ منش اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي وڃي ته سڀ برهم آهي، ته ان وقت هن جي اگيان جو پڙدو هٽي ويندو.

ڇوندا آهن ته گردئاري ۾، گرجا گهر ۾، مسجد ۾،

کي اهڙو وسواس آهي ته اهو ڪڏهن به ڪين مٽجندو، ڪڏهن به ڪين ڏڏندو.

بالڪ اوستا ۾ "سائينجن جي سرتيءَ سمر" مان ڪجهه آئي داتا مس همت ڪري سگهيس. انهن ڪجهه ڪٺن اڄ منهنجي وويڪ کي سجاڳ ڪيو آهي. ان سمرجي جي لپ پريان هان ته منهنجي لاءِ آتمڪ خزانو کلي پوي هان ۽ لٽيندي به لٽائي نه سگهان هان. اهڙي سمرتي سدائين ساهه ۾ سانڍيل رهيم، هاڻ به فقط اهڙي اڇا اٿم. منهنجو بابا پيو منهنجي سار لهندو. مان ٻـڳڙا پريندڙ بالڪ، پرانگهون پري ته ڪين سگهندس. داتا جي در جي، چائنٺ نصيب ٿي اٿم ته چڻ لـڪ ڪٽيا اٿم، جنهنجو سهارو ورتو اٿم، شل اهو ئي سار لهيم.

سفيد لباس - شڌيءَ، صفائيءَ، سادگيءَ ۽ صلح جي نشاني آهي. سفيد پوشاڪ ۾ ملبوس شخص انڪري ئي ته آڪرشڻ ڪرڻ وارا ٿي پوندا آهن. باباجن سفيد پوشاڪ پهريندا هئا ۽ ان مٿان گيڙو رنگ جو صافو ۽ چادر استعمال ڪندا هئا. گيڙو رنگ تياڳ جي نشاني آهي. لوهه باهه جي ڪوري ۾ تپي لال ٿيندو آهي، تڏهن ئي ته گيڙو رنگ اختيار ڪندو آهي. منش عبادت جي ڪوري ۾ تپي لال ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو اعلي رنگ وساري ڇڏيندو آهي. هو پوءِ ايشور طرف سؤلائيءَ سان مڙي سگهندو آهي. باباجن ٻنهي صفتن جو ميل هئا، انڪري ئي ته هو مهان هئا.

سپني ۾ ساڪار باباجن کي ڀسيم ۽ سائن ڳالهائڻ - ٻولهائڻ به شروع ڪيم. آخر ۾ مونکي ٻڙيءَ ۾ ڪجهه ٻڌي ڏنائون ۽ ائين سپنو ٽٽي پيو. ان سپني جو ورنن پتر دوارا بابا شيوارام صاحب سان ڪيم. جواب ۾ لکارايائون: "باباجن ٻڙيءَ ۾ توهانکي ڪجهه ڏنو، جو توهان انهيءَ ڪري

مهايوڳي هئا. نرپڻ هئا. نه ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪنهن لاءِ ڪاميا. سادو جيون سادو ورتڻ. انسان سان انتهه پريم. گرواڻيءَ ۾ پورڻ وشواس. ڪام تي پورڻ قبضو. اندرين تي قابو پاتو هئائون. آد ڄڳاد کان هلندڙ بنديان ۽ پکنڊاڻو بنهه بند ڪرائي ڇڏيائون. دربار جي ناطي اندر چلم چڪڻ ۽ پرائي پچار جون رسمون ترڪ ڪيائون. چلم ڪهڻي ويئي. پنجن ڏمريا ۽ پوءِ اُهي ئي پنجن اچي سندن پلئه پيا. مهان شڪتي اڳيان هو "ڪج به ڪين" ثابت ٿيا. محنت ڪيائون زمين ٽڪر تي. پنهنجو پاڻ تي پار پيائون. چيلن کي به محنت ڪرڻ جو سبق سيکاريائون. پريمي درشن ڪرڻ اچن ته اُهي به اچي هاج ڪن. "هٿ هاج ۾ - دل يار ڏي." پاڻ به ائين ڪندا هئا ۽ سيکيا به اهڙي ڏيندا هئا.

ڪنهن کان به ڪجهه ڪين وٺندا هئا. ڏيڻ ۾ اُدار هئا. ڪارائڻ ۾ ئي آنند پائيندا هئا. زور ڪري دربار ۾ ڪيرو ۽ ڏڌ پيئاريندا هئا. سڳا ڌاڳا ڪين ڏيندا هئا، پر پريمين جي ستائڻ تي، ٽالهي پڙهي ڏيڻ، پاڻي پڙهي ڏيڻ، يا سڳڙو وٺي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڪين سگهندا هئا. گرباڻيءَ ۾ سندن اٽل وشواس هو ۽ ائين ئي چوندا هئا:

"گر کي باڻي جو چلي، سڀ دک نوارڻ هار،
لکيا ميٽ نه سگهي، جو ڌر لکيا ڪرتار."

پنهنجن گرن جون ڳالهيون به ڏاڍيءَ سڪ سان ٻڌائيندا هئا، نت نيم تي رهڻ ۾ زور ڏيندا هئا. گرباڻيءَ جو ورور سمرڻ ڪرڻ سندن آڳيا هوندي هئي. "باڻي ڪنن، ناڻو ڳنڍ" اهو سندن عقيدو هو. سڄو وقت جاڳجندي، ننڊ ۾، يا ٻيءَ طرح باڻي مک تي هوندي هئن.

اڄ به هو پيا هر ڪنهن جي سار سنڀال لهن، اگر توهان

سندس چاچي ڀائي جڳترام کي ڪلي چيائون: "اسان کي شادي ڪرائيندا." ڀائي جڳترام پهرين ته وائڙو ٿي ويو، پر پوءِ مطلب سمجهي ويو ۽ شاديءَ لاءِ چيائين. "مونکي ته ٻياٽيون آهن، باقي ڀائي ڀيسومل کي ٻه ڪڪا آهن." ٻئي دفعي ساڳي ڳالهه ڀائي ڀيسومل کي چيائون. ڀائي ڀيسومل اچرج کاڌو، پر پوءِ اُهو اگم اشارو سندس پاڻ کيس سمجهايو ۽ اُهو ٻه چيائين ته جڏهن ٻالڪ ڳنو اڃان ٽن مهينن جو هو ته سندس ماتا اُهو ٻالڪ باباڻ حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ باباڻ ته پنهنجي امانت ورتي آيا هئا ۽ پوءِ جڏهن ٻالڪ ستن سالن جو ٿيو ته پوين پراچي ٻالڪ کي باباڻ کي ارپڻ ڪيائون، جو گڏ گڏ تي بابا ڀائي ڀيسومل کي چيو: "ڪيئن ڀائي اسان نيت شادي ڪئي نه." ان کان اڳ جڏهن ٻالڪ اڃان ٣ مهينن جو هو ۽ پنهنجي ماتا جي ٿڃ نه هٿڙ ڪري سريري طور ڏٻرو ٿي ويو هو ته سندن ڏاڏي بابا هريرام صاحب کي پڪاريو هو ۽ هنن جي مهر ميا سان ٻالڪ وري ماتا جي ٿڃ ورتڻ شروع ڪئي هئي. ان وقت ئي ڀائي جڳترام چيو هو: "ٻالڪ هاڻ بابا هريرام صاحب جو ٿي چڪو، جنهن تي سندس ماتا چيو هو: "موکيا ڏيئي موٽائي ونداسين." پر جو جنهنجو هو، ان جو ئي ٿي رهيو. ٻالڪ ڳنو باباڻ جو ٻالڪ کان وڌيڪ جيون ساٿي ٻڻجي پيو.

ننڍڙي ئي کيس ايسور ڳائڻ جي ڏات ڏني هئي. پنهنجي منهن ٻيو سنهڙيءَ تار ۾ رون رون ڪندو هو. دربار صاحب ۾ آرتي ٿئي، شبد ڪرتن هلي، ڪنڍڙي وٺي اچي ويهندو هو. جيڪو سر ڳائجي ٻيو سو وڃي جهٽيندو. شبد جا اکر ياد نه پونس ته ٻه طوطيلي زبان ۾ سر ٻيو آلاپيندو. جيئن وڃي مٿ عمر ٿيندو تيئن وڃي اوان

ٻڌيا هئا. باباڄن ضرور توهان کي نام جو ڪاڏو ڏنو هوندو.
"ساچي نام کي لاڳو پوک - اُس پوکي ڪاءِ چلڻي دوکو،
سو ڪيئن وسري ميري ماءِ - ساچا صاحب ساچي ناءِ."

بابا پاڻ مهر جا مالڪ. قرب ڏيندا هئا، قرب وٺندا هئا. ٻارن لاءِ ته اُهي موهه هوندو هون. پاڻ ته ائين ئي چوندا هئا: "ٻالڪ ايشور جي ڏنل ڏات آهن، پل ڪو لاءُ لڳو هجي ته ٻه منهنجي مالڪ جو." هو هر ٻالڪ کي پرڀوءَ جي لاڙي لڳائيندا هئا جو ٻه سندن چيلو ٿيندو هو. ڪيڄن گرمکي اکر سيکارڻ، گروگرنٿ صاحب جو پاٺ ڪرائڻ، دربار جي شيوا هاڄ سيکارڻ. گڏو شيوا کي ٻه گر شيوا جهڙو ئي مهتو ڏيندا هئا. هڙتي پوتر واتاورڻ ۾ باباڄن جي دربار ۾ جي چيلا ايندا هئا، تن مان هڪ هو هريءَ جو پيارو، ڀائي ڀيسومل جو پٽ گنو. (سنتن جي سڀني ڀائنڻي جو پٽ)

سنت سڀني چيلن جي پوشاڪ تي خاص نظر رکندا هئا ۽ کيس سمجهائيندا هئا: "پوشاڪ اهڙي پايو، جو ڪنهن جي ٻه نظر توهان تي نه پوي." وڏي رات پيئي هوندي هئي جو اُٿاريندا هئن ۽ چوندا هئن ته ڏاڍيان پاٺي پڙهو، ٻين جو آرام ڦٽي نه پولو ناهي، من ڪنهن مهل ڪو پراڏو انهن جي ڪن تي پوي ۽ اثر ٿيئن. ("جيون جوت" صفحو: ٦٢)

ٻالڪ گنو جيئن وڏڙو ٿيو ته سندس ٻال ليلائون ڏسي سيئي مٿس گهوريندا هئا. ٻالڪن جي وچ ۾ نرڀئه ۽ ٻي ڊٻا هئا. رانديون ڪندي ڪوئي ٻالڪ سندس وڏي ڀاءُ ڏيي سان وڙهندو هو ته هو هڪدم کيس ڇڏائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. ننڍڻ سالن جا ٿيا جو بابا هريرام صاحب جن ڳوٺ ننگو ٻهڻ ۾ پڌاريا ۽ ڳالهيون ڪندي

فقيري چولو پهرائي سنڌس نالو ڀائي شيوارام رکيائون.
(ڏسو "ستگرن جي چرنن ۾" صفحو ٨٩ کان ٩١)

دربار ۾ ان کان پوءِ ٻه ڪيترائي ٻارڙا آيا. هنڙن گلابي گلڙن کي ونگو واءُ نه لڳي، مڪڙيون اُسرڻ کان اڳ ئي نه سڪي وڃن، انهيءَ خيال کان ڀائي شيوارام ٻارڙن تي پوري نظر رکڻ لڳو.

بابا هربرام صاحب جڏهن پرين جي دربار کان ٻاهر رهندا هئا ته ڀائي شيوارام صاحب دربار ۾ چوچ پري رونق لڳايو ويٺو هوندو هو. صبوح جو آسادي وار، شام جو ڪٿا ڪيرتن، سنڌيا جو رهراس، رات جو آرتي ۽ شبد ڪيرتن باقاعدي نيم موجب ٿيندا رهندا هئا. شهر جا ڪيترا ستسنگي نت نيم سان ايندا هئا ۽ آنند لڳو پيو هوندو هو. البت دربار جي شيوا ۾ سوامي هردارام، جو ڪاٺن ڪجهه وڏو هو، ضرور سانت سهڪار ڏيندو هو. انهن چاهه سان دربار صاحب کي سنڀاليو ويندو هو. آئي وئي جو آدر - ستڪار ۽ انهن جي شيوا ٽهل اهڙي پرڪار ٿيندي هئي جو هرڪو ٻاهار ويندو هو. سنتن جي ته رڳه رڳه ٺري پيئي.

سوامي شيوارام صاحب ۾ گرو پراپت ڪرڻ جي ڀاونا هئي ۽ اهڙي ڀاونا جڏهن منش جي ويچارن ۾ اُٿين ٿئي ٿي ته هوان کي حاصل ڪرڻ جي سادنا ۾ لين ٿي وڃي ٿو. پڳتي، وشواس ۽ وندنا جو سهارو ٿو وٺي. ڪيس جڏهن انهن جو سهارو ملي ٿو وڃي ته هن مان اچائون پنهنجو ٻاڻ منجهي ٿيون وڃن ۽ هو پنهنجا گڻ، آشائون، ترشنائون سڀ پنهنجي هڪ ئي مالڪ کي ارپي ٿو ڏئي. ان کان پوءِ هو منهنجي سرير ۽ ٻڌيءَ کي هلڪو ٿو محسوس ڪري.

بابا هربرام صاحب ازغيبي پارس جا مالڪ هوندا

سر ياد ڪندو. هارمونيم ته دربار صاحب ۾ پيو هو. ذهن جو تکو هو. ٻاڻي به ياد ڪندو هو ته ڳڏو ڳڏ گرو گرنٿ صاحب مان شبد ڪڍي انهن جا نوان سر به ٺاهيندو هو ۽ پوءِ اُهي هارمونيم تي ڳائيندو هو. سويل صبوح جو اُٿندو؛ ڪريا لاهي، باغ ۾ ويندو. ڪرپو کڻي، ڪسين مان ڪن ۽ ڪک ڪڍي، ٻارن ۾ پاڻي وهائيندو هو. مک مان باڻيءَ جي ٽڪ به پيو ڳائيندو هو ته هٿن سان هاج به پيو ڪندو هو. وڻن جا سڪل پن ۽ ٽاريون ڪٺيون ڪري، هڪ هنڌ انهن کي سٽي ساڙيندو ويندو هو. باغ جو ڪچرو صاف ڪندي، پنهنجي من جو ميل به صاف ڪندو ويندو هو. ڪوه جي نار جي ڳاڏي تي ويهي، ڏاندن کي لڪڻ جي ٽونڪار به پيو ڏيندو ته راڳ جو آلاپ به پيو ڪندو. مطلب ته پور ريجهائيندو، مال جي پٺي پيو ٿپو ريندو ۽ پاڻيءَ جي مٺي ٽڪ به اُچاريندو ويندو. سنتن کي رات جو پيڙون ڏيندي به مٺو تان سان منڙي ٻاڻي ڳائيندو ڪين ننڊ ڪرائيندو. دربار صاحب ۽ ڪوه جي شيوا، گرباڻيءَ سان بيحد پريم، مک ۾ مٺڙو راڳ، انهن سڀني گڏجي پائي گني کي هر هنڌ پيارو ۽ وڻندڙ ڪري ڇڏيو. سنگيت سچ پچ هڪ جادو آهي جو انسان کي هڪ دنيا مان ڪڍي ٻيءَ دنيا ۾ وڃي ٿو پهچائي. سنگيت جي مهما عجب آهي. انسان کي داسي به بڻائي ته ورڪت به.

گنو سنتن جي هردي ۾ پيهي ويو. سندس منهن تي واکاڻ ڪين ڪندا هئا ته متان اهنڪار منجهس اچي؛ پر جي سندس گڻن جي اُپنار ٿيندي هئي ته مٿانهنس ٻلهار ٻلهار ويندا هئا. ايشور کي هر وقت ائين ٿي آرادنا ڪندا هئا ته شال کيس پختي پير تي رکي ۽ سڌين راهه بتائي.

پائي گنو وڏڙو ٿيو، ساڌن فقيرن کي گهرائي کيس

جا مالڪ. جاڳي جاڳائڻھار. خود پنھنجي برھم ليِن ٻڌارجڻ جي ۾ ڪين اڳواٽ ئي خبر پئجي چڪي هئي. ٢٣ مئي ١٩٤٧ع ۾ بابا شيوارام جن سنڌن پر ۾ ويٺا هئا، جو سڏ ڪري چيائونس: ”شيوارام، اسان هاڻي پرين هلنداسين.“

٢٤ مئي ١٩٤٧ع تي بابا شيوارام ۽ ٻيا جيڪي سنڌن سان گڏ هئا تن ڦلڪا تريل ۽ پٽاٽن جي تريل ڀاڄي رستي تي کائڻ لاءِ ڪنيا هئا ۽ سنڌن لاءِ کير ۽ سوڍا. ڪوٽڙيءَ اسٽيشن آئي سنڌن سان گڏ جيڪي هئا، تن رسوئي ڪرڻ جو ويچار ظاهر ڪيو. سنڌن ڀائي شيوارام کي چيو: ”اڄ اسان ٻـ تريل ڦلڪو ۽ پٽاٽا کائينداسين.“ هڪ ٻيءَ چيُن: ”سائين، سائيءَ لاءِ تريل شيءِ نقصانڪار آهي.“ سنڌن وري ٻه ڀائي شيوارام کي چيو: ”بابا اڄ ڪارڻ تو اٿئي سو ڪاراءِ. اڄ اسان جي هيءَ پوئين روٽي آتو.“ ڀائي شيوارام ”حاضر سائين“ چئي سنڌن کي ڦلڪو ۽ پٽاٽا ڏنا جو هنن پريم سان کاڌا. (”ستگرن جي چرنن ۾“ صفحو: ١٣٦ - ١٣٧)

بابا جن جي طبيعت ۾ ڪو ڦيرو ڪين آيو.

١٤ جون ١٩٤٧ تي بابا شيوارام حاضر هئا سنڌن شيوا ۾، جو سنڌن کين فرمايو: ”هاڻي سنو ائين ٿيندو ته دوا درمل سڀ بند ڪريو. اسين هاڻ توهان وٽ ٻن ٽن ڏينهن جا مهمان آهيون، تنهن ڪري وڌيڪ تڪليف نه وٺو.“

سنڌن سرير جيئن پوءِ تيئن ويو ڍرو پوندو. سنڌن ڪمري ۾ ڀائي عيدنداس، هڪ ٻيو ٻيمي ۽ بابا شيوارام صاحب ڪانسواءِ ڪنهن جو به اچڻ بند هو.

١٨ تاريخ شام جو، ڀائي شيوارام کي اڪيلو گهرائي ساڻن ٻه پلڪ ايڪانت ۾ انتم موڪلاڻي جي رهسيه جو

هئا. انهيءَ ڪري ئي ته هو هر ڪنهن جا گهڻگهرا هئا ۽ سندن شيوا ۾ رهي پائي شيوارام جن به پارس ٿي پيا.

اڄ به اها حقيقت سالم آهي.

سڀ سي اوچا جا ڪا نانءُ،
سدا سدا ٿاڪي گڻ گانءُ.

ڪنهن به اشٽ ديو کي دل ۾ ڌاريو ته توهان کي سندس دئاران پرڀوءَ جو پرڪاش ملندو. توهان کي باباڄن جي تصوير مان اهڙو چمڪات نظر ايندو. توهين باباڄن جي تصوير ۾ يڪ ٽڪ نهاري ته ڏسو.

بابا هريرام ٽوڙي بابا شيوارام گرهستي ڪين هئا. سندن جيون بال برهمچاري هو. هو گرو ڀڳتي کي اشٽ پوڄا جو مهتو ڏيندا هئا.

بابا شيوارام ئي بابا هريرام کي پوري ريت ڄاتو ۽ سڃاتو جو ته ٻئي هڪ ٻئي سان گڏ هئا. گرو ۽ چيلو، چيلو ۽ گرو. بابا شيوارام اهو محسوس ڪيو ته جيون آهي پراپتيءَ لاءِ. پراپتي اها نه هجي، جنهن مان لوڀ، موهه ۽ اهنڪار جي بوءِ ايندي هجي. پراپتي هجي تياڳ جي، پرڀوءَ کي پائڻ جي، تپسيا ۽ اُپاسنا دئاران نرآڪار پرڀوءَ کي آڪار ۾ سمجهڻ جي. ان ڪٺن ساڌنا ڌارڻ ڪرڻ سان، منش جي ويچارن ۾ خود به خود اهڙي اڻ ڙڻ پيدا ٿئي ٿي ۽ وقت اچڻ سان هو، ان اُستتيءَ کي پهچي، پرڀوءَ جو حقيقي پيغام ڏيڻ ٿو لڳي. منش کي اهو سڀ سمجهڻ لاءِ شرڌا جو سهارو وٺڻو آهي، نه ته سمجهڻ واري وديا سندس لاءِ اوڊيا ٿي پوندي ۽ گيان اگيان ٿيندو. باباڄن غيبي اشارن دئاران پرڀو پراپتيءَ جو ڀيت سمجهائيندا هئا ۽ جن ان وقت سمجهيو، تن سچ پچ ان وقت ئي پاتو.

بابا هريرام صاحب رمز جا ڄاڻي هئا. پنهنجي رتي سڌي

ٿيندي هئي، ڇو ته هو بابا شيوارام جي شبدن ۾ ”ڀيد نه ڪٿو ڀڳوان هئا“ بابا هريرام صاحب پاڻ ٿي چوندا هئا:

ٻوڪ نه ٻوڪين آ پڙهي، تڪن ڀرائي ٻار
سي تو ڪيئن لهن، سڃي سا دربار.

”پاڻ ٿي پاريو، ٻين ٿي ڇو ٿا آسرو رکو ۽ سڌن پرواه ڪيو“ ڇو ته هو پاڻ ٿي ولي هئا، پاڻ ٿي واحد هئا.

هري درشن

نام، نظاري ۽ نراڪت واري سنسار جي بدران جيڪر ان سرشٽيءَ کي سويڪار ڪجهي، جنهن سدائين ”هري درشن“ پرابت ٿو ٿئي. انهيءَ لاءِ سوير کي وساري ڇڏيو. وايو منڊل ڏانهن خيال نه ڏيو، صرف هڪ ٿي پرم پتا ”هريءَ“ کي خيال ۾ رکو ته اهائي توهانجي سماڌي آهي. ان وقت توهان کي آتم پرڪار جو انڀوءُ ٿيندو. توهين ڌيرج سان اڳتي وڌو. ايڪتائيءَ سان ابياس ڪيو. پڪ ڪامياب ٿيندءُ. هري توهان سان سهاءِ ٿيندو ۽ توهان کي سڦلتا حاصل ڪرائڻ ۾ توهان جو همٿ ٻڪڙيندو.

گيان ڏيئي آسيس ڪري، پنهنجي جوت هن ۾ سمائي گرياڻي جي گدي بخشي، مٿو ٽيڪي ٻاهر روانو ڪيائون.

رات جو ڀائي شيوارام سندن حضوريءَ ۾ سکمني صاحب جو پاٺ پڙهي پورو ڪيو. پوري ٻارهين ٻجي رات جو سندن ڪاٻي نار ٻهي ويئي. ڏيڍ ٻجي رات جو هٿ جي اشاري سان سائين شيوارام جن کي آهستي پاٺ ڪرڻ جي هدايت ڪيائون. پوڻين پنجين ٻجي سڀني پريمين، ستسنگين، چيلن، سنتن، مهاتمائن ڏانهن پنهنجا ديا جا پريل نيڻ ڦيرائيندي ڪائن هٿ جوڙي موڪلايائون ۽ ٽي دفعا "ستنام" چئي آهستي آهستي اکيون بند ڪري سچ کنڊ دربار پڌاريا.

ديهي ڇڏڻ کان ٻه ٽي منٽ اڳ، ڀائي شيوارام هٿ ٻڌي وينتي ڪئي هئن: "بابا آسيس ڪجو." تڏهن ٻه ڪنڌ سان "هائو" ڪيائون.

اهو ڏينهن هو ١٩ جون ١٩٤٧.

ڀائي شيوارام کي سنتن جي آگيا انوسار گاديءَ تي وهاريو ويو ۽ سڀني چيلن ۽ ستسنگين سندن اڳيان پيشائون رکي ستگرن جي جوت سمجهي مٿو ٽيڪيو. ستگر جي ڦلن جي سماڌي ڀهرين پرين جي مساڻن ۾ ٺهي. (ستگرن جي چرنن ۾" صفحه ١٤١ - ١٤٢)

بابا شيوارام جن بابا هريرام کي ڀڳتيءَ ۽ شيوا دئاران پرکيو ڀڳتيءَ جي ڀهرين پرسرٽا فقط ڪنهن تصوير يا پٿر جي پتلي دئاران ئي ٿي ملي؛ پر آخرين منزل تي پهچي مهنت جڏهن نرهنڪار کي پائي ٿو، تڏهن ڀڳتي هن لاءِ جڳتي ٿيو پوي. بابا جن وٽ ان ڀڳتيءَ واري پاونا انگيڪار

"جيوت جوت" ۽ "ستگرن جي چرنن ۾" پستڪن جو ليکڪ آهي دادا چرنداس گرسهاڻي.

هري روپ ٻاٻا هريرام



پوڄنيه ٻاٻا هريرام صاحب اُداسين - پريا اُداسي

داس شيوو او ورڻي ڪاري-آهيان اوهانجي چرنن ٻلهاري
ڪندان اوڻ سڀ جي عيب. ٻاٻا اوڻ آهين وڏو سمنڊ
- ٻاٻا شيوارام صاحب



٢

جن شبويا ـ تن پايا مان

سنت بابا هريرام صاحب جن پنهنجي ديهي ڇڏڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ئي اهڙي وصيت ڪئي هئي ته سندن ڪانپوءِ دربار صاحب جو سنڀاليندڙ ٿيندو ڀائي شيوارام صاحب.

١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تي ملڪ جو راڄنيتڪ رخ ڦريو. فضا ۾ زهر ڀرجي ويو. ڀارت بدلجي هندستان ۽ پاڪستان ٿيو. هندن جو سنڌ ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. بهتر ائين ڄاتو ويو ته سنڌ جون حدون ئي لتاڙي هلجي. ماڻهو ويا لڏيندا. ڳوٺ ۽ شهر خالي ٿيندا ٿي ويا. تڏهن بابا شيوارام صاحب جن ٻہ ڀرين جي دربار صاحب مان گهربل سامان سڙو، صاحبن جون منجهيون، پوٿيون، پستڪ، جيڪي سولائيءَ سان کڻي سگهيا سي کڻي، چيلن، ٻالڪن سوڌا اچي اُديپور رياست جي ڀيلواڙي ڳوٺ ۾ پهتا، جتي اچي دربار صاحب کوليائون؛ جايون ۽ زمينون ته ڇڏي آيا سنڌ ۾، پر هتي ! شروع ۾ ٻہ ڏاندن جا جوڙا، ڳايون ۽ مينهون ۽ ٿورو زمين اڪر وٺي اچي اهوئي ڀرين وارو رنگ رچايائون.

ڀيلواڙا راجستان راڄيہ جو ضلع هيڊ ڪوارٽر آهي. ڳوٺ

جي سمنڊ منهن ڪريان - اوءِ سر ڪيائي نه لئي
- شاهه



دين دیال - ڪرپانڌان - بابا شهوارام صاحب

آءِ گيانِي، انترامي - اوتار جي لڪـڪادار
ءَ سلطاني، مهمتا سوامي سڀاڪ ارا هاڪارا
- ڪمال اماسي

مان وڌندو شهر ٽنڊو کيس ڏنو ويو آهي. سنڌين ۾ سک
پريم ڏاڍو آهي. ساهتيءَ ۽ نوابشاهه جا گهڻا ڪٽنب آهن. چانهينءَ
جي ڳوٺن جا پريمي به هت آهن. انهن ئي باباڻن کي هت
اچڻ لاءِ چيو. **ائين ئي پرين کان پوءِ پلارو ٿيو
پهلواڙو.**

پهلواڙي ۾ اچڻ سان پهرين ڪجهه ڪنايون پيدا ٿيون.
جيڪا جاءِ مني هئي اها رهڻ لاءِ به ڪافي ڪين هئي.
اهڙي وقت ۾ بابا هريرام صاحب پاڻ اچي دربار صاحب لاءِ
جاءِ جو پربنڌ ڪيو، جنهن لاءِ بابا شيوارام جن ڳالهه ڪندا
هئا: ”ستگرو بابا هريرام صاحب هڪ دفعي پاڻ اچي سپني
۾ ساڪياٽ ٿيا ۽ چيائون: ’پائي شيوا تون دلگير ڇو ٿيو
آهين. تون منجهه نه، دربار سڌيندي دربار کي، تون
شانتيءَ ۾ رهه.‘ ائين چئي هو الوپ ٿي ويا.“ بابا شيوارام
جن اها پرولي سلي ڪين سگهيا. وري ٻئي ڏينهن به
سنتن درشن ڏنو: ”بابا دربار سڌيندي دربار کي، تون
دلگير نه ٿيءُ.“ ٻه چار ڏينهن گذريا ته سندن دربار
صاحب جي بنڪل ويجهو، هڪ وڏي عمدي جاءِ هئي،
جنهن ۾ گروگرنٿ صاحب براجمان هو. اها جاءِ هڪ مائيءَ
جي هئي، جنهن بابا شيوارام صاحب کي نياپو ڪيو ته،
پنهنجي دربار اسانجي جاءِ ۾ ڪريو ته ڏاڍو سٺو. باباڻن جي
دربار جلد ان جاءِ ۾ کڄي آئي، جنهن ۾ هينئر ننڍا -
وڏا ٢٥ ڪمرا آهن ۽ ان ڪانسواءِ پنڌارو. دربار صاحب لاءِ
وڏو هال آهي، آسڻ وارو ڪمرو آهي، جتي اهي چيزون
رکيل آهن، جن تان جيڪر بلهار وڃجي. بابا ڪرپارام صاحب
جن جي تصوير به هتي ئي ڏسڻ ايندي. پرين جي پڳت
منڊليءَ جو فوٽو، جنهن ۾ بابا هريرام صاحب جوان اوستا ۾
آهن، جنهن ڏانهن بابا شيوارام صاحب اشارو ڪري هر ڪنهن

واٽي وارو منڊل ۾ ڦهلجڻ کان پوءِ نابود ٿي ٿي وڃي، گم ٿي ٿي وڃي. واٽيءَ جو وجود سدائين ٿي قائم آهي، پر واٽي محل اڏڻ لءِ ٻه پدارٿ گهرجن، ڪجهه پوڄي گهرجي. ان ڪري ته دربار کي هاڻ پنهنجن پيرن تي بيهڻو هو.

بابا شيوارام جن ٻه جلد ئي ڀلواڙي ۾ نو ويگها زمين جا مقاطع تـي ڪنيا، جنهن مان سال لءِ چارو ۽ ٻي ڪجهه اپت ٿيندي هئي. سال ١٩٥١ع ۾ ٻيو ٽڪر زمين جو اٽڪل ١٢ ويگها خريد ڪيائون جنهن ۾ هڪ ٻنا پاڻيءَ کوهه به هئو. سنتن هڪدم کائي ڪٽائي کوهه ٺهرايو. ان کوهه تي پوءِ موٽر هڻين ويئي ۽ باباجن ان کوهه جي پاڻيءَ جي ڏاڍي پيا هاڪ ڪندا هئا. ايترو پاڻي به باغ ۽ ٻنين لاءِ پورو ڪين پوندو هو، پر جيئن جيئن کوهه ۾ پاڻي گهٽ ٿيندو هو ته موٽر هلائي ويندي هئي. پر جي اوچتو موٽر خراب ٿيندي هئي ته باباجن پاڻ کوهه ۾ لهي ويندا هئا ۽ موٽر کي هلائڻ جو اُدم ڪندا هئا. مون باباجن کي پاڻ پنهنجين اکين سان کوهه ۾ لهي ويندو ڏٺو. هاڻ ته ان کوهه مان اڻ ميو اکٽ مٺو پاڻي پيو نڪري؛ ٻي انداز پاڇيون ٿين، ڳاين جو چارو ٿئي. ڳايون مينهون به پيون پلجن. اُنهيءَ ئي زمين تي آهي سردار چنڻ سنگهه جي رهڻ لءِ ڪچڙو جهڳو، جتي ڳايون مينهون ٻڌجن. ماتا ٻسنت ڪور ڪير ڏهي ۽ سردار پاڻ زمين تي نگهه ڪن. سادي ڪچيءَ جڳهه جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ واڻ جي ٻرائي جهڪيل کٽ، جنهنتي ڪڏهن فراسي هجي، ته ڪڏهن نه به هجي، سنسنگين ۽ پريمين لءِ زمين تي وهڻ لاءِ ڳوڻيون اها ئي هئي منجهند جي ننڊ ليٽ وقت باباجن جي آرام گاهه واري ڪوٺي.

کوهه جي ڀر ۾ پوءِ ڪٽر ڪرڻ لاءِ لوهه جي پترن ۽ ڪچيءَ اڏاوت واري هڪ ڪوٺي نهي. کوهه جو پاڻي وڃڻ

کي ٻڌائي گڏ گڏ ٻيا ڏيندا هئا. باباڄن جي آسڻ واري ڪمت
باباڄن جي وقت جو ٻاجو، سنتن مهاتمائن جا فوٽا هي
ڪوٺيءَ جي ديوارن تي ٽنگيل آهن. بابا شيوارام جن جو
آسڻ به باباڄن جي ڪمت جي ڀرسان ئي آهي. جڏهن بابا
شيوارام صاحب دربار ۾ هوندا هئا ته صبوح جو اشنان وغيره
ڪري گرو گرنٿ صاحب جو وچن وٺي، ارداس پڙهائي،
ڀرڀن سنڌو هن ڪمري ۾ ايندا هئا. هٿ ۾ مالها هوندي
هئن، مک ۾ نام، منهن تي نمرتا، اکين ۾ عجب تيج،
پيشانيءَ تي ڇهڻ واري ٽڪيا ۽ پوءِ هرڪو تش شيوڪ اُتي
اچي، ڪين پيري پئي، ڪائن آسيس وٺندو هو. ان وقت اُها
ڪوٺي سندن آشيرواد ڏيڻ جو عجائب اَڏو ٿي پوندي
هئي. جيڪي به پريمي دل ۾ آسون ۽ مرادون پائي ايندا
هئا ته باباڄن انهن کي پورکي وٺندا هئا ۽ ڪا به ڪرامت يا
ڪرشمو ڏيکارڻ کانسواءِ پنهنجين نورانگاهن مان هنن لاءِ
مهر جا مينگهه وسائيندا هئا؛ ان کان پوءِ هو پنهنجيءَ
ڪوٺيءَ ۾ ويندا هئا.

پيهلوازا دربار جو ديرو نهڻ کان پوءِ دربار جي لءِ
اُپت جو سوال ٿيو. وڏن جي آگيا انوسار پنهنجيءَ ئي
محنت سان سڀ ڪجهه اَڏيو هو. ڪٿي به هٿ نه ٽنگيو
هو. بابا شيوارام شيوا داران ئي لاڀ پاتو هو، انهيءَ ڪري
هنن شيوا کي ئي گرو ڀڳتي تي مڃيو ۽ حقيقت ۾ شيوا به
اُتي تي سڦلي ٿئي، جتي تياڳ آهي؛ جتي ڏيڻ ۾ بي صبري
ناهي، پر وٺڻ ۾ بي آرامي آهي. اگر ٿن، من ۽ ڌن ڏيڻ ۾
ڪو خرچ ٿيندو هجي ته واٽي اهڙي هٿ بي ملهه هوندي
به املهه ٿيو پوي؛ جو ته واٽي ناسونت ڪين آهي. اڄ به
ڪرشن واٽيءَ کي ٥٠٠٠ سال اڳ جي ڦهليل هوا جي لهرن
تي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي ته ڪيئن ڇڻبو ته

پنيان واريءَ زمين تي اڏاوت ٿي. باباجن لاءِ ڏينهن جو آرام ڪرڻ لاءِ ڪوٺي نه هئي، ساڌ سنگت جي آرام لاءِ وچ ۾ هال ٺهيو. جهنڊا صاحب، ڏوڙا صاحب ۽ ٻيائو جون ڪوٺيون به ٺهي ويون. سماڌين جي چوڌاري زمين تي سيمينٽ جون لاديون لڳارائي پڪو فرش ڪيو ويو، جنهن ڪري اهو ٽڪر ٻڌڻ ۽ پوڄڻ ٻنهي جي لائق ٿي پيو. باباجن ٻڌڻ ۽ پوڄڻ ٻنهي کي مهتو ڏيندا هئا.

ڏوڙي صاحب ۽ ٻيائو، سماڌين جي پٺيان، ته جهنڊا صاحب سماڌين جي اڳيان؛ جنهجو اڏگهاٽن ٿيو ١٩٧١ع ۾. وڏي ڌام ڌوم سان مهان اتسو ٿيو. جنهي مکيه مهنتن ۾ هئا پوڄيه پرڪاش منڊل جا سرومڻي سنت سروآنند صاحب. ڏوڙي صاحب شڪتي ماتا منشاديويءَ جي پوڄا طرح مڃيو ويندو آهي.

پيداوار ٿيندو ويو پاڳ پلار. سنڌين لاءِ ڄڻ ته تيرٿ آستان بڻجي پيو. جيڪو به هت اچي، پوءِ پيو ان جي ساک ڪري. پريمين جي سک سهج لاءِ باباجن ”هري شيوا ڌام“ نالي وڏي ڌرمشالا تيار ڪرائي. ٻه ماڙ واري هيءَ منزل سڄي شهر جي سوڀيا آهي. جنهي رهڻ جي ڪوٺين کان سواءِ، اڳيان دڪان آهن، پٺيان وڏو رنڌڻو آهي، وڏن وڏن چلهن جو بندوبست آهي. پمپ هائوس، اسٽور روم ۽ پوڄڻ ڪرڻ لاءِ وڏو ڪشادو ورانڊو آهي. وچم هڪ سرو اڱڻ به آهي. هن مڪان جي سهوليت، نيمن انوسار سنڌين کان سواءِ ڪو به غير سنڌي وٺي سگهندو آهي.

”هري شيوا ڌام“ سان لڳ ٺهيو، وڏو ۽ ڪشادو پرارٿنا گهر، ڏاڍيءَ جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان هن ڪم جو پورائو ڪرايو ويو. باباجن پاڻ جئپور وڃي بابا هربرام صاحب جن جو پتلو تيار ڪرائڻ جو آرڊر ڏنو هو. جو اڄ هن هال

ل ۽ هڪ ٿلهي ٺهي، ننڍڙو حوض ٺهيو ۽ ٻاٽيءَ جي وهڪري ل ۽ ڪڇي ڪسي ۾ ٺهي راس ٿي. زمين جو ٽڪر وسيع رهيو. باباجن جو ڏينهن جو وقت گذري باغ تي ۽ رات جو انڌارو ٿيندي اچڻ درٻار ڏي. ائين چئجي ته باباجن وقت ورهائي ڇڏيو هو. ڏينهن جا ۱۲ ڪلاڪ باغ ۽ زمين تي، رات جا ۱۲ ڪلاڪ درٻار تي.

۱۹۶۸ع ۾ ڪنڊ واريءَ ڪوٺيءَ جي ڀر ۾ ٽي سماڌي آستان ٺهيو. جتي سنت سرومڻي بابا آتمارام، بابا منيرام، بابا ڪرپارام ۽ بابا هريرام صاحبن جون سماڌيون ٺهيون ۽ ڏاڍي ڌام ڌوم سان انهن جو اُڌگهاٽن ٿيو. ٻاهر جا سنت ساڌو ۽ مهمان پريمي آيا. اکنڊ پاٺ صاحب رکايو ويو جنهن جو ٽئين ڏينهن ڀوڳ پيو. هاڻ ٻه هر مهني ايڪادسيءَ جي ڏينهن هتي ڪٿنسر جو ڀوڳ لڳندو آهي ۽ شهر جا سوين ماڻهو ان باغ ۾ ايندا آهن، جن ۾ ساڌو، سنت، مهنت، مهاتمائون ۽ تن سان گڏ فقير ۽ مست ملنگ به اچي مڙندا آهن. سماڌين جو آستان هاڻ هڪ تيرٿ آستان ٿي پيو آهي. سماڌين جي اڳيان سائيءَ ڇپر جو ٽڪر آهي. لوهه جي دروازي لڳ مٽيري ٿلهي واري بينڪ آهي ۽ ان ٿلهي جي هيٺان ڪٻٽ آهن، جن ۾ باغ ۽ ٻني ڪيڙڻ جو سامان سڙو جهڙوڪ ڪوڏرون، تغارا، ڪڙپا، پائڙا، ٽوڪرا وغيره رکيا ويندا آهن. هر هڪ ڇنڊ تي ڪڙاهه پرشاد يا ڪنهن ٻه ڏڻ وار تي ڪا هٿ پرشادي ٺهي ته ان ٿلهي تي ويهي ورهائي وڃي. سماڌين جي ارد گرد واريءَ زمين تي پهرين ته باباجن جي ورسيءَ وقت عام پنگت کي کارايو ويندو هو ۽ ان ٽڪر سان باباجن کي ايترو ته نينهن هو، جو اُتان پٿر به ٻاڻ چونڊين ۽ جڏهن ٻارن جيان اسين اُتي هجون ته آگيا ڪن ته پٿر ميڙيو. ڪجهه سمي ڪان پوءِ سماڌين جي

ٻوڙي نهرائي ايندا آهن ۽ پنگت ۾ ورهائيندا آهن. ورسيءَ
جو ميلو پورو ٿيڻ کان پوءِ هرهڪ ٻوڙيءَ تي ٻڪو پوندي
آهي. گرو دکشنا ڏانهن باباڻن نهاريندا به ڪين هئا، البت
سوڀڪار سو ڪندا هئا ۽ موٽ ۾ "خرچي" به ڏيندا هئا؛
۽ هدايت ڪندا هئا ته اها وڃي پنهنجي ڀنڊاري ۾ گڏيو
ته ڀنڊارا ڀرپور پيا رهندا. هن اُتسو تي هرڪو ٻوڙي اچي
پنهنجي شردا ڌريندو آهي؛ ۽ موٽ ۾ آشيرواد پائي
ويندو آهي.

سال ١٩٥٤ع ۾ دربار صاحب جي ٻن چيلن ڀائي ڦيرو
۽ ڀائي ٽيوڻ کي جٽيا پارايا ويا ۽ سنڌ ۾ اُداسي پنٿ جا
نالا رکيا ويا؛ ڀائي گنگارام ۽ ڀائي آگيارام. هيءُ اُتسو به
وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو، جتي سنڌي سنگتين ۽
ٻين کانسواءِ ميواڙ جي رياست جا ٻيراڳي ۽ سنياسي
سمپردا جا سيئي ساڌ آيل هئا. هزارن جي تعداد ۾ خلق
اچي ڪٺي ٿي. جلوس ڪڍيو ويو، اکنڊ پاٺ صاحب رکيو
ويو ۽ ٽيئن ڏينهن تي برهم ڀوڄ ڪيو ويو. سنت پورن داس
ميواڙي ٻيراڳين جو سرڪردو هو. برهم ڀوڄ جي ڏينهن بابا
شيوادار صاحب انپورنا ديويءَ جي جوت جڳائي، ڀڪي
ٻوڄن جا برتڻ ۾ لڏون وغيره هئا، چادرن سان ڍڪائي
رکيا ويا. سنت پورن داس کي ڀنڊاري ۾ چرڻ گهمائڻ لاءِ
وٺتي ڪٺي ويئي، جنهن ڦيرو ڏٺي اچي باباڻن کي ڏيمي
آواز ۾ چيو: "ڀائي ساڌ! تيار ڪيل ڀوڄن ته ميواڙي ٻيراڳين
جي هڪڙيءَ پنگت لاءِ به مشڪل سان پورو ٿيندو."

سنتن وراڻيو: "سائين، باباڻن جي برڪت پوندي،
هو جاڻي جاڻڻهار آهن، پاڻ اچي پورائي ڪندا."

ڀنڊاري جي شيوادارن کي آگيا ملي ته چادرن جا
پڪ نه لاهين ۽ ٿورو مال پاسي کان ڪڍندا وڃن.

جي اوچيءَ ۽ آڪرشڻ منجهه ٿي براجمان آهي. هال ۾ ٻيو به هڪ من موهيندڙ شيام مراريءَ جو پتلو آهي. هيءُ "شيام-سندر" جو پتلو به ڪافي جاکوڙ کان پوءِ ڄيپور مان قابل ڪاريگرن کان تيار ڪرايو ويو.

وڏو ڪشادو هال، جنهن جي ٻاهران آفيس روم، اندر دواخاني جو پربنڌ، جتين رکڻ جي جاءِ، پيائو ۽ ان ڪانسواءِ وڏو يوڄن ڪنڊ رڌڻ ۽ کارائڻ جي پوري بندوبست سان تيار آهي. دواخاني واريءَ ڪوٺيءَ ۾ باباڄن ٻنهجا ڪجهه پويان ڏينهن گذاريا، جو ته ان سان گڏ سندن جاءِ ۽ پائخانو به آهي. سماڌين جي پنيان باباڄن واري ڪوٺيءَ لڳ به باباڄن لاءِ سندن جاءِ ۽ ڪموٽ جو بندوبست ڪيو ويو ته باباڄن جي مڪان نڪتو: "هاڻ ته هت چارئي ڌام ميسر ڪري ڇڏيا اٿو." منهنجو مربي ڀاءُ هاسارام جو ان وقت اتي حاضر هو، جواب ۾ فرمايائون: "باقي پنجون ڌام (يعني ٻجلي پنڪو) به اچي ويندو، سائين!" البت اهو وسڪ سائيجن کي ڏينهن مس ماڻيو.

پيلواڙا جي دربار جو استاپن ٿيڻ کان پوءِ پهريون اتسؤ بابا هريرام جي پهرين بارنهن ماسي جوُن ١٩٤٨ع تي ڌام دوم سان ملهائي ويئي. ورڻي ٻي ورسي ١٩٤٩ع ۾ ٿي. سال ١٩٥٠ع ۾ بابا شيوارام صاحب گيا ۾ وڃي سيبئي پنڊ پارائي آيا ۽ ان سال اٽان موٽڻ کان پوءِ ورسيءَ جو شڀ ڪار به ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪيو ويو. برهم يوڄ ۽ ساريءَ خلق ۾ گنگاجل ورتايو ويو. ان کان پوءِ هر سال ٿي ڏينهن هيءُ اتسؤ ملهايو ويندو آهي، جنهن لاءِ ڪنهن کي به ڪوٺ پتر موڪليو ڪين ويندو آهي. پريمي پاڻ پڇائون ڪري ايندا آهن. ڀڳت منڊليون اچي ڀڳتيون وجهنديون آهن. بابا هريرام صاحب جن جون ڪيتريون ئي يادگار تصويرون

۽ اهڙي ورتي اپنائي، جو هو سڀني وٽ پهچي ويندا هئا.

بابا جن پهلواڙو وسايو. باغ ۾ ٻنيون تيار ٿيون. انهن جي چوڌاري ديواريون ڏياريون ويون. آخر ۾ ڳئوشالا به تيار ٿي؛ باقي سوال هو نئين دربار صاحب جو؛ جنهن لاءِ ڪين ڌرمشالا کان ٻاهرين ٽڪر ڪانه هئي. ٻاهرين خيال هون ايندڙ پريمين جو ته اهي پهلواڙي اچن ته سکيا سهنجا ٿي رهن. پاڻ ئي چوندا هئا: "اسين جو هتن وٽ وڃون ٿا ته پاڻ به ڪيترو نه ڪشٽ ٿا وٺن، خرچ ٿا ڪن. پنهنجا ئي ته ٻار آهن، ته پوءِ جڏهن هت اچن ته گهر جهڙو به سک نه وٺن!"
پهلواڙا شهر ۾ ڌرمشالائن جي تڪليف آهي، جنهن ڪري ٻاهرين اُها نهڻ گهرجي. جا به نهي راس ٿي. هر سال ورسيءَ جو ميلو جو سماڌين جي باغ اندر، ٻاهر ايوان ۾ لڳندو هو؛ ۽ ان وقت گهڻي تڪليف پيش ايندي هئي، ان جو خيال ڪري ڌرمشالا کان پوءِ سٽسنگ هال جو ڪم هٿ ۾ ڪنيائون. مطلب ته پريمين لاءِ سڀئي سک ميسر ڪري ويا.

بابا جن چوندا هئا ته ٻرين جون يادگيريون ته اسان کان ڀلجن ئي ڪين ٿيون. ڪڏهن ته اهي جهونيون ڳالهيون ويهي ٻڌائيندا هئا؛ چوته اها ته حقيقت آهي ته جئن پارس لوهه کي سون بڻائي ٿو يا چندن جو وڻ ٻروارې وڻ کي چندن جي خوشبوءِ عطا ڪري ٿو، تيئن پورن سٽگرو به پنهنجي شش کي، جي پنهنجو آپو مٽائي پنهنجو پاڻ سٽگرن کي ارپي ڏنو آهي، سندن شرط ورتي آهي، ته هو سندن گهٽتائي ڪيئن سهي سگهندا.

ٻاهار ڳور آڻي - ڏنهار سدوار؛
جن ماڻس ٿي دبوتي ڪيئي، ڪرت نه لاڳي وار.

پهلواڙي اڄ سان جڏهن ته بابا جن سان پنهنجي ڏک

عجيب ڪولڪ تي گذريو. لڏون جيڪي تيار ڪرائي ٿالهه پرائي رکيا ويا هئا، سي پنڌاري ۾ آيل ساريءَ سنگت پوکري ڪاڌا، پر ساري شهر جي گهر گهر ۾ به ورهايا ويا. اسڪولن جي سڀني شاگردن، ماسترن، سرڪاري آفيسن، جيل جي قيدين ۽ ريلوي ملازمن ۾ به لڏون وڏيءَ دل سان ورهايا ويا، ته هن به لڏون ٻچي پيا. هيءَ آهي سنتن جي آسيس، جو اوڪيءَ ويل اچي سهائي ٿين. ("ستگرن جي چرنن ۾" صفا ١٤٦ کان ١٤٨- ليکڪ چرنداس گرسهائي)

باباجن پهلوارا ۾ پرين جو رنگ لڳائي ڇڏيو. منهن کان اَئي هنن پريمين تي "پريم ورکا" ڪئي. ڪٿي ڪو پريمي دکه سور ۾ هجي، شاديون مراديون هجن، جايون، دڪانن يا ڪارخانن جا مهورت هجن، منٿ، مڱڻا ۽ شاديون هجن، دکه سکه ۾ رکايل اکنڊ پاٺ صاحب آرنڀ ۽ ڀوڳ پائڻ جا موقعا هجن ته باباجن هر ڪنهن جو سڏ اوناڻي، انهن وٽ ويندا هئا ۽ پڇاڙيءَ تائين صحت سالم نه هوندي به ڪنهن جي ڪيل وينتيءَ تي انڪار ڪين ڪيائون.

هڪ دفعي سرومڻي سنت ساڌو واسوائي وٽ سائين ليلاشاهه درشن ڪارڻ آيا. سائين ليلاشاهه ساڌو واسوائيءَ کي پيري پئي گڏيا ته موٽ ۾ ساڌو واسوائي به کين پيري پئي گڏيا. عجب ڪرشمو، سائين ليلاشاهه وينتي ڪئي: "سوامي توهان جي اوچ پدويءَ اڳيان مان ته ڪي ڪين آهيان. توهين مونکي ٿانئو، نمڻ مونکي گهرجي." تنهن تي ساڌو واسوائيءَ اُتر ڏنو: "سائين منهنجي صحت ڏسو، مان جڏو جيءُ، هر ڪاريه ڪرڻ لاءِ ٻين جي حوالي، ڪنهن وٽ به وڃي ڪين سگهان. پيا ڪشٽ ۽ تڪليف سهي مون وٽ اچن، پر توهين آهيو جو پريمين جي سڏ تي هنن وٽ پهچي وڃو. اوچ پدويءَ جا مالڪ ته توهين ليکبا. "باباجن

بابا هريرام صاحب جي اصول مطابق بابا شيوارام صاحب جن به شيوا ڪاريه کي أي مکيه درجو ڏيندا هئا. هو هر ڪنهن شيوا ۾ ڀرپور هئا. گروءَ جي شيوا، ششن شيوڪن جي شيوا، آئي وئي جي شيوا، ڀنڊاري، باغ ۽ ٻوٽن جي شيوا، ٻڪين ٻين جي شيوا. مطلب ته هر شيوا مان کين پرسنتا پراپت ٿيندي هئي. پاڻ ته شيوا ڪندا هئا پر ٻين پريمين ۾ به شيوا جو ٻج ڇٽيندا رهندا هئا. هو سمجهندا هئا ته هر هڪ جگياسوءَ لاءِ هڪ شيوا، ٻي صبوري ۽ ٽيون نت نيم أي ضروري آهن. سمرن اهو نشچيو هو ته شيوا ڀاءَ سان انسان اوچ منزل تي رسي ٿو سگهي. ڪلهو چوندا هئا: ”جنهن پنهنجي من کي ماري، شيوا ۾ أي پنهنجو جيون سمرپڻ ڪيو آهي، تنهنکي ٻيءَ ڪنهن به وديا جي درڪار ڪانه آهي.“ بابا شيوارام جن کي به خواهش ٿي ته رامائڻ جي ڪٿا باجي تي ڪرڻ جي سکيا وٺڻ لاءِ باهر وڃون. باجو ته سنو جاڻندا هئا ۽ قدرت گلو به رسيلو ڏنو هون، سو باباجن سان وجهه وٺي ڳالهه ڇوريائون: باباجن ٺهه پهه چئي ڏنو: ”ڇا مهلائن کي موهڻو اٿيئي؟ شيوا ۾ لڳو ره ته سڀ ميوا در اندر ئي ملندءِ، در جي باهر وڃڻ جي ضرورت أي ڪانه اٿيئي. ياد رکه—

گهٽا پڙهيا ڪس ڪام ڪا، جو بن رهٽيءَ ڦيڪا،
دادو انٽطا نام ڪا، ٿورائي نيڪا.

باباجن ان ڳالهه کي ور ور دهرائيندا هئا ۽ باباجن جون اهڙيون ڳالهيون ڪندي ٻيا ٻلهار ويندا هئا. اهڙين ياد گيرين سان هو ڏاڍو گد گد ٿيندا هئا. عجب ۾ وجهندڙ هنن ڪيترين أي ڳالهيون ٻڌايون. مثلن—

● باباجن وڻن کي ٿالا ڏيندا هئا، انهن جي وڻن تي رکيل

سور جو ورنن ڪيو اٿم تہ چوندا آهن ٿي: "اُنن وارو پاڻيهي پيو لنئون هڻندو. وڃي سماڌي ۾ ئي ڪين باڏاء، هونئي مهر ميا جا مالڪ آهي." ورتي بہ جي اُٿي ٿي گهر جي ڪنهن ڪٽنبيءَ کي دک، سور ٿئي ٿو، جل پڙهي ڏيندا ۽ چوندا: "باباڻن جي تصوير ڏانهن نهار، سندن تصوير اڳيان بهي وڃي جل پيءُ. باباڻن جي ڪٽ کي مٿو ٽيڪ، وغيره." اهو ثابت ٿو ڪري تہ بابا شيوارام جن بابا هريرام صاحب کي ساڪيات روپ ۾ محسوس ڪيو ۽ خود پرکيو ۽ ان پرک جو ثبوت ڏنهن ٿو ملي جڏهن هڪ دفعي سندن پڙ ۾ ويٺو هوس، هڪڙي ڪنيا آئي ۽ مٿو ٽيڪي آسيس ورتي عرض ڪيائين: "سائين، باباڻن جي فوٽي جو لاڪيٽ ڏيوم." باباڻن نينگر کي سمجهائي چيو: "لاڪيٽ هوندا دربار ۾، باقي اسانجو لاڪيٽ تہ اسانجي دل اندر ئي پيو ٿو لٽڪي." اهو ڏيکاري ٿو تہ ڪين باباڻن سدائين ياد هئا.

هڪ دفعي مون پيلواڙا اڇي باباڻن کي عرض ڪيو تہ گروءَ مان وچن ونن. وچن ورتائون جو پوءِ مون کي لکارايائون:

سورت مهلا پنجوان

گر پورا آراڌي - ڪارج سگلي ساڌي،
سگل منورٿ پوري - باجي انهد توري؛
سنتو رام جپت سک پايا - سنت آستان بسي مک سهجي.
سگلي دوک مٽايا.

ارٿ جو سار بڌائيندي چيائون: "سنتن جي ڏيکاريل راهہ وٺ تہ سک پائين." ان ڪانپوءِ مون ڏٺو آهي تہ باباڻن جو ڪجهہ ڪيو ٿي سو هنن پنهنجي اسٽ ديو بابا هريرام صاحب جن کي ارپي ٿي ڏنو؛ سوامي چندراء لنڌ وانگر هن جو گرو "سامي" تہ هت تيو اسانجي لاءِ "سوامي".

ٻڙين ۾ آندو ويو. وماڻ کي ٻس جي مٿان رکيو ويو هو ۽ ٻڙين ۾ لاهڻ سمي ان جو هڪ هٿيو ٽٽي پيو. جنهن واڍي اهو ٺاهيو هو، ان کي ٿي مرمت لاءِ گهرايو ويو ته پٽ لڳائي هٿئي کي مضبوط ڪري. ان ٿوري ڪم لاءِ ان وقت ان واڍي اڍائي رپيا ورتا جا رقم ان وقت جي لحاظ کان تمام گهڻي هئي ۽ اهو به تڏهن جڏهن وماڻ واڍي جي گهر مرامت لاءِ کڻي وڃڻو پيو.

باباڄن عاشق جيان مـرڻ کي مشاهدو سمجهندا هئا. جيئن ته سنڌن آڳيا سان ٺهرائي رکيل سنڌن وماڻ ٺاروشاهه جي باغ ۾ رکيل هو؛ هڪ دفعي ٺاروشاهه باغ ۾ ڪم هلندي مٿي ڀنڀؤ هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ رکڻو هـو، شيواڌارين ان ڪم لاءِ ٽوڪريون ٻئي ڪم آنديون؛ جو ڏسي باباڄن فرمايو: "ائين ته ڏاڍو وقت لڳي ويندؤ، هو "وماڻ" پيو اٿؤ ان ۾ گهڻي مٽي کڻي سگهندا؛ نيٺ به اڳي پوءِ ان ۾ "مٽي" ٿي کڄڻي آهي. سڀني جون دليون ٻرجي آيو.

بابا هريرام صاحب جيان، بابا ٽنورام کي به پرلوڪ پڌارڻ جي اڳواٽ ٿي خبر پئجي چڪي هئي؛ پنهنجي ديهه ڇڏڻ کان اڳ سڀني سان موڪلائڻ وقت سڀني نياڻين کي دان پنج ڪرڻ جي اڇا ڏيکاريائون. دان جي رقم ان وقت هئي ڏهه آنا، سوا روپيه يـا اڍائي روپـيا. پر بابا ٽنورام هر هڪ لاءِ ٻارنهن روپيا لکارايـا. جڏهن باباڄن جو نالو آيو ته چيائون: "هيءَ ته وڏي نياڻي آهي. سنڌن جي نالي ٢١ روپيا لکو." مٿون عزيزن کي ٻـرون پيا ته سائين هاڻ هلڻ جي پيا تياري ڪن؛ تـڏهن هنن همت ٻڌي عرض ڪيو: "سائين لاباري جا ڏينهن آهـن، ٻنئي ٿيندي، توهان کان سواءِ دقت ٿيندي." ٽنـورام صاحب جن پڇيو: "ڪيترا ڏينهن گهرجن." اٿر آيو: "چاليهه، بائيتاليهه ڏينهن." تڏهن

سنڌن نالا موهه ۽ ممتا پريا هوندا هئا جهڙوڪ راجا، وزير، راڻي، ڪوتوال وغيره. بابا جن پاڻ انهن جي ذات به ٻڌائي سگهندا هئا. انهن جي وڻن هيٺان ويهي ڪٿا ڪندا هئا. صبوح جو اٿي وڻن جي هيٺان ڪرپال انب ڪٽائي، ڪوري ڪنهن کي ڏيارائي، پاڻي پيارائي ان ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. شام جو ڪٿا کان پوءِ پريمي بابا جن وٽ ايندا هئا ته ڪن ڪنهيءَ مان انب ڪٽي اچڻ لاءِ هدايت ڪندا هئا. اگر ڪو راجا انب ڪٽي آيو چوندس: "راجا ٿيندين." وري جي ڪوئي ڪوتوال انب ڪٽي ايندو هو ته چوندس: "تون ته حرامي ٿيندين."

بدي جي مهني ۾ راڻي انب پچندو هو، ته ڪيترائي پريمي شراڌ ڪارائڻ لاءِ اُهي انب وٺندا هئا. تنهن وقت ۾ اُهي ۴ رپئي سير جي اگهه سان وڪامندا هئا ۽ سڀ خلاص ٿي ويندا هئا. انب وري اهڙا مٺا جو پيا چوسجن. اهو ميناج بابا جي پرتاپ جو هو.

● پيلواڙي جو شهر - ۲۵ جُون ۱۹۷۹.

بابا شيوارام جن ڪيرتن تخت تي براجمان آهن. سماڌين واري باغ ۾ شاهي شاميانو لڳو پيو آهي. ساري سنگت ڪيرتن جو رس وٺي رهي آهي. فضا ۾ هري ڌن سمايل آهي. وايوءَ ۾ هري نام جون لهرون لرزي رهيون آهن. بابا شيوارام جن هري شبد ڳائيندي گذريل وقت جي ڪجهه پلڪن کي ياد ڪندي، ٻڌائين ٿا:-

بابا جن کي پنهنجيءَ ديهه ڇڏڻ جي اڳ ئي پروڙ هئي. اٿرو جو وماڻ به اڳ ئي ٺهرائي رکيو هئائون. آگاهه ڪيو هئائون ته وقت ايندو جو مهل سر وماڻ ٺهرائڻ ۾ ڏاڍي وقت ٿيندي ۱۹۴۷ع جو سمو. پاڪستان جو وجود ٿيڻ وارو هو. هندو مسلم تڻاءُ ڦهليل هو. وماڻ کي ناروشاهه مان

ٽڪرو ڪيسي ۾ لڪائي گهر کڻي آيو ۽ اچي سيٺ پاڻين کي کارايائين ته سيٺ ان جي واهه واهه ڪئي. اڳتي جيڏو ٿلهو ٻوٽو هو ته مٺو ۽ سوادي ٿي لڳو.

● ڪن ستسنگين ڳالهه ٿي ڪئي ته باباجن وٽ ڪپيلا نالي هڪ ڳانءِ هوندي هئي، جنهن ۾ بابا هريرام صاحب جن جو ائين موهه هوندو هو. ان کي ڏسڻ لاءِ روزانو واڙي ۾ ويندا هئا. ڳانءِ تي هٿ ڦيريندا هئا. ڀاڳن واري هئي اها ڳانءِ. باباجن کي اهڙيءَ طرح هر ڪنهن سان پيار ۽ پنهنجائپ هئي.

۳۱-۱۰-۱۹۷۸ واري ستسنگ ۾ بابا شيوارام جن بابا هريرام صاحب جن جي هڪ ٻي به حقيقت ظاهر ڪئي.

باباجن سائين سترامداس جن جي ڀڳت تي هڪ هنڌ حاضر هئا. ڀڳت صاحب حاضر پيڙ کي من مگن ڪري ڇڏيو هو. هڪ ٻالڪ ڀڳت جي سر سڳنڌ وس ٿي پنهنجو پاڻ جهومي رهيو هو ڀڳت سماپت ٿي، باباجن ان ٻالڪ کي پاڻ ڏانهن ڪوٺي ڪيس پنهنجيءَ هنج ۾ ويهاريو ۽ پاٻوهه سان پڇيو: "نالو ڇا اٿيئي." ٻالڪ جواب ڏنو: "ڪنور." باباجن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سندن مک مان نڪتو: "ڪنور، تون ڀڳت ڪنور ٿيندين." واکيه جي باباجن جي مکان نڪتا، برابر سچا ثابت ٿيا ۽ ڪنور رام باباجن جي مهر ميان سان "ڀڳت ڪنور رام صاحب" جي نالي سان سنڌين جو لاڏلو ٿي پيو.

ان کانپوءِ باباجن ۽ ڀڳت صاحب جو رستو ناتو وڌيو ۽ ڀڳت پوءِ جڏهن به نوابشاهه کان ڪراچيءَ، حيدرآباد پاسي ويندا هئا ته باباجن کي سدائين خط رستي احوال ڏيندا هئا، جنهن ۾ ائين ئي ڄاڻائيندا هئا: "توهان جو نامراد ٻالڪ پوٽا روڊ اسٽيشن تان لنگهي رهيو آهي."

فرمايائون: ”چڱو ته اسين به ايتري مهلت ٿا وٺون.“ واقعي ٿي مقرر ٿيل وقت تائين پورا ٤٢ ڏينهن پوءِ هنن پنهنجي ديهه ڇڏي.

بابا شيوارام جن ان ڏينهن جي سٽسنگ درميان اهو به ٻڌايو ته باباجن ور ور پيا سپني ۾ درشن ڏيئي ساکيات ٿين ۽ پنهنجون آسيسون ڪن. ڳالهه ڪيائون: ”پرين ۾ هئاسين، هڪ رات سپنو ڏٺم ته باغ سڄو ٻڏي ويو آهي ڇو ته باغ هڪ کڏ ۾ هو. ائين ٽي دفعا سپني ۾ ڏٺم، اهوئي ساڳيو درشيه. آخر باباجن پاڻ درشن ڏيئي چيائون: ”اڙي اٿ! باغ جي بند ۾ کنڊ پئجي ويو اٿئي. ٽن-چئن هزارن جو نقصان ٿيندءِ.“ باباجن کي هٿ ۾ لٺ هئي. مان هڪدم اٿيس. پاڻ سان گڏ لالچند کي به اٿاريم، پر هن سستي ڪندي چيو: ”هن وقت ڪير هلندو.“ اٽي مون چيومانس: ”لالچند، تون هين نه هلو ته نه هلو، مان ته ضرور ويندس.“ يڪدم پيرل چوڪيدار کي پاڻ سان ڪنيم. نوتاڪي پاڙي تائين پهتاسين ته پاڻيءَ جو آواز ڪن تي پيو. وڪ وڌائي باغ جو در کولي، ڪوڏر، تغاري ۽ ٽيڪم کڻي بند طرف وڌياسين. برابر ان ۾ کنڊ پئجي ويو هو ۽ پاڻي زور سان وهي رهيو هو. کنڊ تي بند ڏنوسين ۽ پوءِ اندازو لڳايوسين ته برابر ٻن - اڍائي هزارن جو نقصان ٿي ويو آهي. اڳه ٿي چيتان هان ته ايترو نقصان ڪين ٿئي هان.“

● پنهنجن ٻارن تي پاڻ لاءِ به باباجن بابت سائيجن ٻڌايو. رات جو ڪو اوهي واهي دربار صاحب ۾ اچي ته باباجن پاڻ ئي اٿي دروازو کوليندا هئا. مهل هجي، ڪمهل هجي، آيل مهمانن جي رسوئي به پاڻ پچائيندا هئا. هڪ دفعي نرگڻ بالڪ سنگهه وارو دادا چيلارام سنتن جي دربار ۾ آيو ۽ باباجن ڪيس پوڙي ٽڪر ڏنو. داداجن انجو هڪ

بابا جن کي جانورن سان به ايترو ئي پيار هو جو ڪين پنهنجي مڪان ڪاٽ ڪارائيندا هئا. وري جانورن کي به بابا جن لاءِ ايتري ئي شرڌا هئي، جو اِي سمجهه هوندي به، ساري ڏينهن ۾ پيو ڪي ڪين ڪائيندا هئا، جيسين ڪين بابا جن وٽان پرشادي نه ملي هجي.

● پيلواڙي ۾ هڪ دفعي هڪ پنڊت شريمتي گدوائيءَ مان خبر پيئي ته سندس ماتا شريمتي منگهارام عالمچندائيءَ کي بابا جن لاءِ ڏاڍو صدق هوندو هو. خود منگهارام به پيو پرين ۾ ايندو ويندو هو. هڪ دفعي ماتا جي دل ۾ آس اُڀري ته بابا جن سندن گهر ۾ پير گهمائين ۽ پوڄن ورتائين. بابا جن جاڻي جاڻڻهار هئا. پريميءَ جا پور پرکي ورتائون ۽ پوڄن سويڪار ڪيائون. ماتا بابا جن لاءِ سهڻي سيج سجائي هئي، پر کيس هر وقت اهو ئي ”پؤ“ بابا جن ته ڪنهن به استريءَ کي اوڏو اچڻ ڏين ئي ڪين، تـه به سندن ڪائي چرن رج گهر ۾ آئي ته اها به مون لاءِ نعمت. بابا جن آياءِ پنهنجي آسڻ تي اچي براجمان ٿيا. ماتا پريرو ئي آس لڳائي ويٺي. ڪن پائون جي معرفت بابا جن کي انـدر ڪوٺيءَ ۾ شيءِ شڪل پڻ موڪليائين. سڪ ۽ صـدق جو پرياءُ پـائي بابا جن ماتا کي ٻاڻ ڏانهن سڏ ڪيو. مـاتا ته واڙڻي ٿي ويئي ۽ اُلجهن ۾ اچي ويئي. جيئن تيئن ڪري ڪمري ۾ داخل ٿي. بابا جن پڻ هٿ جوڙي نمرتـا سان نمشڪار ڪيس. ماتـا اچا بـه واڙڻي، تان جو بابا جن چيس: ”تون ديوي آهين، پرماتما جو روپ.“ بابا جن ائين پريان ئي منش کي پرکي وٺندا هئا. ڪيئن نه منش جـي هردي جي ڀاونائن کي پرکي سڪ ۽ صدق سان کيس پرنام ڪيائون، ڪيڏي نه اوچيءَ هستيءَ وارا هئا.

هر ڪنهن ننڍيءَ وڏيءَ ڪريا ۾ بابا شيوارام صاحب،

ڪيڏو نه وشواس، ڪيڏو نه قرب، ڪيڏي نه ڀاونا هئي ڀڳت صاحب کي، باباڄن لاءِ.

● ١-١١-١٩٧٨ع جي ستسنگ وقت بابا شيوارام جن وري بابا هريرام صاحب جن جي هڪ انوکي وارتا ٻڌائي.

هڪ دفعي ڀرين جي دربار جو دروازو منجهند جي وقت بند ڏسي، باباڄن ان لاءِ پڇا ڪرائي ته خبر پئي ته اندر ٻاونجهائي پيئي هلي. عام طرح نه اٿين سمجهڻ ۾ آيو گرواڻيءَ جي ٻاون اکري جو پاٺ پيو هلندو هوندو. بابا صاحب سمجهي ويا. يڪدم گهوڙي تيار ڪرائي ۽ پنيان بابا شيوارام جن کي وهاري جڏهن دربار جي پنيان آيا ته ڏسن ته کي ماڻهو دربار جي ننڍي پٽ تي پيا ٻاهر نڪرن. يڪدم هڪل ڪيائون ۽ ڇڙٻ به ڪيائون. خبر تڏهن پيئي ته اُها ٻاونجهائي ٻي نه پر پٽي جي راند هئي، جنکي باباڄن رمز سان دربار مان بند ڪرايو.

● ١٣ جولاءِ ١٩٨٠ع تي سيٺ جهامنداس پهلواڙا دربار صاحب ۾ آيو ۽ اُتي هنن بابا هريرام صاحب جي جيون جي هڪ وارتا ٻڌائي: ”دربار صاحب ۾ باباڄن وٽ هڪ ٻلو رهندو هو. سارو ڏينهن چپ چاپ دربار جي ڪنڊ ۾ آرام پيو ڪندو هو. نه ڪنهن کي ستائيندو هو ۽ نه ڪا اُٿل پٿل ڪندو هو ۽ نه وري ڪنهن جيءَ جنت کي هاڃي رسائيندو هو. ڪڏهن ٻلڻ به رسوئي گهر طرف وڃي نُوس نُوس ڪرڻ جي حادت به ڪانه هئس. جڏهن باباڄن وٽ پوڄن ايندو هو ته اُهو ٻلو به اچي باباڄن جي پير ڇهندو هو. باباڄن جيڪا گراهي ناهين، ان کي پنهنجي مک تائين آڻي، ٻلي ڏانهن اُڇلائين ۽ اُهائي گراهي هُو کائيندو هو. اهڙيءَ طرح صبوح توڙي شام ٻلو باباڄن جي مک واريون گراهيون ئي کائيندو هو. باقي ساري ڏينهن ۾ کي ڪين کائيندو هو.

ڀرڪيو هو ته، ڳل ڦڙي ٿو سنڌر تا ڦهلائڻ لاءِ، ڏيپڪ جلي ٿو روشني ڦهلائڻ لاءِ، اگربتي جلندي آهي سڳندي ڦهلائڻ لاءِ. ان ريت جيڪا به وستو آڪرشڻ ڪندڙ هوندي آهي، ان کي ٻاهر آڻڻ، پرڪرتيءَ جو نيم آهي. منش جي اندر ۾ ديوتا آهي، آتم تتو آهي، شڪتي، آنند ۽ پرڪاش آهي. ان کي ٻاهر ڪڍڻ گهرجي، وهنوار ۾ آڻڻ گهرجي. ان ۾ ئي جيون آهي. ان سان جيون ديويه بڻجي ٿو.

باباڄن جون هٿ واريون شيون دربار صاحب ۾ ته آهن ئي، پر دربار صاحب کان ٻاهر به ڪن پريمين وٽ آهن. دادي تلسي نوتاڻي (بڙودا) وٽ بابا جي تصوير جي سجايل آسڻ تي هڪ وڃڻي رکيل آهي، جا سوامي جن ڀيڻ تلسيءَ کي ڏني هئي. اها وڃڻي بابا هريرام صاحب جن ٣٠ سال پاڻ ڪم آندي هئي ۽ خاص ڪري رسوئيءَ وقت ڪم آڻيندا هئا. سوامي جن ان وڃڻيءَ تان ٻلهار پيا ويندا آهن. جيڪو به شش شيوڪ يا پريمي بڙودا ۾ تلسيءَ جي گهر ڪين ڳڏجڻ اچي ته سڀ وچان هو ڪين باباڄن جي اها سجايل سوکڙي ڏيکاريندا آهن؛ ۽ پاڻ به ورتي ورتي ان کي ڏسي پيا ٻلهار ويندا هئا ۽ ان کي هٿ ۾ ڪڍي ڳد ڳد ٿيندا هئا. چوندا "وڃڻيءَ کي اڄ ٥٣ سال اچي ٿيا آهن، پر ان ۾ اڃان به باباڄن جي سپرش آهي، ائين محسوس ٿيندو آهي. هٿ اچي اسان اهـا وڃڻي ڪم ڪين آڻيندا آهيون. اها آسڻ تي ئي سونهي ٿي." دادي تلسيءَ ان باباڄن واريءَ وڃڻيءَ تي چانديءَ جو ڳن ۽ ريشمي ڪپڙو چاڙهيو آهي. هن وڃڻي سان باباڄن جو اهو سنديش ٿو ملي ته هر ڪا چيز سنڀالي ۽ سنڀال سان ڪم آڻجي. اهو ائين آهي جيئن چئجي. "صرفو ڪرڻ ته پٽ هنداءِ." (هيءَ وارتا ١١-١٠-١٩٨٠ع جي آهي، آستان بڙودا ۾ تلسي نوتاڻيءَ جو گهر.)

بابا هريرام صاحب جن سان ڄڻ ڄڙيو پيو هوندو هو؛ جيئن موتيءَ ۾ ڌاڳو. سندن ساک ڪندي پيا گڏ گڏ ٿيندا هئا. سندن اهو پڪو وشواس هو ته ايشور کي ڳولهڻ جي چيز ڪين آهي. سڀ انسان ايشور جا روپ آهن، انهيءَ ۾ پنهنجي ڀڳوان جو درشن ڪيو. جڏهن توهين سڀني جي شيوا، ايشور ڀاونا سان ڪندا ته توهين ڄڻ پرڀوءَ جي شيوا ٿي پيا ڪريو. اگر منش ۾ توهين پرڀو ماڻي نٿا سگهو ته پوءِ ڪنهن به هنڌ توهان کي پرڀو پراپت ڪين ٿيندو؛ انهيءَ ڪري توهان کي اگر ڪو شيوا ڪرڻ جو وجهه ڏئي ته اهو وجهه مور نه وڃايو. بابا شيوارام جن ۽ ديوان ڇمناند ڀلاٽيءَ وانگر ستگرن جو نالو ٻڌندا هئا ته سندن آتما آنند ۾ پوڄي ويندي هئي ۽ روح روحاني آسمان ۾ پرواز ڪرڻ شروع ڪندو هو. ديوان صاحب باباجن جي ساڳي مورت بابا شيوارام صاحب ۾ ڏٺي ۽ پوءِ هنن اهڙي هدايت سيٺ جهامنداس ميلواڻيءَ کي به ڏني. سيٺ صاحب اشارو سمجهي ويو. ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ جڏهن هن جو من لڳڻ لڳو ته ميلواڙا ۾ اچي آشيرواد ورتائين ۽ اڄ ڏائين هن در سان ساڳيوئي نيهن اٿس.

ميلواڙا ۾ اچڻ کان پوءِ بابا شيوارام جن بابا هريرام صاحب جي هر هڪ چيز کي نهاري، سينگاري رکندا هئا. سندن چاکڙيون جي هن وقت سماڌين واري ڪمت ۾ رکيل آهن، ان لاءِ چوندا هئا: ”باباجن جون انگيڪار ڪيل آهن ۽ انهن تي سندن پيرن جا نشان به آهن.“ باجو جيڪو باباجن جي آسڻ واريءَ کوٺيءَ ۾ آهي ۽ ڪڏهن سماڌين تي وڄائڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ان لاءِ چوندا هئا: ”سنڀالي ڪم آڻيو، وڏن جي چيز آهي، خراب نه ٿي پوي.“

مان نه ائين ٿو سمجهان ته سوامي جن اهو پوريءَ ريت

هئا. هڪ دفعي باباجن ڪجهه ڏينهن لاءِ نارو شاهه کان ٻاهر ويا ته پٺيان ڀائي نهچل اهو ٿلهو پڪو ڪرائي ڇڏيو. باباجن جڏهن واپس آيا ته چيائونس: "نهچل! هيءَ ڇا ڪيو اٿيئي؟ پريمين کان سندن سيوا کسي ورتئه. ٿلهو صاف سٿرو رکڻ لاءِ هاڻ پوٽي لڳائڻ جي سيوا پريمي ڪيئن ڪندا؟" نهچل ڪجهه ڪڇيو ئي ڪين. باباجن جي انهن چوڻ مان صاف ظاهر هو ته سندن پريمين ڏانهن ڪيترو نه ڀاونا پورڪ اشارو هو.

بابا هريرام صاحب ٻلي هئا، شڪتيوان هئا. رستي ويندي ڪي شاهينگ مٽ پوندا هئا ته هنن سان ٽوڙ نباهي سگهندا هئا. اهڙا مثال "سنمک منهنجا سپرين" ڪتاب ۾ آيل آهن. هڪ دفعي شاهينگن سان دوبدي ٿيندي، هنن سندن کهاڙي کسي ورتي هئي. شاهينگن کي پوءِ آخر تائين اها کهاڙي واپس ڪانه ڪيائون ۽ اها کهاڙي نارو شاهه واري باغ ۾ رکيل هوندي هئي. ورهاڱي کان پوءِ بابا شيوارام صاحب جن کهاڙي ته نيڪال ڪري ڇڏي، پر ٻن هٿ پارت ۾ ڪٽي آيا جو پوءِ هٿ ڪم آندو ويو. اها هئي باباجن جي ٻل جي نشاني.

باباجن جي لٺ اڄان به سيٺ جهامنداس وٽ آهي؛ جنهنجي پوڄا ٿيندي آهي ۽ بابا شيوارام جن جڏهن به بمبئيءَ وڃن ته اُن جو درشن ڪري پنهنجو من ضرور پرسن ڪن. بابا شيوارام جن کي پنهنجي ستگروءَ ۾ پورڻ وشواس هو. سندن هر چيز سان ڪين موهه هو. هنن جڏهن پنهنجي ستگروءَ جي پوري اوٽ ورتي انهن تي پورو پورو وشواس رکيو هو ته پوءِ ڪين پئه ڀولڻي ڇا جو. ستگرو آهي ماتا پتا سمان. پتا کان وڌيڪ ماتا کي پنهنجي ٻالڪ لاءِ موهه ٿيندو آهي. هوءَ پنهنجي ٻالڪ کي پنهنجي هردي اندر جاءِ

پاڻ منڍُ واڌ واٽي جڏهن ڪار واري پنهنجي جهوني جاءِ ڇڏي باندرا واري نئين گهر ۾ آيو ته مارچ ١٩٨٠ مان سندس مڪان تي ويو هوس جو باباڄن اُتي آيل هئا. جنهن روم ۾ باباڄن جو آسڻ سجايو ويو هو، تنهن ان پلنگ جي بلڪل سامهون بابا هريرام صاحب جن جي لٽ واري وڏي تصوير آهي. تصوير اهڙي ته سندر ۽ آڪرشڻ واري آهي جو مان ان تصوير ڏانهن ڪجهه پلڪن لاءِ نهاري اڳيان اُتي پرنام ڪرڻ لاءِ اُٿيس. مڃاڻ باباڄن اُهو ڏسي ورتو ۽ منهنجو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ٻڌايائون: ”باباڄن تي تصوير ڪڍائڻ جي خلاف هئا، پر جڏهن هيءَ تصوير پٽي ڪڍيائون ته مون (بابا شيوارام صاحب) سندن پير جو سچو آڳونو هٿ ساڻ مٿي ڪيو، جنهن تي باباڄن وراڻيو: ”ڇڪ مٿي، سپ مٿي مٿي.“ سوامي جن اُها تصوير ڏسي پيا ڏسندا هئا. باباڄن جو اهو به هڪ اشارو هو ته مٿي چاهي هيٺ ڳالهه مڙيوئي هيڪڙي. هتي به هوُ ته اُتي به هوُ.

بابا شيوارام جن شيوا ڀاؤ پرايو اُهو به مالڪ جي مهر ساڻ. ان جو ستانت به اهوئي هو ته منش کي پنهنجو جيون اهڙو ناهڻ گهرجي، جنهن مان ٻين کي پرسنتا ملي، لاڀ ملي، سهايتا ملي. جيڪڏهن ائين ڪرڻ مشڪل هجي، نه ٿي سگهندو هجي، ته گهٽ ۾ گهٽ ٻين جي ڪشٽن ۽ دکن کي ته عام طرح گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙوئي جيون اصليت ۾ جيون آهي، اُهوئي سچو ڌرم آهي.

باباڄن به هر وقت، هر ڪنهن کي جيون سڦلتا لاءِ آسيسون ڏيندا رهندا هئا. هڪ پريمي ويراول کان پيلواڙا آيل هو، بابا شيوارام جن ساڻ گڏجڻ؛ ان ڳالهه تي ڪئي ته ناروشاهه ۾ باباڄن جي باغ ۾ هڪ ٿلهو نهيل هوندو هو، جو ڪچو هو. پريمي ان ٿلهي جي ڏاڍي صدق ساڻ شيوا ڪندا

پهچڻ کان آسين ونڊ ۽ ان کانپوءِ احمدآباد جو پروگرام هو. پوءِ مان خبر پيم ته سائينجن اڙودي ۾ دادي ٽلسي اوڌاڻيءَ جي گهر آهن. يڪدم اوڏانهن پهتس. سائينجن عجب ۾ ته مان اتي ڪيئن! آسين ڪياءون ۽ جڏهن ٻڌايومان ته اڄ منهنجو جنم ڏڻ آهي ته ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪجهه ڪڍي منهنجي هٿ ۾ رکياءون ۽ دادي ٽلسيءَ کي چياءون: ”هو ته ڳايو جو آمريڪا ۾ ڳائيندا آهن.“ دادي ٽلسي ۽ ٻيا پريمي جيڪي اتي حاضر هئا تن شروع ڪيو: HAPPY BIRTH DAY TO YOU باباجن باغ بهار پيا ٿين. جڏهن ٻه ڏسن ته چون: ”اڄ ويو اسانجو ڪمل پياسي“

٢٠ جنوري ١٩٨١ع، وري ٻه منهنجي جنم جو ڏينهن. دادا پيلوازي مان سائينجن کان آسين وٺي موڪلي هئي. ان سان گڏ پرشاد طور پاءُ ڏني. ايچ. ٻناڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”هريرام - سنت جو سنت“ به موڪليو هئائون جو مونکي ٢-٢-١٩٨١ع صبوح جو ١٠ بجي اڙوچ ۾ مليو. ان وقت مان جيپ ڊئاران گشت ۾ وڃي رهيو هوس راجپيپلا پاسي، جنهنڪري ڪتاب پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏيم. منهنجي ڪوٽ جي ڪالر تي بابا هريرام صاحب جي تصوير جو بلو ۽ گڏيءَ ۾ هڪ لاڪيٽ هوندو آهي، جنهن جي هڪ پاسي بابا هريرام صاحب جن جي تصوير هوندي آهي ته ٻئي پاسي بابا شيوارام صاحب جن جي تصوير. اسين سڪ سان راجپيپلا پهتاسين، پر رستي تي هڪ هنڌ ٽاير پنڪچر ٿي پيو، جنهنڪري اهو ڦيٿو ئي مٽايو ويو.

ٻئي ڏينهن يعني ٣-٢-١٩٨١ع تي صبوح جو ٩ بجي راجپيپلا مان نڪري اڪائيءَ پهتو هو. اڳئين رات مون انگريزي ڪتاب جا پهريان ٤ باب پڙهيا هئا ۽ جيپ ۾ وهڻ سان ڪتاب ۾ جيڪو پڙهيو هوم اهو ئي ڌيان ۾ هوم؛

ڏيندي آهي. پنهنجي ستگر کي پنهنجي هردي ۾ جاءِ ڏيڻ کان پوءِ هر ڪا اوکي پنهنجو ٻار سؤکي ٿي پوندي آهي. باباجن پتا هئا ته ماتا به هئا. هنن جي هر ڪنهن لئي آسيس هئي. "ستيم ماتا-گيانم پتا" چوندي ماتا جو درجو پتا کان به وڌي ٿو وڃي؛ ڇو ته ماتا جنم جنني آهي. گروءَ جو پد به ماتا جي پد کان وڌيڪ ڪين آهي. شرڌا ڌاري شش کي ئي اهڙو گرو ملندو آهي، جنهنجي کوج پنيان آتما جون شرطون پڄائيون آهن. اهڙو هو پيارو شش بابا شيوارام صاحب، جنهن پنهنجي گروءَ کي سڃاتو ۽ پرکيو، ڇو ته هنن شرڌاڳتي سويڪار ڪئي ۽ شرڌاڳتي سويڪار ڪرڻ کانپوءِ من جي ساري شنڪا مٽجي ٿي وڃي. جنهن گرديو اڳيان نمجي ٿو، ان اڳيان پوءِ پنهنجا سواس به ارپڻ ڪري ٿا ڇڏجن. هو شش جي من جي چنچلتا کي پرکي ٿو ۽ مارڳ ڏسي ٿو. منش جي ڪلپنا ڪشتيءَ جو صاحب سڪان هوئي ٿيندو آهي. البت شرڌا هوندي ته شرڌاڳتي ايندي ۽ سمرڻ پٺي جو ڀاءُ پيدا ٿيندو. بابا هربرام صاحب اڳيان بابا شيوارام صاحب جن پنهنجون ڀاوناؤن پيش ڪريون، جڏهن ارپڻ ڪيا تڏهن ته باباجن به هنن سان سدائين سهاءِ هوندا هئا ۽ اڄ به هو هر ڪنهن سان سهاءِ آهن، جن جن هنن ۾ پنهنجو وشواس ڌري ڪين سچيءَ دل سان ياد ڪيو آهي.

سڀني ۾ بابا هربرام صاحب جن جو درشن مون کي نه ٿيندو آهي/ ٿيندو هو ۽ اهڙي حقيقت جڏهن به مان بابا شيوارام صاحب جن سان ڪندو هوس ته چوندا: "پنهنجا پيارا، نيهن نيارا ياد نه ايندا ته ڪير ايندا. انهيءَ ڪري ته هو سڀني ۾ ساکياتڪار درشن ڏيندا آهن."

٢٩ جنوري ١٩٨٠ع، منهنجي جنم جو ڏينهن. مان سرڪاري جيپ ڊرائيور بڙودا آيو هوس، پنهنجي پوڙهي ۽

مون مٿان رهي ٿي. باقي ڇا گهرجي. مان جو ڪجهه ڪيان ٿو، اهو هو مون کان ڪرائين ٿا ۽ باقي ته مان اڳ ۾ پياسي هوس ۽ هاڻ به پياسي آهيان ۽ سدائين سندن پريت جو پياسي ٿي رهڻ ٿو چاهيان.

بابا هريرام صاحب ۽ ان کان پوءِ بابا شيوارام صاحب ٻئي ايشوري روپ هئا.

هاڻي به پيلواڙي ۾ —

ساڳي مٽيءَ، ساڳي درد ونڊن جي دل وٺڻ ۽ ساڳيو ئي الولڪ واتاوَرڻ، اڄ به بابا شيوارام صاحب جن لاءِ پوسند آهن.

وڏن جيان بابا شيوارام صاحب به پيلواڙا ۾ رهندي گهڻو وقت زمين تي گذاريندا هئا. صبوح جو دربار ۾ ڪيرتن ڪري، آيل ستسنگين سان من ميل ٿي، هليا ويندا سماڌين واري باغ ڏي. هيٺ گوڏ ٻڌي ڪم ۾ جنبي ويندا، ڏينهن جي رسوئي به اتي ڪندا. ڪڏهن ته ڪلي ڪلي چوندا هئا: ”اسين ته بابا، ٻارن جو پورهيو ڪري ٿا کائون.“ برابر هو سچا ڪرم يوگي هئا ۽ سڀني ستسنگين ۽ پريمين لاءِ سيوا جو اتم آدرش ڇڏي ويا.

سارو ڏينهن باغ ۾ گهارڻ جو نيم هنن ۾ بابا هريرام صاحب ننڍي هوندي ئي وڌو هو، جنهن بابت ۲۷-۹-۱۹۸۰ واري ستسنگ ۾ خوشيءَ خوشيءَ سان ورنن ڪندي آکيو هئائون.

”باباجن صبوح جو نيرڻ ڪري نڪرڻ جو آديش ڏيندا هئا. اسين به صبوح جو جوئر جو ڏلهو يا ٻوڙي ٽڪر، مکڻ ۽ ڏڌ جي گلاس سان کائي، باغ ڏي ڪم تي هليا ويندا هئاسين. صبوح جو اتي ڪم ڪري، اونهاري جي تتهڻ اس ۾ مٿي تي ڳاهه جي ڀري کڻي دربار ڏي ايندا هئاسين.

ائين اٽڪل ۳۱ ڪلوميٽر گاڏي هلڻ کان پوءِ مونکي ائين لڳو ته باباڄن به مونسان گڏ جيپ جي رفتار سان هلي رهيا آهن. مان انهيءَ خيال ۾ اهڙو ته لين ٿي ويو هوس جو خبر ئي ڪانه ٿي پيم ته ڪٿي آهيان. نيٺ ڳوٺ کان مانڊوي رستي تي ڪل ۴۲ ڪلوميٽر سفر ڪرڻ کان پوءِ اوچتو جيپ جو پويون ٽائر ڦاٽي پيو. ان وقت جيپ ۷۰ ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهي هئي ۽ ٽائر ڦاٽندي ايڏو ته وڏو ڦڙاڪو ٿيو جو ٽائر جي اندر اٽڪل ۶ انچن جي لنبائيءَ وارو ٽڪر جنهنکي گيٽر ڪري چئبو آهي، ٽائر مان ٻاهر نڪري اڌ ڪلوميٽر جيترو اُڏامي وڃي پري پيو ۽ گاڏي ان اڌ ڪلوميٽر هلڻ کان پوءِ رڪجي وئي، گاڏي بيٺي اچي هڪ ڳوٺ وٽ. مان جيپ مان هيٺ لٿس ته باباڄن واري ڏٺل صورت گم ٿي وئي. ڊرائيور ٽائر جي حالت ڏيکاري ته مان وائڙو ٿي ويس. اگر ان حالت ۾ جيپ اونڌي ٿي پوي ها ته مون سوڌا ويٺل ڪل ڇهن ڄڻن جيون جو ڇا ٿئي ها. اها سڀ مهر ميان بابا هريرام صاحب جن جي هئي جي جيپ سان گڏ ٿي هليا ۽ سوريءَ مان ڪنڊو ڪري ڇڏيائون. هو هر هڪ وشواسيءَ سان سدائين انگ سنگ سهاءِ هوندا آهن. پاڻ ئي جيپ کي اونڌو ٿيڻ کان بچائي ورتو هئائون. باباڄن پيا هر ڪنهن تي اهڙي مهر ڪن.

بابا شيوارام جن هڪ دفعي وچن ونڻ کان پوءِ خط ذريعي مون ڏانهن سنديش موڪليو: ” اکٽ ڀنڊاري تيرا نام.“ ٻلهار وڃان پنهنجي سائينءَ تان. اکٽ ڀنڊاري هو پاڻ هئا. سندن هر وقت ٻاجهه پيو مڱان. مان ته هڪ ڪکه جي برابر به ڪين آهيان. مان پينو ٿيڻ ٿو چاهيان، سندن چاهت جي چانئٺ جو، سندن ديا جي در جو. اهڙي سندن ڪرپا

اُها هوندي ته ڀورين ان کي نمسڪار ڪري ٻوءِ آسڻ تي براجمان ٿيندا هئا. ڪنهن به شهر ۾ اگر ڪنهن جي گهر ۾ آسڻ ڪيائون ته اهو جيسين اتي هوندا هئا، ڪين مٽائيندا هئا. سائين پنهنجو سيڪجهه پنهنجي ستگرن کي ارپي ڇڏيو هو. جيڪو به ڪاريه ڪندا هئا، ته ان ۾ باباڻن جي ئي مهما ڀيا ڳائيندا هئا. ڀلهار ڀيا ويندا هئا سندن نانءَ تان. سندن وشواس هر هر ٻڌائيندو هو: "سري سنت بابا هريرام ڪو وندن وارو وار." ۽ منهنجي خيالن ۾ به اهڙي وندنا هر وقت، هر پل، هر سمي ۾ سجاڳ هوندي آهي. ان ساوڌانيءَ ۾ مان پنهنجا ويچار، خيال ۽ جذبا نڇاور ڪري ڇڏيندو آهيان. ائين ڪرڻ سان مان ائين ته ڪين ٿو سمجهان ته مان ڪو تياڳي ٿي ويو آهيان، پر اهو سو محسوس ڪندو آهيان ته جڏهن مان هر وقت پيو کين ياد ڪيان، سندن سمرڻ ڪيان، ته هو موکي ڪيئن وساري ويٺا هوندا.

سورج اُلهڻ وقت هوءَ پنهنجن سورن ڪرڻن کي پاڻ ۾ سميٽي آڪاش ۾ لين ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان جو اهو اعليٰ ايشوري روپ باباڻن ٻه هئا جنهن لاءِ اسين سندس ڪرڻن مثل آهيون. ورتيون، نوورتيون، آشائون، اڇائون، ڪامنائون، پيڙائون، اڀلاشائون، دوش، ڪمزوريون، برا ويچار ۽ پاپ پاڻ سان کڻي اسان کي سوتنترتا سان هن جهان ۾ رهڻ لاءِ ڇڏي، شرو شڪتيوان پرڀوءَ جي چرنن ڪملن ۾ وڃي نواس ڪيائون؛ جنهن لاءِ هڪ ڏڏڪو ڏيندڙ پتر پيلواڙا دربار مان آيو:

"گهڻي دک وچان لکڻو ٿو پوي ته اساڻو پوڄ پوڄنيه پتا بابا شيوارام صاحب ڪاڪه چنچر ڏينهن راڪ جو پوئين اوين ٻجي جوتي جوت سمايا. اڳئي سنسڪار سڀاڻي سومر تي ٿيندو. انگريزي چوٿين ڏينهن يعني ٢٦ اپريل ١٩١۴ع

باباڄڻ هوندا هئا تہ ڪنگهار ڪري ساوڻان ڪندا هئا ۽
لڪل آسيسون بہ ڪندا هئا. گاهہ جي ڀري لاهي، اچي
جھليءَ هيٺان ويھي، پاڻيءَ جو گلاس پي سمھي پوندا هئا-
سين. ٻي ڪا ٻہ اصل لڳندي ڪانہ هئي. فرصت جي
ننڊ اچي ويندي هئي. ۴ ٻجي کن اٿي مٽ ۾ رکيل ڀڳڙن
مان هڪ لپ کڻي، پاڻي پي، وڃي گاين جي شيوا ڪي لڳبو
هو. ڪيئن سمو گذري ويندو هو، خبر ئي ڪانہ پوندي
هئي. رات جو ستسنگ جي سماپتيءَ کانپوءِ پيٽ ڀري کائبو
هو. کاڌل مھل اچي ونڊ ڪندا هئاسين انهن جي ڀرپل
چانڊيءَ کي. هڪ هڪ ۷-۸ انب کائيندو هو ۽ ان سان گڏ
هوندو هو، پنھنجي ئي گاين جو شڌ کير ۽ کچڙي."


بابا شيوارام جن بابا هريرام صاحب جون ڳالهيون ٻڌائي
ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا. هنن پنھنجي گروءَ جي سادگي پاڻ
بہ اپنائي. اٿندي وهندي "هري هري" جو جاپ پيا
ڪندا هئا. هريءَ جي شرڻ ۾ رهڻ جو پيا آديش ڏيندا هئا
۽ انهن ئي منهنجو وشواس بہ پربل ٿي ويو آهي تہ:

"WHY FEAR -- WHEN HARI IS HERE"


باباڄڻ بڙودا ۾ هڪ دفعي سکيا ڏيندي چيو هو:
"جنهن شخص کي شرڌا هوندي آهي ۽ هو پنھنجي گروءَ
۾ پڪو نشچو رکندا آهن تہ اهي ور ور پنھنجي گروءَ اڳيان
مٿو ڪين ٽيڪيندا آهن، باقي ٻيا هوندا آهن جي ور ور
پيا گروءَ اڳيان مٿو ٽوڪيندا آهن." اهڙيءَ طرح هڪ پريميءَ
کي بابا شيوارام جن منهن منهن چئي ڏنو هو: "ابا! چو ٻيو
هر هر مٿو ٽوڪين؟"

بابا شيوارام جن پنھنجي ستگرو ۾ پورڻ وشواس اهڙو،
جو ڪٿي بہ ڪنهن جي گھر ۾ وڃن؛ جتي سندن آسڻ ڏاهيو
ويندو هو تہ پھرين ڏسندا تہ باباڄن جي تصوير اٿي آهي.

—— اکرن جي ديدار ۾ آهه عجب اسرار ——



ٻن حرفن ۾ انبار آسيسن جا اَنيتا ڏانهن موڪليل



سڄڻ سونا سنت جن - ڏوت ملي سووار
ڏرجن ڪنب درار جئن - ملت نهين هر وار


بابا! ڱرواڻيءَ جي ٻهراڻ لکي ۾ ئي اشارو ڏيئي ٻاڙ سان ڳنڍي ڇڏيو.

— ڪمل پياسي

تيرهون ۵ مئي ۱۹۸۴ تي رکيل آهي. ايشور جو ڀاڻو سمت ڪري مڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه آهي." (پيلواڙا ۲۴-۴-۱۹۸۴)

ڀاڄيءَ جو سوامي جن جي طبيعت ٺيڪ ڪانه رهندي هئي. سهڪي جي تڪليف ته سالن کان هئن ۽ مکه ۾ ڦوهارو هڻندا رهندا هئا پوءِ آرام ايندو هون. پيلواڙا مان ۱٦-۴-۸۴ع تي هڪ خط آيل هو جنهن ۾ ذڪر ڪيل هو: "صحت ٻيءَ طرح ٺيڪ اٿن، پراچان ڪمزوري محسوس ڪن ٿا. سڄو وقت باغ تي سماڌين وارين ڪوٺيءَ ۾ رهندا آهن. پاسي ۾ نئين باٿ روم سڀ سهوليتن واري ٺهرائي اٿن." اهڙي خط اچڻ کان پوءِ، وري جو هڪ ٻيو ڏڪو ڏياريندڙ خط آيو، ته تنهن مٿيون ٿي منجهائي ڇڏيون.

انتم درشن جو موقعو ته ڪين مليو، پر تيرهين کان ۳ ڏينهن اڳه پيلواڙا پهچي ويس. سماڌين واري آستان جي اڳيان، ڪچيءَ ڇپريءَ هيٺان، جتي اڳه اکنڊ پاٺ رکيا هئا ۽ جتي هر مهيني ڪيسر ڀوڳ پرساد ساڌن مهاتمائن ۾ وراهيو ويندو هو، اتي ئي سوامي جن جو اگني سنسڪار ڪيو ويو هو. ڏسي دل ڀرجي آئي. ان ڪانپوءِ سندن آسڻ تي سندن فوٽي ڏانهن نگاهه ڪيم ته مونکي زندگيءَ جا ڪيترائي چتر ياد اچڻ لڳا. ڪا ساعت ڪين هئم ته ڪٿي آهيان. مان انهن يادگيرين ۾ غرق ٿي ويس.



٣

سنگر پرک سجان

ڪيتريون ئي يادگيريون ٿيون اچن اڄ. باباڻن جون قرب ڪهاڻيون لکڻ ويهه ته لکي ڪانه ٿي پوي.

● جڏهن به پيلواڙي وڃبو هو، بابا شيوارام صاحب جن، ڏوٽي صاحبن مان ڏوٽي پرساد ڀڙين ۾ ڏيندا هئا. "پنج گنج" چئي وشواس جاڳرت ڪندا هئا. "ڏوٽي لاءِ ڪشت مٺاءِ، سڪ پاءِ." دل اڇليون ڏيڻ لڳندي آهي. جڏهن ساريڪ ڏڪ مٿي ته اکين جي پڙدي تي باباڻن جو عڪس ائين چٽو ٿي وڃي جو پاڻ ته اها ڏوٽي به هنن پنهنجن پوتر هٿن سان ئي لڳائي آهي.

● سائينجن (جنهن نالي سان اڪثر شيوارام صاحب جن پرسد هئا) هڪ لڪل اشاري ۾ پتر دئاران لکائي موڪليو.

"سڄڻ سائين سمايل نظر ۾ - اکيلو نه جاڻ پاڻ کي، غيبي جهاني پاءِ، پوءِ ملندءِ سهج سڀاءِ، گرڌر گوڪل گانوءِ جو."

ڪا مڙسي ڪري ٻن مان ئي ئي پئو، پوءِ وري تن مان چار ئي ويندا (چار). چئن جو اڄ نيرائي صاحبن مان وچن آيو آهي.

● "سدا سدا پر جاچي، پرڀ ٻالڪ راکي آپي،
ستلا ناڪر رهائي، ٻگهن ڳٽي هر ناٿي."

بابا شيوارام جن ميٺون وچن لکائي موڪليو، پر ان ۾ به گهري اُستتي هئي. هريءَ جو نالو وٺو ته توهان جا سڀ وگهن دور ٿي وڃن. خط جي شروعات ۾ سائينجن باباجن جي وندنا ۾ لکائيندا هئا: "خوشي آسين پوڄيہ شري ١٠٨ بابا هريرام صاحب جي". ۽ ان ڪانپوءِ پنهنجو ۽ ٻين جو نالو درج ڪرائيندا هئا ۽ پوءِ آشيرواد جي شبدن ۾ انهن ٿي لکائيندا هئا: "رکو سماڌين واري سائينءَ تي، سڀ چڱي ٿيندي." مون به سڀ ان سائينءَ تي ڇڏي ڏنو آهي. رکي وٺندو.

● آفيس جي ڳالهين ڪارڻ ڪنهن طرح جي ڪٺنائيءَ ۾ اچي ويو هوس. شنوائي چالو ٿي ويئي هئي. ڳالهين جو حل ڳولهڻ لاءِ باقاعدي پڇا ڳاڇا شروع ٿي. مون به پنهنجو ڀاڳ ڇڏي ڏنو گهوٽ پرڀائي تي. آراڌنا ڪندو رهيس. سائينجن کي ان لاءِ اطلاع ڏنم ته جواب ۾ لکارايائون: "توهان لکيو ته ڪيس جي شنوائي ٢٩-١٢-٧١ع تي آهي. باباجن جي مهر ميا سان جيت ٿيندي." ڪيس هلي پورو ٿيو. ان ۾ فتح حاصل ٿيم. منهنجو مڙيوئي چنتائون دور ٿي ويون.

● سائينجن سدائين اهوئي آديش ڏيندا هئا ته جڏهن باباجن جو در پڪڙيو اٿوَ ته باقي ٻيو سڀڪجهه به هن تي ڇڏي ڏيو. ١٥-١٢-٦٧ع تي هڪ خط دئاران لکارايائون: "پيارا پٽ ڪمل! گرو بابو توسان انگ انگ سهاءِ ٿيندو. جتي ڪٿي راکو ٿيندو. ڏکيو ڏينهن نه ڏيکاريندو. ڪائي چنتا نه ڪندا. گرو راکو ٿيندو. لکيؤ ته ڪم ڏکيو آهي. چنتا نه ڪندا. ويندا ڏينهن گذري-ايندي سکن جي وردي.

"سري سنت بابا هريرام ڪو وندن وارو وار
جاپ نام پرتاپ تي منت هيءَ پاپ ڀاڙ."

چئن دسا ڪيني پل اَپنا - سر اوبر ڪر ڌاريئو
ڪرپا ڪئاه، اولوڪن ڪينو، درس ڪا دوک مساريو
هرجن راکي هرگووند - ڪشٽ اوگڻ سڀ ميٽي
دَيال پُرک بخشند
جو لاڳي ناڪر اپني دي، سوئي سوئي ديوي،
نانڪداس مک سي جو ٻولي-اِيها اوها سچ هووي.

ٻلهار وڃان سائينجن جي ان مهر ميان واري آئم آسيس ٽان. ”سڻ سڀاڳها سپرين، جيئن مان نہ ٻڌا ڪي ٻيو“ ور ور آراڌنا ڪندو رهان؛ جيئن منهنجا خيال ٻين هنڌ نہ ڀٽڪن. ”سمريان ساري رات سڀان.“ اهڙي مهر ڪجي مونکي، منهنجا مالڪ! جڏهن بہ گروباڻي مان وچن ڪرندو آهي. ”هري ايڪ سمر، ايڪ سمر، ايڪ سمر، پياري - ڪل، ڪليش، لوڀ، موهہ، مهاپڙ جل تاري.“ تہ خوشيءَ مان منهنجي دل جهومي اُٿندي آهي. اهوئي وچن هو جو باباجن مونکي ڏنو تہ هر هر جپيندو رهان. ان ڏڻ منتر تي مان اڃان بہ قائم آهيان.

● منهنجي جنم ڏينهن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ دادا مونکي پيلواڙا مان هڪ ٽيپ سوکڙيءَ طور موڪلي ڏني ۽ هدايت ڪيائون: ”ٽيپ پنهنجي جنم ڏڻ تي ئي کولي وڄائج.“ طرح طرح جا خيال منهنجي اردگرد گهيرو ڪندا رهيا ۽ آخر جنم ڏينهن صبوح جو سويل جڏهن ٽيپ کولي وڄايم تہ خوشيءَ ۾ ڦوليو نہ سمايس. دل ۽ دماغ کي چستي وڃي ويئي. ٽيپ ۾ ڀريل هئي بابا هريرام صاحب جن جي منهنجي ئي لکيل جيوني، دادا جي آواز ۾. ٻرسنتا وچان اکين مان آنسون لڙي آيم.

سونهي ۽ ٻن سالن جو ڪورس پورو ڪري گوڏرا ۾ واپس اچي چارج ورتم.

● سائينجن هڪ دفعي هوليءَ جو سنديش موڪليندي لکارايو:

هولي کيڏي سنت شيو- رنگ لاڳا اُت هل ديو،
گهر شيوهه ڪر نمشڪار- اڄ هماري منگلا چار.

اجوڪو گروءَ جو وچن تمام سڄو نڪتو آهي.

گرپورا نمسڪاري- پوپ سڀ ڪارج سنواري،
جو اپني ڪرپا ڌاري-پوي پورڻ پرڀوءَ سنواري.

(۱۳-۲-۱۹۱۶ع)

● چنڊ جي ڏينهن جون لک لک واڌايون موڪليائون ۽ گڏو گڏ ان ڏينهن جو وچن به لکائي موڪليائون.

(۲-۱۰-۱۹۷۰)

ڏنا سوچي مهلا پنجوا

هر من بسيا سوئي-جنهن ڪار ڪري سيڪوئي
گرپوري کي وڏي وڏيائي-نانڪ قيمت کهي نه جائي.

ڪيڏو نه پيار، ڪيڏي نه اُڪير، نه گهرندي به اڻ سڏيءَ طرح سڀ ڪجهه ڏيئي پيا ڇڏين. پرماتما جا پري پورڻ پيارو هئا اسانجا سائين بابا شيوارام صاحب.

● پنهنجو بار سمجهي، پيار جون پچڪارون پيا ڏين. پتر لکارايائين ته انهن تي لکارائين: "توهين اسان کي هر وقت ياد آهيو. امتحان جو ليکو، سوئي گرو بابا اچي ليندا سهاءِ ۽ مددگار ٿيندا. سٺي سمت ڏيندو. سٺي سمجهه ڏيندو ۽ جو امتحان ڏيئي پاس ٿي، ان ڏاڪي تان چڙهي پوندا. ڪائي چنتا نه ڪندا. ڀڳوان سڀ ڀلي ڪندو" (۴-۱-۱۹۷۵) اهڙيءَ ريت هر منزل تي، هر ڏاڪي تي،

● ١٩٦٨ع ۾ منهنجيءَ پتنيءَ کي سندس لکيل ڪتاب "استري درشن" لاءِ يونيسڪو جو انعام مليو. سائينجن کي ان بابت ڄاڻ ڪيم. جواب ۾ سائينجن حب پريا هڪار ڏيندڙ واکيه لکارايا: "ڪتاب جي باري ۾ لکيو؛ سو ايشور وڏو مان مرتبو ڪندو. ستگر جي مهر ٿيندي. ايشور سڀ ڀلي ڪندو.

جيئن راکي تيئن رهڻي.
گهٽي چنتا نه ڪندا.
چنتا بساري ايڪم رشتينا-نانڪ گيان انجن جنهن ٿيا.

توهان کي جڏهن سهوليت ملي دربار صاحب ۾ اچي درشن ڪري سگهو ٿا."

● سائينجن جڏهن خط لکارائين ته آسيس جا انبار ٻري موڪلين. ٨-٩-٦٢ع تي لکارائون: "تون هينئر سري ۾ نيڪ هوندين ۽ دک سک جو هيءُ سري اڳي ٿي بڻيل آهي. مزي ۾ هر وقت خوشي ڏار. باباجن جو اچار ڪر، سڀ دک دور ٿي ويندا ۽ بدلي به ٿيندي." باباجن جي نالي ۾ أي هو سڀ ڪجهه ڏيندا رهندا هئا. انهن پيو لڳي ته باباجن هئا نه پر آهن. جنهن به روپ ۾ توهين ڪين ياد ڪيو، هو مهر ڪيو ڇڏين.

● ٻن سالن لاءِ مونکي پنهنجي خاطي طرفان فشربز ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما وٺڻ لاءِ بمبئي موڪلڻ جو حڪم سرڪار طرفان آيو. مان بمبئيءَ وڃان ته گهر ۾ منهنجي پتنيءَ کي ٻڙودا ۾ اڪيلو رهڻو ٿي پيو. پهرين آگسٽ ٦٦ع تي بمبئيءَ ۾ حاضر ٿيڻو هو. سائينجن کان آسيس گهرايم. جواب ۾ لکارايائون: "پيارا پٽ ڪمل! لکين تو ته ١-٨-٦٦ع کان پنهنجو ٽريننگ آهي، سو ٿي ڀڳوان سڀ ڀلي ڪندو." ان کانپوءِ مون پنهنجي نوڪري کٽي پنهنجي ڏاتار کي

۽ سوريءَ مان ڪنڊو ٿي پوندو. سڀ ڀلي ٿيندي، چنتا نہ ڪندا.” (١٠-١-١٩٧٢)

● جڏهن بہ گرباڻيءَ مان وچن ڪڍي موڪلين ٿا، نسچنت ٿي رهڻ جو آديش بہ موڪلين. ائين ٿي سنيہ پراپتيءَ لاءِ ساوڌانيءَ جو سنديش ڏين. هتي هتي هرهنڌ پريوءَ جو پسارو پائڻ لاءِ آگاهہ ڪن. مَن کي مضبوط ڪرڻ جو درشن دل ۾ ڌارڻ لاءِ ساوڌان ڪن.

● هڪ شپ موقعي تي سائينءَ احمدآباد اچڻ وارا هئا ۽ ان سمي خوش ٿي ڪويتا جي روپ ۾ خط لکارايائون:

“تون ۽ اَسُو احمدآباد شاديءَ تي گڏ ٿاسين،
سڀ سان ملي ڪلي جوڙي جو ديدار ڪنداسين،
ملي ڪري ان وقت خوشيءَ سان گيت ڳائينداسين،
رکي چاهہ اندر ۾ دهل دماما وڄائينداسين،
پوءِ سرو سک پائينداسين، خوش هوندي خاڻ چوي.”

— — — —

مهل نہ ويندي مڙس ڪان، جي مڙس سڏائين ٿا، سيل نہ ويندي ستين ڪان، جي سهاڳڻيون ۽ سهاڳہ پاڳہ سڏائين ٿا، پوءِ سڀ ڪجهہ پائين ٿا، **خوش** هوندي **خاڻ چوي**.

— — — —

چا لکي چا لکون لکڻ آهي عجب،
ڪهڙو ڏيئي سبب بند ڪجي قلم کي.

اڄ جو وچن –
سدا سدا هر جاءِ – پرڀ بالڪ راکي آپي.

● ١٣-١٠-٨٣ع تي باباجن لکارايو: “ڪارڊ توهانجو پهتو. بنهي ٻاسي سک آنند ماڻيندا. گرو مهراج جن جي توهان تي هردم ڪرپا رهندي ۽ مشڪل آسان ڪندا. اليمت لاءِ رکيا موڪلجي ٿي. پڙي جل جي ونيءَ ۾ ڌوئي

هر پل ۾ هر گهڙيءَ ۾ پيا پنهنجو سمجهي آسيس جي
برسات وسائيندا هئا. ڪڏهن ٻه پاڻ کان پري ڪين
سمجهندا هئا.

● لکارايائون: ”منو طبيب انسان پنهنجو پاڻ آهي.
ڪاڏي پٽي جي پرهيز ڪندا.“ مالڪ مهربان، ڪري پيو
ڪرپا. ائين سمجهه ته تنهنجي پاسي ۾ ڀڳوان بيٺو آهي، پر
تون پيو هوا ۾ ٽانگورا هڻين. ڪيس ڳولهڻ جي ڪوشش ڇو
ڪين ٿو ڪرين؟ منهنجي اکين تي اندر جا کوپا چڙهيل آهن،
ڇو ته مان منش آهيان ۽ هوءَ آهي برهم روپ ديوتا ۽ داتار.
مان ڪچو هو قابل، مان جڏو هو اجهو. مون ڇڏيو آ سڀڪجهه
هن تي، پڪ پاتڻي پار لنگهائيندو.

● ”آفيس جي گهوٽالن ۾ پروموشن بابت لکيوَ. سو
ڪوشش ڪري اهڙو ڪي ڪندا جو ملامت نڙي وڃي.
باباڻ جي مهر ميا سان سڀ ڀلي ٿيندي.“ (٧-١٢-١٩٧١)

سچ پچ باباڻ جي مهر ميا سان قصو اهڙو بڻيو جو
مون تي ڪا ملامت ڪانه آئي. لڪ لنگهي پار پيس ۽
پروموشن به مليوءَ جي اڳ ۾ چڙهي ويا هئا، انهن کان نپي
اڳتي ٿيس.

جي مالڪ لهي سار - ته چوٽر باغ بهار.

● نوڪريءَ جي مشڪلاتن جي باري ۾ هر هر پيا،
پتا جيان اهوئي پرماڻ ڏيندا. ”ائين ڳالهائي ٻولهائي ڀينگو
ڇڏايو ته سٺو. ائين ئي ايشور ڏيندن سمت جو ڪاريه راس
ٿيندو. جڏهن وڪيل توهان جو دوست آهي ته وڪيل ڪي
وچ ۾ وهاري پاڻ ۾ فيصلو ڪريو ته سٺو (٢٢-١٠-١٩٨١)“

ٻئي دفعي وري لکارايائون: ”توهان لکيو آفيس
وارن مون مٿان ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي، سوئي گرو ڪندو

اچ جو وچن ۽ سنو نکتو آهي:

گر ٻوري ميري راکھ لٿي
امرت نام ردي مھ ڏينو- جنم جنم کي مٽل گٿي
خوشي آسيس سيني کي ڏيندا، اور سکھ آنند.

(١٩٨٣-٨-٢٣)

ان سائين ني ٻاڻ کي چڏي ڏنم، جيون ۾ ڪا اُنتي ٿئي، کو عهدو ملي، نہ اُها ٻہ ان سائينءَ جي چڱائي آهي. آسيس ۽ ان کان ني گهرڻي آهي جو سدائين پيو ڏئي ۽ وٺي ٿو صرف صدق ۽ وشواس، جيون ۽ ان کي ني ارپي ڇڏجي. جيئن وٺيس ٿيئن پيو ڪرائي: "ڪرڻ ڪرائڻ هار سوامي" چنتا ڇا جي؟ ڇا جو ويچار؟ مھر ڪندو پيو مالڪ. سنڀالي وٺندو پنھنجي ٻالڪ کي. خود ٻاڻ ني ٩-٩-١٩٨٣ تي مھنجي مرٻي ڀاءُ هاسارام ڏنارا خط لکارايائون: "پوڄ سوامي جن سان تنھنجي خط جي ڳالھہ ڪيم. سندن ۽ اھو رايو آهي تہ اڄائي چنتا پيو ڪرين. گھڻي گھڻي آسيس ڪيائون.

گر دکھ ڪاٽيو دنيون دان - سڦل جنم جيون ٻوان.

فرمايائون تہ سڀ آنند ٿيندو. دل کي خوش رکي. "جيءَ خوش تہ جھان خوش."

سائيجن اسان لاءِ ماتا پتا سمان هئا. ڪرامت ڪين ڏيکاريندا هئا، پر موھہ ۽ ممتا هر ڪنھن پريميءَ لاءِ هئن؛ جنھن جي ثبوت ۾ تہ مون ڏانھن ني لکارايل خطن جا حوالا ڏنا اٿم. ايشور روپ هئا، هيءَ اسانجا "هري داتا". سندن ٻالڪ ني رهڻ ۾ ڪيڏو نہ آنند ٿي آيو.

اُهو جل هڪ شيشيءَ ۾ وجهي رکندا ۽ اُهو جل روز ٽورو ٽورو اشنان ڪرڻ بعد ڪيس پيئاريندا. چاليهن ڏينهن ۾ جل پورو ڪندا. باباجن جي مهر سان سڀ ڏک دور ٿي ويندس. اجوڪو وچن آهي:

پرميشور دتا بنا - دوک روڳ ڪا دير بنا
آنند ڪري نر ناري - هر هر پربڀ ڪرپا ڌاري
خوشي آسيس سڀني کي الي ڏيندا.

— سلوڪ —

”سري سنت بابا هريرام ڪو وندون وارون وار
جاس نام پرتاپ سي مٽت هيءَ پاپ پهار.“
رکيا جا ڪاغذ کنهن ٿلهيءَ جي پاڙ ۾ وجهي ڇڏيندا.
هوي اوم شانتي - شانتي - شانتي.

هيءُ باباجن جو مون ڏانهن لکايل پويون آسيس پتر بڻجي پيو.

ميرا ستگر رکو وارا هوئا-ڌار ڪرپا پربڀ هاٿ دي راکيا
هر گووند نوان نروئا -

رکشا بندن تي مان گرو شرڌا طور باباجن کي رکشا موڪليندو هوس. پوئين رکشا بندن وقت موڪليل رکشا جي موٽ ۾ جواب لکايون هئائون: ”توهان جي موڪليل راکي ڳنڍيءَ سان پڻ پهتي، جا پهري ويئي. اڄ راکي بندن جي شڀ ڏينهن جون سڀني کي واڌايون هجن. گرو مهراج جن جي توهان سڀني تي هر دم ڪرپا رهندي ۽ سدائين توهان جا راکو رکوال ٿيندا، ڪائي چنتا نه ڪندا، سڀ ڀلي ٿيندي.

چمت بساري ايڪ درشٽيتا،
نازڪ گٽان انهد مهه نيترا.

وسن ٿا ۽ سنيهہ جي اُڌمن ۾ وسن ٿا. اُهي هوندا آهن منهنجا باباجن ۽ سائينجن. ڪيترا دفعا جيپ ۾ سفر ڪندي ٻہ باباجن جي تصوير منهنجي خيالن جي چوڌر ڦرڻ لڳندي آهي ۽ ڪڏهن تہ جيپ ۾ سفر ڪندي ان جي انجڻ ۾ ڪا ننڍي وڏي خرابي ٿي پوندي آهي تہ سلامتيءَ سان سفر طئہ ڪرڻ لاءِ مان "اوم هري نميہ" منتر جو جاپ ڪندو آهيان تہ ڪوبہ وگهن اڳيان ڪين ايندو آهي. انهيءَ سمرڻ مان منهنجا شبد ايجاد ٿيندا آهن ۽ ائين گيت، غزل ۽ نثر رچڻ لاءِ ويچار جمع ٿيندا ويندا آهن. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ اها مونکي بہ خبر ڪانہ آهي. ڪجهہ بہ لکجي وڃڻ کان پوءِ منهنجي مٿان جڻ هڪ قسم جو بوجهہ هلڪو ٿي ويندو آهي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ وري اهڙو هڪ ٻيو بوجهہ منهنجي دماغ تي سوار ٿي ويندو آهي.

١٩٥٢ع جي ڳالهہ آهي، سوامي جن بمبئيءَ ۾ ٻيڻ چندران پارداسائيءَ جي گهر ۾ هئا. مون کين هڪ پوسٽ ڪارڊ لکيو هو. پنهنجون پاوناؤن ڪويتا ۾ پيش ڪيون هيم ۽ پاڻ کي اَنامي نموني ظاهر ڪرڻ لاءِ صرف "پياسي" نالي سان ڪارڊ موڪليو هوم. سائينجن کي هڪارڊ پڙهي ٻڌايو ويو هو. ان وقت وڏيو ٻجلائي آئي ويٺو هو جنهن سوامي جن کي ٻڌايو تہ اُهو "پياسي" مان آهيان، ۽ ان کان پوءِ سائينجن جڏهن بہ حب وچان مونکي ڏسندا هئا تہ "ڪمل پياسي" ڪري پڪاريندا هئا. منهنجو اصلي نالو "ڪنوَ" تہ خيال کان ئي لهي ويو هون شايد.

سائينجن پاڻ چوندا هئا: "ڪو دان ڪري ڏن جو، ڪو تن جو، ڪو من جو تہ ڪو وري ٻائيءَ جو." درٻار صاحب پنواڙا ۾ ايندس تہ ائين ئي پيو چاهيندس تہ ٻيو سائينجن سان سارو ڏينهن گيان گوشٽ ڪيان. ڪجهہ گهڙين لاءِ من



٣

تن ۽ ذهن جي ناتا

سائينجن "ستنام" جي منتر سان اونگهه ۾ پيلن کي سجاڳ ڪندا هئا. پيلواڙا ۾ باغ کان دربار ڏانهن ايندي يا ويندي هر ڪنهن کي "ستنام" چئي ڪيڪاريندا هئا. باغ جي اندر، ڪنهنجي گهر ۾ گهرندي، دربار ۾ ايندي - ويندي يا پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ پرويش ڪندڙ کي به "ستنام" چئي آدرستڪار ڪندا هئا. باباجن جي مک تي اڻين سدا "ستنام" جو نام هوندو هو.

سائينجن جي شخصيت ڏانهن ڪير به اک کڻي ڪين سگهندو هو. سندن روپ، پرڀاءُ ۽ ڪڙيل پيشانيءَ اڳيان هر ڪنهن جون پاوناڻون نمي ويندڀون هيون.

ڪڏهن ڪڏهن اڻين به ٿيندو آهي ته الائي ڇو منهنجي دل مايوس ٿي ويندي آهي، ڪجهه منو ڪين لڳندو اٿم، پرڪاش ۾ هوندي به پاڻ کي اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻندو محسوس ڪندو آهيان، سمجهندو آهيان ته پنهنجو سارو سهارو وڃائي چڪو آهيان. ان وقت خسيس ۽ ناچيز ٿي ويندو آهيان. اهڙين گهڙين ۾ مونکي هڪ ئي سهارو ملي ويندو آهي، انهن کي سمرڻ جو، جي منهنجيءَ دل مروسن ٿا، دماغ ۾

جهڙو ڀڄن ڪي. ڀڄن ۾ جي لين ٿي ويا ته وقت جي سڌ ئي ڪانه پوندي هئن. ڇي:

ڀڄن آهي پوڄن، سچو روح جو،
هري ڪيرتن ئي وڏو روح جو.
— ٻيوس

راجڪوٽ ۾ جنهن پريميءَ وٽ پوڄن ڪرڻو هوسون، اهو ڀڄن سماپت ڪرڻ کان پوءِ رات جو ٢ بجي ڪرڻ هليا. پريمين ته پريم وچان ٿي اوجاڳو ڪيو ته سائينجن به سڪ وچان سندن پوڄن سويڪار ڪيو. منهنجي پيرسن اَمڙ چوي: ”سائينجن گهر ۾ هجن، ۽ آءٌ سمهي پوان. مان به چوان ته ويهي باباجن جون ڳالهيون ٻڌان.“ سڀئي وينا هئاسون جو صبوح جا ۴ اچي ٿيا، تڏهن باباجن آگيا ڪئي ته هاڻ ٿورو آرام ڪجي.

صبوح جو ڇئين کان پوءِ آرام ڪيائون يا ڪين، ڪيئن چئجي، ڇو ته اسين جاڳون، هُو ان کان اڳ ئي جاڳيا هئا. ضروري ڪريا کان پوءِ چانهه پِي، مون سائينجن کي پنهنجي هڪ لکيل ڪهاڻي ”منهنجو محبوب ڳوٺ“ پڙهي ٻڌائي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪلپنڪ طرح پورين جي ڳوٺ ۾ پهچي ويو هوس ۽ سنڌو ڪئنال کان ٿيندو، باباجن جي باغ وارو رستو وٺندو، ڪي. سي. اڪيڊميءَ اسڪول واري رستي کان مڙي، سکي ٽلاءَ ۽ پپر جي وڻ کي لتاڙي اچي باباجن جي دربار ٽائين پهتو هوس ۽ پوءِ ويو هوس بازار ڏانهن. سائينجن به پئي منهنجيءَ ڪهاڻيءَ کي ٻڌو. ڪهاڻي پوري ڪيم ته چيائون: ”واهه واهه! سٺي آکاڻي لکي اٿئي.“ ۽ پوءِ ضروري درستيون ڪرڻ لاءِ به هدايت ڪيائون. ائين چئجي ته مون کي ٻهرين ”رچنا گيان“ هڪ عبرت آميز، مهاپرشن پنهنجي سنگروءَ وٽان ئي حاصل ٿيو.

ميلو ڪري ڀوڳ وچ ۾ پنهنجيءَ ڪرت کي لڳندا هئا، پر ٽنهي هوندي ٻ ــ هر آئي ويئي جو ڀيا خيال رکندا هئا. سائينجن منهنجيءَ واڻي دان ۾ پرسن ٿيا هئا يا نه، اهو ته مان چئي نٿو سگهان، پر منهنجن ٽن ڪتابن (١) سڀ سڀاجها سپرين (٢) سنمڪ منهنجا سپرين (٣) سدا ساريان سپرين، جي شايع ٿيڻ پنيان ٻه هنن جي آشيرواد جو هٿ هئو.

پرڀوءَ جي ڀاڳي، هر شخص تائين پهچائڻ ٻه ته هڪ شيوا جو ڪارڻ آهي. منش ته پرڀوءَ جي نالي جا سدائين ٻکيا هوندا آهن. ڀيا هن لاءِ تڙپندا آهن. ان وقت اگر ڪين پنهنجي اشتديو جي تصوير يا هٿ اکر ملي وڃن ته هوُ ٺري پوندا آهن؛ سنڌن ڀاوناڻن ۾ هڪ تهرير اچي ويندي آهي، جنهن کي هوُ پاڻ ٻه سمجهي ڪين سگهندا آهن.

باباجن جي آشيرواد جا پنڌار مون وٽ ٻه آهن، هوئي ته هئا جن منهنجي هردي کي صاف ڪيو، لڪل اصليت کي پرکيو.

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
ٿهان ڀوڳ ڀيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

مونکي ياد ٿو اچي سال ١٩٥٨ع، جڏهن هو اسان جي گهر راجڪوٽ ۾ آيا هئا ۽ ڏاڍي پريم سان گهر ۾ رهي پنهنجن ٻالڪن ٿي آشيرواد جون برسائيون برسائيندا رهيا. راتيون راتيون ويهي شبد منگل مڻائيندا هئا، نيون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. هر روز شام جو ستسنگ سماپت ڪرڻ کان پوءِ ڀي پوڄن ورتائيندا هئا ۽ ڀوڳ جيسين اسين نه ٿڪجون، ڀيا روح رهائيون ڪندا هئا. ساڻن آيل شش ته وڃي آرامي ٿيندا هئا. پڄن ڪانپوءِ ڀي پوڄن ڪري ڀاڻ کي نورمع سمجهندا هئا. پوڄن کي ٻ ــ هوُ اهڙوئي مهتوُ ڏيندا هئا،

پيلواڙا ۾ رهندي جڏهن ﺑﻪ ڪجهه ﻧﺌﻮن لکندو هوس ﺗﻪ موقعو پائي سائينءَ کي پڙهي ٻڌائيندو هوس. مان اهو پڙهي پورو ڪندو هوس ﺗﻪ ڏسندو هوس ﺗﻪ باباجن مون ڏانهن اکين ۾ اکيون وجهي ڪن پلڪن لاءِ نهاريندا هئا ۽ پوءِ ڏيان هٽائي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ﺗﻪ ائين چوندا هئا: ”سٺي آهي، اسين ڪيرتن ڪندي ڪڏهن ڪم آڻينداسين.“ البت اهو ڪڏهن ﺑﻪ ڪين ٿيو، جو منهنجيءَ ڪويتا جي شبدن کي باباجن جي مک جو مانُ ملي.

١٩٨١ع ۾ سائينءَ مون وٽ ٻڙوچ ۾ آيا. ان وقت ﺑﻪ مون کين هڪ رچنا پڙهي ٻڌائي هئي، جا منهنجيءَ ڏينهنڪڙيءَ جا ورق هئا، جن ۾ بابا هريرام صاحب جي پورڻتا ۽ پرميشورا جو ورنن ڪيل هو. سائينءَ ٻڌندا رهيا. ڪچائون ڪين ڪين، رچنا پوري ڪيم جو نيڻ کڻي مون ڏانهن نهاريائون.

منهنجيءَ ساهتڪ اُنتيءَ تي هو ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. ڏيئي جي وٽ جي طرح مان پنهنجيءَ عمر کي جلائيندو ٿو رهان، آتم نرماڻ ۽ آتم پورڻتا جي وچ ۾، هڪ ڪشمڪش پيدا ڪرڻ لاءِ، ان مان هڪ شڪتي پيدا ٿي ٿئي، جا مونکي اڳ مثل نظر ٿي اچي. ان ڏيئي جي لاٽ کي جلائي ان مان هڪ روشني پيدا ڪرڻ جو يتن ڪندو آهيان، چمڪاٽ ٿيندو آهي ۽ لوڪ مونکي ڪوي چوندا آهن، پر مان آهيان ڪي ﺑﻪ ڪين.

سائينءَ جون اُهي نگاهون مونکي اڃان تائين ياد آهن. مان اُهي وساري اُي ڪين ٿو سگهان. هنن مون ڏانهن نهاريو، پر مان نظرون ملائي اُي ڪين سگهيس؛ ڪنڌ جهڪي ويم. هنن جي نگاهن مان منهنجي اکڙين ڇا ناتو ۽ ڇا وڃايو، سا چوڻ جي ڳالهه ﺗﻪ ڪين آهي، البت

مان اڄ به ائين محسوس ڪيان ٿو ته جو ڪجهه مان ڪريان ٿو، لکان ٿو، پڙهان ٿو، ڇپايان ٿو، اهو مان ڪين ٿو ڪريان. اهو "مان" مون ۾ ڪينهي. مان ته هن سنسار ۾ ڪجهه به ڪين آهيان. جيڪي ڪجهه آهي، اهو ٻيو ڪو آهي. اهوئي "ستيه" آهي، "سچ" آهي؛ جنهن کي فيلسوفن نه ڄاڻ ڪيترن ئي نالن سان پڪاريو آهي. ڪاريه به اهوئي ٿيندو رهي ٿو، جنهن کي انسان جون هيءُ سنساري اکيون ڏسي ٿيون سگهن. مان اهو سڀ ڄاڻان ٿو؛ البت جيسين آگيا نه ٿيندي اتم ڪلڪ اڳيان وڌي ڪين سگهندي آهي.

ڇا سائينجن پاڻ ڪوي ڪين هئا؟ پاڻ ڪلاڪار ڪين هئا؟ سندن شاهي شخصيت جو پرڀاءُ ڇا ٿو ڏيکاري؟ ڪلاڪار ئي تــه ڪلاڪار کي ڄاڻي، سڃاڻــي ۽ سمجهي سگهندو آهي. سائينجن مونکي ڄاتو، پوريءَ ريت ڄاتو. جڏهن اڳيان وڌڻ جي وٿي نه هوندي هئي ته مان پريان ئي نمسڪار ڪندو هوس، پر ويجهو هئڻ سان مان سندن چرن ڇهندو هوس ۽ هو به منهنجيءَ پٺيءَ تي آسيس جـو هٿ رکندا هئا.

سائينجن سچيءَ ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪلاڪار هئا. سندن هلت چلت، چال - ڍال ۽ ويس وڳي ۾ هنن تــي مريادا ۽ شخصيت جو "ستيه" جـو ٺپو لڳل هو. ارگرد جو واتاورڻ هنن لاءِ پنهنجو نهڪندڙ ٿي پوندو هو. شبد ڪيرتن يا ڌرم گيان ۾ جڏهن هو مگهن ٿي ويندا هئا ته هنن مان الهدي شخصيت ۽ سندرتا جو گيان پرگهٽ ٿي ويندو هو. تياڳ، ادارتا، سمپرڻ، سڀ هئڻ جي باوجود به هو هڪ غضب جا ڪلاڪار هوندا هئــا. سندن ڪلا کين ڳڻن ۾ اڏول رهڻ ڏنو. ڪلاڪار جا گڻ هنن ۾ هئــا. اوڳڻن کي هنن هٿائي پاسي ڪري ڇڏيو هو.



٥

رهڻيءَ رهبو هر سپرين

دنيا ۾ رهو، پر دنيا جا ٿي نه رهو؛ ان پهاڙ جيان، جنهنجا پير پاتال جي گهراين ۾ هوندا آهن، ليڪن جنهنجون چوٽيون هميشه سنهري روشنيءَ ۾ جرڪنديون رهنديون آهن. باباجن جي شخصيت به ايتري ئي اوچي هئي.

عام طرح هرڪو ائين ئي چوندو هو ته سائينجن جي مهرميا سان ئي سنڌن ڪم راس ٿي ويا آهن. هرڪو سنڌن آشيرواد جو پڪاري هوندو هو، پر سائينجن هرڪنهن جا هوندي به سنڌن ڪنهن ۾ به موه ڪين هو. پوين ڏينهن ۾ تندرستي ٺيڪ نه هئڻ ڪارڻ وڏيڪ چپيت به آئي هئي، پر درٻار ۾ ان جو ڪنهن کي به اطلاع ڏيڻ کان منع ڪري ڇڏيائون. مان به ڪڏهن ڪٿي ڪين پنهنجا دک ٻڌائيندو هوس ته چوندا: "اهڙو سور ته پيو اسان کي پوندو آهي، پر اسين ته ان کي ليکيون به ڪين." منهن پيشاٻ جي تڪليف ڪري هڪ دفعي جڏهن ئي درٻار ۾ پهچندي پاڻ کي ڪمزور محسوس ڪيائون ته هيٺ کاٽ جي صندل تي ويهي رهيا. ٿم جا ڪپڙا ساوا پڻ گهرائي واٽ ۾ وجهي

اهڙي آشيرواد حياتيءَ ۾ صرف هڪ ئي دفعو ازغيبي ئي ويندي آهي. اهڙين نگاهن ۾ سرج لائيٽ کان به وڌيڪ روشني ٿيندي آهي. ماڪ جي سيتلتا کان به وڌيڪ سيتلتا ٿيندي آهي. پاري جي چمڪي کان به وڌيڪ چمڪو ٿيندو آهي ۽ زندگيءَ جي سؤ سالن جي لطف کان به وڌيڪ لطف پراپت ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري ئي ته جيءُ چاهيندو آهي:

جي ليلائي نه لهيس، ته پڻ ليلائج،
آسرو م لاهيج، سڻ پاڄهيندڙ گهڻو.

(هري - واڻي)

(بابا هريرام صاحب جي مکان نڪتل امرت وچن)

(۱) نادان دوست، ڪميني انسان ۽ پر ذاريي کان پاسو ڪريو.

(۲) ڏن اٿو ڏوڙ، ڏوڙ کي وجهو ڏوڙ (زمين) ۾، پوءِ پاڻ به کائو ۽ ٻين کي به کارايو.

(۳) وڇ جي مروڙ کان نه ڊڄو، جيون ۾ گهڻيئي موقعا ايندا جو وڇ جا مروڙا کائڻا پوندا. هڪ دفعو انهن مان لنگهي پار پيا ته کٽي هليا.

(۴) قناعت سکو، جڏهن کا خريداري ڪريو ته تسلي ڪريو ته ان شيءَ جي ضرورت آهي، ان جي رکڻ لاءِ گهر ۾ جڳهه آهي.

ڪي ان وقت صرف لنگوٽي پيل هوندي هئي. دربار صاحب هال ۾ پوئين ديوار جي پاسي هو گرنٿ صاحب ڏانهن منهن ڪري ويهي پند اکين سان مالش ڪرائيندا هئا. سندن اها تپشيا، تياڳ ۽ پوڄ، روپ چٽر اڄ به منهنجي اکين اڳيان آهي. مون ان وقت سندن تصوير ڪڍي هئي. ڪئميرا جي ٽڪ جي ڪين جاڳ پيئي هئي، پر ڪڇائون ڪي ڪين. ان وقت سندن شخصيت ۾ تيج هو. چنڊ جي سهائيءَ وارو تيج منهنجون اکيون ان تيج جي اڳيان جهڪي ويون هيون.

سائين جن مالش ڪرائڻ کان پوءِ پرسان ٿي سنان ڪوٺيءَ ۾ اشنان ڪندا هئا ۽ جڏهن اشنان ڪري نڪرندا هئا ته گنگارام جن سندن ڪپڙا بدلائيندا هئا. سندن وارن کي ڪنگي ڪندا هئا ۽ مون جهڙن پيا به ڪي آسائو هوندا هئا جي باباجن جي مٿي جا وار سوامي گنگارام جن کان گهرندا هئا. مون وٽ به هڪ ننڍڙي دٻليءَ ۾ اهي محفوظ آهن. باباجن ان وقت شانت هوندا هئا. سندن مک تي پاٽي هوندي هئي. سندن چهري جي ان وقت جي رونق تمام دل کينچيندڙ هوندي هئي. سندن چپن جي چُر پُر ۾ ان وقت وندنا هوندي هئي؛ ڄڻڪ هو ان وقت پاٺ لاءِ ڪين هئا، ڪنهن لاءِ ڪين هئا، هئا ته صرف هڪ پريوءَ جا، پنهنجي رب جا. هو ان وقت هوندا هئا انشچت، جنهنجو ادراسائيءَ سان ڪو مطلب نه هوندو هو؛ مگر جنهن کي ڏسي اسانکي خوشي ٿيندي هئي. سندن اکيون عجيب نموني چمڪنديون هيون، پر انهن ڏانهن ڪير به نهاري ڪين سگهندو هو، ڪو به سندن نگاهن کي ڇهي ڪين سگهندو هو، ائين لڳندو هو ته هو ڪنهن عجب آرام منزل تي پهچي چڪا آهن. اهي گهڙيون تمام دلفريب لڳنديون هيون، جڏهن باباجن مٿي تي ٿوال رکي، آهستي آهستي

چوارڻ لڳا ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ پاڻ ۾ همٿ محسوس ڪري ڏاڪڻ چڙهي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ تائين پهتا. پنهنجي دک کي ته اصل ليکيندا ئي ڪونه هئا. اُپنشدن ۾ آيل آهي ته سرير ئي برهم پريءَ آهي. سرير هڪ مندر آهي؛ پر مندر به مندر جي مالڪ پرڀو پرماتما جو آهي. ديھ دئاران ئي ساڌنا ٿي سگهي ٿي؛ پر ديھ به ته ان جي آهي. انهيءَ ڪري هنن پنهنجو ڪجھ به نه سمجهي سڀ ڪجھ ان کي ارپي ڏنو هو، جنهنجي لاءِ ديھ ڌاري بڻيا هئا.

سهڪو، مٺا پيشاب، نستائي، تنهن هوندي به آتمڪ ٻل ۽ ٻل به اهڙو جو نربلن کان به ٻلوان ٿي پوندا هئا. پنهنجي سرير جي پيڙا کين اهڙيءَ نظر ٻخشي هئي جو ان نظر دئاران ٻين جي پيڙا به ڏسي سگهندا هئا. هنن پنهنجيءَ پيڙا ۾ سڀيءَ مانوتا جي پيڙا کي ملائي ڇڏيو.

سائينجن کي پنهنجي دک جي نه پرواهه هئي ۽ نه کين دک پرگهٽ ڪرڻ جي اڇا ئي ٿيندي هئي. پڇاڙيءَ تائين ڊاڪٽر جي شڪل به ڏسڻ تي دل ڪين ٿيندي هئن. سندن شخصيت جو پرڀاءُ ايترو ته هوندو هو جو ڊاڪٽر به سندن روم ۾ پير اُگهاڙا ڪري پوءِ ئي پير وڌائيندا هئا. هيتري تڪليف هوندي به برهملين ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ نيم انوسار صبوح جو اشنان ڪري، گرو گرنٿ صاحب مان وچن ونئي، ارداس ڪيائون، مالها ڦريائون؛ ائين جيئن نو بنو هوندي ڪندا هئا. ڊاڪٽر کي جڏهن اهو سڀ ٻڌايو ويو ته ڊاڪٽر جي مکان به نڪري ويو: ”باباجن ۾ غضب جي شڪتي آهي، جو ته عام منش ۾ ڪڏهن به ايتري همٿ اچي نٿي سگهي.“

سائينجن کي مون ان وقت به ڏٺو جڏهن گيهي سندن اُگهاڙي سرير تي ڪوڙي تيل سان مالش ڪندو هو. باباجن

رکي آيل آئي اچي باباجن سان عالَ اوريندا هئا يا وري ان
وقت ڪنهن ڌارمڪ پستڪ مان پاٺي وچن پڙهندا هئا.

دربار صاحب ۾ پير ڌريندا هئا ته خلق ۾ شانتي ٿي
ويندي هئي. پريمي ۽ شرڌالو ويندا هئا وٺندا. دربار
صاحب ۾ مائيڪ رکيل ڪين آهي، تڏهن به سڌن بلند آواز
دربار کان ٻاهر به ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اهڙيءَ ته ويدنا سان
وندنا ڪندا هئا جو دليون ڏڙڪي اٿنديون هيون. آسڻ
تي وهڻ کان اڳ ۾ باباجن جي تصوير کي نمسڪار ڪندا هئا.
آسڻ تي وهڻ شرط پهرين گرو گرنٿ صاحب اڳيان نمندا.
سائين گنگارام باجي سان طبلي جي تال ملائيندو. باباجن
سلوڪن سان شروعات ڪندا، پوءِ سائين گنگارام سلوڪ
اچاريندو ۽ پوءِ جيڪو به گائڪ ان وقت موجود هوندو،
تنهن مان هرڪنهن کي سلوڪ چوڻ جي ڇوٽ مليل هئي.
باباجن مونکي به سلوڪ چوڻ لاءِ اشارو ڪندا هئا، پر
منهنجي زبان کڏهن به ڪين کلي.

ڪيرتن جي شروعات نديڙن ٻاون سان ٿيندي هئي.
باباجن جي مکان پهرين گرواڻيءَ جو "شبد" اچارڻ ٿيندو
هو، ان کان پوءِ ڪيرتن ۽ وچ وچ ۾ سکياداٿڪ پرماڻ.
سنگت جو رنگ ئي نرالو ٿي پوندو هو. هوا جون لهرون
سنگيت جي ڌن ۾ نچڻ لڳنديون هيون. پاڻ اهو ئي چاهيندا
هئا ته ستسنگ وقت هرڪنهن جو مٺو بڪيل هجي، هر
ڪنهن جو من پرڀوءَ سان مليل هجي. پلٿي ماري وهڻ جي
هدايت ڪندا. ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي وهڻ ڪين وٽندو
هو. تال جي لي ٿيندو هو ته ساز وڄائيندڙ کي به
سنگيت دئاران ئي سمجهه ڪندا هئا. ڪيرتن جي سماپتي
بابا هربرام صاحب جي ساکه ۾ ٺاهيل سڌن ئي شبد سان
ٿيندي هئي. آخر ۾ باباجن آرتي شروع ڪري، پاڻ دربار

اچي گروءَ جي تخت تي براجمان ٿي، ادب سان گرو گرنٿ صاحب جا پنا اُٿلائي، پنهنجي مک اڳيان ٻوال آڻي، واڻي پڙهڻ شروع ڪندا هئا ۽ پوءِ پريمين کي خط لکارائڻ مهل "اچ جو وچن" چئي، لکل نموني آشيروادين جا وردان ڪندا هئا. وچن وٺڻ واري اُها ويل ڪوئي به وڃائڻ ڪين چاهيندو هو. سندن هن ڪرپا تي حاضر رهڻ لاءِ ڪنهن تي به بندن يا زور زبردستي ڪين هو. هيءَ سڀ "ازغيبي-ايشوريه" شڪتيءَ جي چڪ هوندي هئي.

نمرتا پورو ڪ بڻجي، هڪ بالڪ جيان هوُ ارداس پائي پنهنجي رب کي ٻاڏائيندا هئا، منائيندا هئا؛ ۽ ڏنڊوت پرنام ڪري هوُ آشيرواد وٺندا هئا؛ ۽ ان کان پوءِ آسڻ واري ڪوٺيءَ ۾ اچي وڏن باباجن جي کٽ ۽ تصوير کي پرڻام ڪندا هئا. ان وقت هرڪو دربار ۾ رهندڙ ڪين نمي، سندن چرن رج پنهنجن نيڻن تي لائيندو هو. **وڏي هئي اُها سندن وڏيائي.**

باباجن پوءِ پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ ايندا هئا. پنهنجيءَ کٽ جي هيٺان آسڻ تي ويهندا هئا. ٻاهر جا آيل مهمان ڪين گڏجڻ ايندا هئا. جو ڪجهه پرشاد ان وقت سندن اڳيان پيٽ رکندا هئا، باباجن اُهو اُتي ويٺلن ۾ ورهائيندا هئا، باقي رکي ڇڏيندا هئا. ان پرساد جو حصو سماڌين تي به ويندو هو. چانهه پڪ پئي، باباجن روزاني آيل ٽپال لاءِ آديش ڏيندا هئا، پر جيڪڏهن ڪنهن سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻو هوندو هون، يا ڪو ساڻن اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ چاهيندو هو ته باقي ويٺلن کي آگيا ڪندا هئا: "هاڻي چانهه پيئو."

ان کانپوءِ باباجن اُتان اُٿي مٿي ڪڏ تي ننڍڙي ڏاڪڻ واريءَ پٽ جي چانڊ ۾ فراسيءَ تي ويهندا هئا. آسون اُميدون

لڳي ويندا هئا، يا اُتي ڪم ڪندڙن جي ڪم تي نظر رکندا هئا، کين هدايتون ڏيندا هئا، ور ور ڪري سندن سُڌ- سماچار پيا پڇندا هئا. اُتي ويٺي تي آشيرواد جو هٿ به پيا ڏيندا هئا. گهر جائو به ڪي اُتي ايندا هئا، ڪچڙي لٿي يا پئسي پنجڙ جي گهر ڪندا هئا. هڪ دفعي مون باباڄن کي هڪ مهنت کي چوندو ٻڌو هو: "اسين به نه کيتي ۾ محنت مزوري ڪري پيا کائون." منجهند جي رسوئي باغ تي ايندي هئي. ساري ڏينهن ۾ اگر ڪنهن ڪجهه آندو نه ان تي نظر ڪري، اگر پرشاد ڪري وراهڻ جهڙي چيز هوندي ته چوندا: "وڃي سماڌين جي ڪٻٽ ۾ رکو" جو پوءِ سنجها رهراس ۽ آرتيءَ پرڪرما کان پوءِ سڀني کي وراهي ڏيندا هئا. مطلب اُهو ته پهرين اُهو پرشاد سماڌين وارا قبول ڪن ۽ پوءِ سڀ ٻيا.

اوچي شخصيت پر ڪيڏي نه سادگي. زمين پنهنجي نه محنت به پنهنجي. پاڇي پٽوءِ اناج جيڪو پنڊاري ۾ ڪم اچي، اُهو ڪم آڻي، باقي جو وڌيڪ ٿيندو هو، اُهو ئي ٻاهر نيڪال ڪندا هئا. منهنجو مربي پاءُ دادا هاسارام ڪيولراماڻي جنهن کي باباڄن "بابا ڪا چاپيدار" ڪري سڏيندا هئا، پاڻ ڳالهه ٿا ڪن: "مون کي ياد آهي ته جڏهن مان پهريون دفعو پيلواڙا درشن لاءِ آيس ته هري مندر واريءَ بنيءَ ۾ ويٺي، واڳڻن جي فصل ڏانهن نهاري آکيائون: 'هاڻي دربار جو خرچ هن کيت مان چڱيءَ طرح پيو نڪري.' حق جي هن روٽيءَ ۽ ساڳ ۾ ڪيترو نه سواد، ڪيترو نه مٺاج هوندو هو.

پيلواڙي جي ڪن برهمڻن کان هڪ ڳالهه ٻڌي هئم، جا گهٽو اڳ جي آهي، جڏهن باغ کي اڃان چوڌر ديوار نه ڪانه آئي هئي ۽ باغ وارو رستو به اڃان ڪچو هوندو هو.

صاحب مان نڪري ويندا هئا ۽ سڌو پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ هليا ويندا هئا. پرشاد وٺڻ کان پوءِ باغ ڏانهن هلڻ جو سايعو ڪندا هئا. دربار جي مکيه دروازي مان ٻاهر قدم رکڻ کان پهرين سڀني بيٺلن، ويٺلن ۽ ڪوٺين ۾ رهندڙن سان "ستنام" ڪندا هئا. ڪنهن ۾ ڇا جو موه، ڪنهن لاءِ ڇا جي چنتا.

سائينجن اڳيان ڪوبه ڪڇي ڪين سگهندو هو. اگر ڪو عرض به ڪندو هو ته ائين لڳندو هو ته هو اساڌارڻ کان ساڌارڻ ڏانهن مڙي رهيو آهي. البت ائين ٿيندو هو ته سندن درشن ڪرڻ سان من ۾ خوشي ڀرجي ويندي هئي. سائينجن پڇن ڪندا هئا ته ماحول ئي صحتمند ٿي پوندو هو.

مهاپورش ساڌ ڪا سنگ - جس پيت لاڳي پريو رنگ

مهاپورش آتما جي سنگت ڏيڻ واري آهي. جنهنجو مطلب آهي ته آتما، آتما سان ڳالهائي، نه جسم جو خيال رهي، نه ٻاهر جو، نه هيٺ جو، نه مٿي جو. سندس آتما توهان جي آتما ٿي وڃي؛ توهين سندس اکين مان وهندڙ آتمڪ ڌارا جا گرهڻ ڪرڻ وارا بڻجي پئو. جنهنجو ڌيان ڪجي ٿو، ان جو روپ پائي سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ ٻيو ڪجهه به ڪين آهي، صرف من کي ٻاهران هٽائڻو آهي.

مان جڏهن به پنهنجي دين ديال جي پاسي ۾ وهندو هوس، ته نه ڪجهه ڳالهائي سگهندو هوس ۽ نه پڇي سگهندو هوس. چپ چاپ ان عامل مرشد کي ڏسندو ئي رهندو هوس، اهو پوءِ پيهلوازا ۾ هجي، يا پيهلوازا کان ٻاهر. باباجن ستسنگ ڪندا هئا، مان ٻڌندو هوس. جڏهن اڪيلي ۾ هوندو هوس ته چپ چاپ ويهي رهندو هوس. سندن هر ڳالهه ۾ هر ڪرتي انوکي ۽ رازدان هوندي هئي. باغ ۾ اچڻ سان ننڍو چولو ۽ ننڍي ڌوتي پائي کيتيءَ جي ڪرم کي

سماڌين جي اڌاوت ۾ سندن ڪوٺيءَ ٺهڻ کان پوءِ سنجها جي وقت باباجن ٻاهر آڳنڌ ۾ رکيل صندل تي اچي وهندا هئا ۽ آيو ويو اُتي اُئي اچي هنن سان حالي احوالي ٿيندو هو. آرتي پڙهڻ کان پوءِ "ستنام، ستنام، ستنام جي شري واهگرو، واهگرو، واهگرو جي." جي ڌني لڳندي هئي. اُهو نيم هاڻ به چالو آهي. پرشاد ورهائجي وڃڻ کان پوءِ هر ڪو آيل پريمي باباجن کي پيري پئي، آسيس وٺي، پوءِ اُٿي پنهنجي گهر ويندو هو. باباجن ته ان کان به گهڻو پوءِ دربار ۾ ايندا هئا.

دربار ۾ اچي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪپڙا مٽائي، ڪٽ تي چڙهي ويندا هئا. رسوئيءَ جي ٿالهي ايندي ته اُمان گوڪل ماءُ باباجن لاءِ ڏارا وٺيءَ ۾ مٽائي ٻه کٽي ايندي. رسوئي ڪري ڪجهه وقت ٽهلندا به هئا ۽ سيني کي "ستنام" چئي بستري تي آهلندا هئا. مان کين پيرون ڏيندو هوس ته يڪدم چوندا: "بس ڪمل، گرمي ٿي اُٿي، وڃي آرام ڪيو." مٿو ٽيڪي وڃي آرام ڪبو هو.

هڪ دفعي مان ڪن پريمين سان دربار جي وڏيءَ ڪوٺيءَ ۾، جنهنکي "گدام" ڪري سڏيندا هئا، ڳالهيون ويني ڪيون. اُئين رات جا ٻارهان اچي ٿيا. سمهڻ کان اڳ مان جڏهن ڪٽ تي کين پيري پوڻ ويس ته ڏسي عجب لڳم. باباجن صرف هڪ لنگوٽيءَ ۾ فراسيءَ تي پيٽ ڀر سمهيا پيا هئا، آرام ۾ هئا. مان نمسڪار ڪري آهستي - آهستي هيٺ لهي آيس. اهو درشن اڃان ياد اٿم.

عام طرح باباجن جو روزانو ڪاريه اُئين ٿيندو هو.

هڪ سُکر پُرش، جنهن سائينجن جي هاڪ ٻڌي هئي، ڪار ڊرائيوران ڌهليءَ کان بمبئيءَ وڃي رهيو هو. واٽ تي ڦلواڙو ايندي ئي کيس خيال آيو ته ڇو نه ان ساڌ جو درشن ڪندو وڃي، جنهن لاءِ اڳ عرف ٻڌو آهي، پر ڪڏهن ڏٺو ڪين اٿم.

رستي تي ڪار روڪي باغ ۾ گهڙي آيو. سڌو سائينجن کان اچي سوال ڪيائين: ”بائو شيوارام ڪٿي آهي، هن سان ملڻو اٿم.“ باباجن هن ڏانهن نهاريو، ڇو ته پاڻ ان وقت ڪيٽيءَ جي ڪم ۾ مشغول هئا. ننڍي گوڏ ۽ ننڍو چولو پهريل هون ۽ اُهي به ميرا. هٿ ۾ ڪوڏر هئن. اُتر ڏنائونس: ”ڪجهه پلڪ ترسو، جل پان ڪيو، بائو اچهو آيو.“ جنهن پابوه سان باباجن کين چيو، ان آڌار تي هوُ ترسيا، اڙ ڪلاڪ کن گذري ويو، جو وري چيائون: ”اسين ڌهليءَ کان ٿا اچون ۽ بمبئيءَ پهچڻو آهي. ڏاڍي تڪڙ اٿئون.“ وري به باباجن چيو: ”بائو، اچهو آيو. رسوئي ڪري، کجهه ٽڪ پيو.“ ۽ پوءِ پاڻ وري به ڪم ۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ڪم ڪري پورو ڪيائون ته آيلن مهمانن کي چيائون: ”اچو ته بائي وٽ وٺي هلانؤ.“ باباجن کين انهيءَ ڪچيءَ ڪٽيا جي ڪوٺيءَ وٽ وٺي آيا ۽ پاڻ اچي کٽ تي ويٺا. آيل مهمان هيٺ ڳوٺين جا ٽڪر ڏسي ۽ پنهنجن اوچن ڪپڙن جو خيال ڪري بيهي رهيا. کٽ تي وهڻ کان پوءِ باباجن چيو: ”اچهو بائو شيوارام هيءُ ئي آهي.“ آيلن جون ته اکيون ئي چرخ ٿي ويون. ڪجهه ڪڇي ڪين سگهيا. ڏاڍا پئي ششدر ٿيا ۽ پنهنجو پاڻ ڪپڙن جو خيال نه ڪري ڳوٺين جي ٽڪرن تي ويهي رهيا ۽ اڳ جو وڃڻ لاءِ تڪڙ پئي ڪيائون، اُها ته ڳالهه ئي وسري وين. باباجن ايترو ته کين موهي وڌو جو هو پوءِ سندن شش بڻجي پيا.

'اڄ' ٻـ اُن ۾ ڪونه آهـي، رڳو آ 'هائي'
'ڪلهه' يا 'سڀاڻي'، ڪاٿي تنهنجي ڪوش ۾.
- اياز



— هـري ڏهوڻي لاڙ - هر ڪنهن جا رکپال —

سنت سرومڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين- ڀلواڙا

(پنهنجي آسڻ تي وراجمان)

— خود ئي خود خدا نڪتا —

خالق کان ۽ مالڪ کان، هر چاهڪ کان مٺا نڪتا،
ڪري شيوا سچا سائين، جڳت هن ۾ جدا نڪتا.

١- جنهي سمجهو انهن پاڻ، الاهي نور اکڙين ۾،
منش جي ديهه ۾ اهڙا جو، خود ئي خود خدا نڪتا.

٢- رب جي رمز کي ڄاڻي، منش جي موهه کي ڀاتو،
پريت جي ريت سان ئي ميت، پراسرار بقا نڪتا.

٣- جلويدار جڳت ۾ هو، رهيا ٿي دور جهنجهٽ کان،
جڏن جيون لاءِ جيءُ گهوري، بنا سوارٿ فدا نڪتا.

٤- سياست کان پري، سنتوش ۽ سنسڪار ۾ گهاريو،
سڄڻ جي لاءِ فدا ٿيندي، نمرتا جا بندا نڪتا.

٥- عالم جي وجوديءَ ۾، وجودي پريم جي ماڻي،
محبت ۾ سدا هر پل، پياسي مبطلا نڪتا.

- ڪمل پياسي



٦

شبد سنگيت جو مالڪ

باجي جو سُر آهستي وڌڻ لڳندو هو ۽ سندن آڱرين جي جنبش پائي ٻلنديءَ تي پهچي ويندو هو. فضا ۾ ان وقت هڪ عجيب قسم جي ڪشش پيدا ٿيندي هئي. من جهومي اٿندو هو، ذهن ۾ چنچلتا اچي ويندي هئي ۽ ٻارن ۽ جوانن سان گڏ وڏيءَ اوستا جا ٻزرگ ٻاڏو ۽ پيرو به نچڻ لڳندا هئا.

سڄو وايو منڊل سُرن سان ائين گونجي اٿندو هو، ڄڻڪ انهن سُرن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪو آواز ئي ڪينهي، ٻيو ڪو ٻڌڪو ئي ڪينهي. سائينجن جي مکان نڪرندڙ شبد واڻي جو ساگر ڇوليون ماريندو رهي ٿو. جيئن جون سموريون سُرليون ڪيئن نه لرزنديون.

شبد سنگيت جو راڄا ٻڌندڙن کي گُرواڻيءَ مان رس ٿو ونائي، وچ وچ ۾ نصيحت آميز ڪهاڻيون ٿو ٻڌائي، سماج سڌاري لاءِ اُجهيون هدايتون ٿو ڏئي. هو ٻڌندڙن کي اڏول ٿو بڻائي، ڪين اَنترگت جو آنند ٿو ونائي. آتمڪ مستيءَ وِچان ٻڌندڙ ڪٿي جو ڪٿي پهچي ٿا وڃن. اهڙيءَ طرح هڪ پل، ٻه پل، ڪجهه پل، سڀني جو تن ۽ من گڏ مستيءَ ۾

ٻيلو، راڳ ٽوڙي، راڳ جوڳ، راڳ پٽ منجري، راڳ پرڀاتي، راڳ ڪلياڻ، راڳ ڪلياڻ ٽين تال، راڳ ڀيروي تلوار جهڙن ڪيترن راڳن ۽ سرن جا هو ڄاڻو ۽ ماهر هئا. انهن مڙني راڳن تي هنن باباجن لئي سندر شبد تيار ڪيا، جن کي ڳائيندي هو ڏاڍو گد گد ٿيندا هئا؛ پر پوءِ انهن گيتن ۾ پڪار هجي پرين لءِ، يا رب راضي ڪرڻ لءِ آرادنا.

داس شيوو تو روئي پڪاري،
آهيان توهان جي چرن پڄاري،
ڪڏين تون سڀ جي چيت؛
بابا تون آهين وڏو سيٺ.
(راڳ ڀيروي)

داس شيوي تي مهر ڪجو، جو انت ٽائين ساٿي هجو،
پلا پاڳ پايان پنهنجي ڪرمن جا، درشن ڏئي سدا صورت جو.
(راڳ پٽ منجري)

داس شيوي جو عرض اهوئي،
توهانجي گود ۾ آهيون سڀئي،
ننگي نگپال تون رکجو، توهان پنهنجي چرنن ۾،
ڏنو سڀن پريم جو پيال، بابا هريرام پرڀن ۾.
(راڳ آسا)

اهڙي طرح هر راڳ ۾ سائينجن پڪاريو آهي. باباجن کي ٻاڏايو آهي؛ ۽ باباجن ته بالڪ گدي جي ڪچڙيءَ اوستا ۾، سندس هر ڪاريه کي ڏسي پيهي ويا هئا. سائينجن ته باباجن دئاران عليل هارمونيم کي پيا ساهه سان سانڍيندا هئا. انسؤ وقت اڄين وارن سنتن جو آديش ٿيو ته سماڌ ٻن واريءَ ڪوٺيءَ ۾ رکيل هارمونيم ڪٺي هنن ڏانهن وڃان. مان موڪل وٺڻ لاءِ سوامي جن وٽ ويس ته موڪل ڏنائون

مدهوش ٿو رهي؛ ۽ جڏهن ٻاجي ٿي سندن هٿ هلندو ٿو رهي ته ائين پيو معلوم ٿئي ته سنگيت جي لئه ۾ تان تڙقي اُٿي آهي. سر ٻڌائجن ٿا، گيت ٻڌائجن ٿا، سنگيت جون لهرون غوطا کائڻ شروع ٿيون ڪن ۽ ٻڌندڙن ۾ ائين چرپر ٿي ٿئي؛ اُهائي چٽڪ سندن جذبن جي هلچل ٿي معلوم ٿي.

سائيجن سنگيت سکيا کين ورثي ۾ جيئن لکندي لکندي انسان ليکڪ ٿي ويندو آهي؛ تيئن هو ۽ ٻين جي پڇن منڊليءَ جي گروهه ۾ رهندي وڏا سنگيتڪار ٿي ويا هئا ۽ سندن هردي ۾ جڏهن هريءَ جو نانءُ ٿي هئو ته پوءِ سندن مک تي ڀڪ ۽ پيشانيءَ تي چمڪ ڪيئن نه رهندي.

سندن گيتن جا الفاظ تمام سرل هوندا هئا، ته ٻه اُهي روح کي رولي ڇڏيندا هئا. دل ڏڏي پوندي هئي ان آنند ۽ الهاس جي تيز ڌارا سان. شبد سنگيت جي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ اُهي آنند ڏيندڙ الفاظ، هوا جي هندوري ۾ اڏندا هئا، لمندا هئا، ائين جيئن ڪ

ڪليل جهڙوڪي ۾ ڏيئو ٻري پيو،
سج اولڙي ۾ چنڊ چڙهي پيو،
پنڊ ڪٺوري ۾ ڪنول ٽڙي پيو،
هانو-هندوري ۾ ٻرين لڏي پيو.
— نصير مرزا

ڪڏهن ڪڏهن ته سائيجن ٻاجي ٿي فلم "نانگڻ" جي طرز وڄائي ٻڌندڙن جي احساس، جذبن ۽ اُمنگن ۾ علهدي لرزش پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. ائين محسوس ٿيندو هو ته ماحول هڪ نئينءَ رفتار سان وڌي رهيو آهي. راڳ پهاڙي، راڳ ڀيروي، راڳ آشا، راڳ ڪانرا تين تال، راڳ

گروائيءَ ۾ چيل آهي: ”مٺيت نيوي نانڪا-گڻ چنگيا نيٺا تت.“ يعني ته نمرتا ۽ مٺڙ واڻي سڀني گڻن جو تت آهي، سار آهي. سائينجن ان گروائيءَ جو زنده مثال هئا. پنهنجو پاڻ کي گرو بابا هريرام صاحب جو داس ڪري سمجهندا هئا. اکين ۾ نيڻهن، مک تي مٺيا ۽ ڪنهن لءِ به آشپ پڌرڻ سان ان ڏانهن ڌيان ئي ڪين ڏيندا هئا ۽ شبد ڪيرتن وقت هو پنهنجيءَ مٺڙ وائيءَ سان ساري ماحول ۾ مٺڙتا ڀري ڇڏيندا هئا.

منوءَ منو واڌواڻي، جن کي سڀ وچان ”بابل“ ڪري سڏجڻ ۾ ايندو آهي ۽ اڄان به ان طرح ياد ڪيا ويندا آهن، سائينجن ۾ ڏاڍو صدق اٿن. منوءَ جي طبيعت لڇڪڻي هوندي به هؤ ڀيلواڙي دربار تي ايندو آهي، جو ته هن خود محسوس ڪيو آهي.

ڀيلواڙي ۾ آسڻ آهي - شبد تو هر کو ڳائي،
سائين شيوارام مرلي وڄائي-دکڙا سڀني جا لاهي.
يا
سنت شيوارام جي ڪٿا ۽ ڪيرتن،
صاحبن ڏانهن تو ڀريم ڇڪائي،
اها ته هرڪو تو هاڪ ڪري، بابا!
بابا شاهدي ڀري.

سائينجن کي هڪ دفعي مون مٿي منچ تي مائيڪ تي ڳالهائيندو ڏٺو هو. بڙودا ۾ اُهو هري شيوا ڪنيا وِديالي هاءِ اسڪول جو ساليانو جلسو هو. هيءَ اسڪول به باباجن جي آشيرواد سان ئي چالو ٿيو. ١٥ لکن جو مڪان اڄ به سندن نالو پيو روشن ڪري. جلسي جي پريءَ سڀا ۾ رام پنجواڻي جهڙي ڳائڪ به سائينجن جي ساراهه جون

پڇائون: ”ڪير وڃائيندو اهو هار مونيم؟“ جڏهن ڪين ٻڌايم ته شانت چت سان چيائون: ”پل ڪٽي وڃ، پر سنڀال سان ڪم آڻجو، باباجن جي نشاني آهي.“

سائينجن کي پنهنجي لاڻ لاءِ لڳن ۽ پل پل ۾ پڪار سان، پنهنجي دل جي ڀاونا کي سنت سروماڻي جي چرنن ۾ شبد روپي سوغات ڀٽائي پيت ڏري چڏي آهي. ڪهڙن نه دل ڀڄائيندڙ لفظن ۾ هوُ پڪار ٿا ڪن.

من تو منهنجو سدا ساري توهان جي درشن کي،
ٻيو ڪو ناهي مائٽ منهنجو توهان کيو پنهنجي ڪي.

— — — —

داس شيوي کي ٿانگهه اهائي؛ ٻي ڪا ناهي ڪا،
درشن پياسي سدا رهي تو، راتيان ۽ ڏينهان.

— — — —

جتي ڪٿي مان توکي ڀوڻديا –
هردي اندر ستگر سانديا،
پنهنجي چرنن ۾ ڏينديم جاءِ.

سڀ ڀڄ سائينجن کي باباجن جي چرنن ۾ جوڳي جاءِ ملي ويئي. هو سٺا سنگيتڪار هوندي به نهنا رهيا، نماڻا رهيا، لال لاثاني هئا.

سوامي شيوارام نهٺو نماڻو،
لال لاثاني موٽي جو داڻو،
جهڪي چرنن ۾ سڀو لوڪ سارو.
(راڳ ڀيروي-مهراج مولڻ ڀيلواڙو)

سوامي شيوارام کي ڏاڍي آ نوڙت،
اهڙن سنتن جي آهي ضرورت،
درشن سان اچي آنند جائي.
(راڳ پهاڙي – مهراج مولڻ)

"ماءُ ٻُڍڙو، ماءُ ٻُڍڙو ڪرشن ڪنهيائي."

مان عجب ۾، سائين جن انگريزي ٻولي ۾ گرهڻ ڪري ورتي هئي. هڪ دفعي ٻڌايائون تہ امريڪا ۾ جيڪو گڏجي تہ ورتي ڇوڪري 'هاءِ'، اسين چئون: "ٻائي ڇا ٿيو، 'هاءِ-هاءِ' ڇو ٿا ڪيو." تہ منهن، منهن ۾ ڏئي ٻيا مشڪن، چي: "اهو خوش خيرافت جو امريڪا جو نمونو آهي."

سنگيت ۾ سائينجن اهڙي نموني هر ڪنهن کي وچ ۾ ۾ وڃ ڪلائيندا هئا. ڪٿي ٻہ، ڪنهن ٻہ وقت سائينجن شبد ڪيرتن ڪندا هئا تہ اُتي جڻ تہ شبد ورکا ٿي ويندي هئي، خاص ڪري جڏهن ورسيءَ سمي سائينجن پريءَ سنگت ۾ اچي، ٻاجي تي اچان آڳر مس هلائيندا هئا تہ هال ڪچاڪچ ڀڄ نڌڙن سان ڀرجي ويندو هو، پل پوءِ ان وقت ٻاهر مينهن، جهڙ يا واچوڙو هجي، ڇو تہ ورسي ٻہ ٿئي جون-جولاءِ ۾ جڏهن چوماسي جي شروعات هجي. ان وقت ڪلاءِ قدرت جو هڪ ازغيبي ميلاپ ٿيندو هو. گيت، سنگيت ٻہ هڪ نشو آهي ۽ مٺ ۽ مستيءَ سان ڀرپور. جنت روح ۾ راڳ سمايل هجي تہ راڳ ۾ روح ڪيئن نہ ٽڪندو.

اُها سانيو اچا ويٺي ڪانہ اٿم، جڏهن مان ٻار هوس ۽ سائينجن کي ٻڌن ۾ هر هڪ مساڻ ياترا وقت، شمشان ڀوميءَ ڏانهن مردہ ڏيهہ کي نيندي رام ڌني لڳائيندي، ٽپ ٽپ تي سائينجن ترسي، ٻاجي تي ٻہ ٽڪون ڳائيندا هئا ۽ پوءِ ورتي اڳيان وڌندا هئا. گيتن جون ٽڪون تہ ياد ڪونہ اٿم، ٻر ٻڪ سان چئي ٿو سگهان تہ اُهي گيت گهڻا ٿڌا سر مارو جاني هوندا هئا، جنهنڪري ماحول ۾ گمڀيرتا هوندي هئي ۽ شانت وايو منڊل ۾ آيو ويو لنگهندڙ ٻہ شانتيءَ سان اُهي ٻہ ٽڪون ضرور ٻڌندو هو.

اونهاري جي موسم ۾ ٻڌن ۾ گرمين ۾ سخت

سرڪيون پريون هيون، کين نمسڪار ڪيو، ڇو ته هوُ کين ڳائڪ جي طرح پوڪي سگهيو هو؛ البت سائينءَ جن وڏن جلسن ۾ عام ۾ ڪين ڳائيندا هئا. ڳائڻ ڪو سندن پيشو ڪين هو، پر اها پنهنجي گروءَ کي منائڻ لاءِ سندن ساڌنا هئي. چئن ديوارن جي اندر، ڪنهن گهر ۾ يا ٽڪاڻي ۾، گروگرنٿ جي اوٽ وٺي هوُ ڪيرتن ڪندا هئا. پڇاڙيءَ جي وقت سهڪي جي تڪليف ڪارڻ ڪيرتن ڪرڻ تي دل ته ڪانه ٿيندي هئن، پر ڪنهن ڀڳت پريميءَ کي انڪار ڪري ڪين سگهندا هئا. هڪ دفعي اسان جي گهر ۾ شبد ڪيرتن ڪندي آکيو هئائون: ”پڇن ڪيون ٿا تڏهن ته ڀڳتن وٽان پوڄن ملي ٿو.“ سندن اُهي اکر منهنجي هردي ۾ چُڀي ويا ۽ ان کان مون ڪڏهن به کين ڪيرتن لاءِ ڪين چيو. البت جت جت پڌرو هو ته سائينءَ جن جو ڪيرتن آهي ته ست ڏيئي اوڏانهن ڀڄبو هو.

سائينءَ جن جو ڪيرتن گرواڻيءَ مان ئي هوندو هو، پر جي ڪڏهن اهڙي موقعي تي ڪنهنجي گهر ويا ته اُتي لاڏو به ڳائي ڇڏيندا هئا.

”صدقي مان صدقي - لاڏا ڇو نه ڳايان.“

اهو سندن خاص لاڏو هوندو هو.

اميريڪا ۾ سائينءَ جن ٽي دفعا ويا. اُتي به شبد ڪيرتن ضرور ٿيو ئي هوندو. سائينءَ جن جي اميريڪا مان موٽڻ کان پوءِ هڪ ٽيپ مان سائينءَ جن جو آواز آيو.

آءُ ڪرشن، آءُ ڪرشن! ڪرشن ڪنعيائي،
مون تنهنجي خاطر گلن سندي سيج وڇائي.

سائينءَ جن هاسيه واتاورڻ ۾ اُهو گيت ڳائي رهيا هئا. لڳي ائين پيو ته لوڪ ضرور جهومندا هئا، ايتري ۾ سائينءَ جن گيت جا بول بدلايا:

هڪ وڏي ڪتا آهي، ڪڏهن وانڊڪائيءَ ۾ ويهي ٻڌائيندو-
سانوءَ.“ پر الائي ڇو ڪين اهڙي وانڊڪائي ٻوءِ نه
ڪين ملي.

مان ٻيلواڙيءَ ۾ ئي رهيل هوس. ڏياريءَ جا ڏينهن هئا. احمدآباد آڪاشوائيءَ تان منهنجو ڏياريءَ جي ڏڻ تي سنگيت روپڪ پرسارت ٿيڻ وارو هو. پروگرام جو وقت هو رات جا ڏهه ٻجا. باباڄن اٽڪل پوڻين ڏهين ٻجي دربار ۾ آيا ۽ ڪپڙا بدلائي مٿي ڪُڏ تي هليا ويا. ڏهين ٻجي ريڊيو چالو ڪيو ويو. سائينجن جو به ان پروگرام ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويو ۽ رسوئي ڪندي ڌيان پروگرام ۾ ئي هون. رسوئي سماپت ڪرڻ ڪانپوءِ، مٿان ئي آواز ڏنائون: ”اسان سان ڳالهه ڪيو هان ته رسوئي، پروگرام ٻڌڻ کان پوءِ ڪيون هان. ڪيترو نه سٺو پروگرام هو.“ جيئن ته پروگرام ٽيپ ڪيو ويو هو، ان ڪري سائينجن کي اهو وري ٻڌايو ويو. ٽيپ دربار واريءَ دريءَ تي رکي وئي ۽ سائينجن مٿي ڪوٺي تي سارو وقت بيٺي بيٺي پروگرام ٻڌندا ٿي رهيا. ان کان پوءِ سائينجن کي مون پنهنجي هولي جي پروگرام جي ٽيپ وڄائي ٻڌائي ته ڏاڍو ٻئي خوش ٿيا ۽ آشيرواد ڪيائون.

سائينجن پاڻ گيت ڳائيندا ته هئا پر ناهيندا ٻـ هئا. گيتن ناهڻ جو چاهه هنن ۾ شايد ننڍي هوندي کان ئي هو. هنن وٽ مون ٻه وڏا ٿلها نوٽبڪ ٻه ڏٺا هئا، جنهن ۾ سائينجن جو ٺرمڪي اڪون ۾ گيت سنگره هو. باباڄن جي ننا ۾ هنن ٢٥ کن گيت لکيا. هر ايڪادشيءَ تي سماڌ ان تي ڪيرتن جو پوڄ لڳندو آهي. ان موقعي لاءِ سائينجن سندر گيت لکيو:

ٽينديون هيون هر ڪو وڃي پنهنجي گهر جي چوٽ (ڪُڏ) تي سمهندو هو. اسين ٻار رات جو رسوئي کائي وٺي مٿي ڀڄندا هئاسين. دربار صاحب گهر جي بلڪل پرسان ئي هئي. رات جو شبد ڪيرتن جو بلند آواز چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ان عمر ۾ گيت سنگيت جي سمجهه ته ڪانه پوندي هئي پر آواز ڏاڍو مــڳند ڪندڙ هوندو هو. اڄ به ڪنن ۾ اهڙو آواز پيو هر هر دهرائي.

سائينجن کي ڪٿائون به ڪٿندا هئا، خاص ڪري سندن نرملا جي ڪٿا ته عام ۾ ڏاڍي پسند پوندي هئي. ان ڪٿا لاءِ سائينجن کي ڏاڍو وقت لڳي ويندو هو. انهيءَ ڪري پوءِ انهيءَ ڪٿا کي ننڍو ڪري ٻن ڪلاڪن ۾ سمائي ڇڏيندا هئا. البت اصلي ڪٿا ته ۴ کان ٦ ڪلاڪن تائين هلندي هئي. شبد ڪيرتن وقت سائينجن پنهنجا انڀو بـ ٻڌائيندا هئا. باباجن سان گهاريل گهڙين جون ڳالهيون بــ ڪٿندا هئا. هيترو جو ديش پرديش جو جيڪو رٽن ڪيو هئائون ته اُهي آزمودا به خوشيءَ سان ڪيرتن ڪندي ٻڌائي ڇڏيندا هئا. هو ٻڌندڙن جي اُمنگن ۾ نيون آشائون پرجهت ڪندا هئا. ڪمزورن کي ٻل بخشيندا هئا؛ ۽ ويچارن انسانن کي آچرڻ ڪرڻ جي همت ڏيندا هئا. پرٿوي ۽ آڪاس کي ڪنهن مفاصلي تي هڪ ٿي پسڻ جي طرح هو خلق ۽ خالق ۾ هڪ ٿيڻ جو اتساهه ڀريندا هئا.

رات جي رسوئيءَ کان پوءِ، سائينجن ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ٻـڌائيندا هئـا. هڪ دفعي چيو هئائون: ”سنڌ ۾ جيوٽي ڏائڪا هـوندي هئي. جت سنڌس ٻول ٻڌي پيا ٻانولا ٿيندا هئا. ان زماني آهر سر به ڪو لائو ڪين هوس؛ پر گهڻو وقت ڪانه رهي. ڪن عجيب غريب رمزن ڪارڻ جلد ئي سڪي سنوائين ئي ويئي.“ ورتي چيائون: ”اها بـ



مهروان مالڪ سائين جن هن ڪتاب جي ليکڪ ۽ سندس ڌرمپتني آنيتا سان

ڇا نه جڳتي، ڇا نه ڀڳتي، ڇا نه شڪتي، هئي سنڌ ۽
دل گهريو دلبر دلارو - سائين شيوارام جن.
- ڪمل پياسي



سوامي ٽيئو ساندار سواڳت لاءِ ٻيهر دادا چيتنرام ڪرمچنداڻي ۽ ڌنارام
”اوچ آڌار جي اَنت سڌامي ڪوٺ جاڻي ڳڻ نمري“ ڪرواڻي

بابا هريرام، بابا ڪرپارام، بابا منيرام، بابا آتمارام
بابا سريچند کي تہ ساراهيون، بابا قيصر پوڄ لڳايون.

”ڄئہ سنگر بابا“ جي آرتي بہ سائينجن ڀاڳ ٿي جوڙي هئي ۽ ڀاڳ ٿي ان کي سنگيت جو روپ ڏنائون. گيتڪار ۽ ڳائڪ جي هيءَ سنڌن ٻئي ساڌنا هئي؛ پنهنجي مرشد، پنهنجي رب کي منائڻ لاءِ.

گرو گرنٿ جا شبد اچاري، سي سپ سر ۾ ڳائي
مکہ ۾ ٻاٽي، هاج هٿن سان، ساجن کي سرچائي.

باباجن (بابا هريرام صاحب) جي بہ هنن مٿان ڪيڏي نہ آشيرواد هئي، ڪيڏي نہ مهر هئي. اهڙا مهاپرش نہ آهن تہ بہ آهن. اهڙي سائينءَ کي دل سدا پيئي ساري. هنن جو ڪجهہ لکيو آهي، ڳايو آهي ان کي وقت بہ ميساري ڪين سگهندو. مالڪ جي ساراهہ ۾ سنڌن قلم هليو، سنڌن زبان هلي ۽ ماحول ۾ اهڙو تہ ولولو پيدا ٿيو جو دل، دماغ ۽ جذبن تي ان جي ڇاپا رهجي ويئي. ڪين ياد ڪندي اڄ بہ من اڇليون ٿو ماري. سمنڊ جي لهرن جيان ور ور ڇوليون ٿيون چڙهن، من جي مٿل کي ڏوئن ٿيون، احساس ۾ اڇليون ٿيون آٿين، جذبن ۾ جوت ٿيون جاڳئين، اُڌما اُڀرن ٿا ۽ اُمنگہ نرتہ ٿا ڪن.

سائينجن هرهڪ گيت ۽ راڳ کان واقف هوندا هئا. منهنجي ڪکي کان سنڌس نالو پڇيائون، بالڪ ٻڌايو: ”للت.“ يڪدم وڏي آسيس ڪندي گرواڻيءَ جا شبد اچاريائون: ”للت بلاول گائيئي اپني اپني ڀانت.“ ٻچڙو ٿورو وڏو ٿيو تہ ڪيس ان جو مطلب تہ سمجهائون پر ڪيس گود ۾ کڻي فوٽو ڪيائڻ ٿي جڏهن ڪين عرض ڪيم تہ خوشيءَ سان سويڪار ڪيائون.

سنڌن اُهو منڙو ۽ بلند آواز اڃا بہ پيو ڪنن اندر پيو وڄي. شبد سنگيت جا مالڪ هئا، ڏاڍي هئا.

روشن راهہ ٻڌائي ويا



سڪ شرڌا ۽ صدق سان ڇا نہ ٿو پراپت ٿئي
ٻاجھہ ٻاجھارو ڪري پيو عام ٿي ۽ خاص ٿي
- ڪمل پياسي



ٻار ٻرو پوڙهو کي سڃاڻو - ۽ سڃاڻي خوب ڀاڻو
دل گهريو دلدار نيارو - سائين شيوارام جن
- ڪمل پياسي



V

ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهيون

اجمير - اندور جي ميٽر گيج ريلوائي لائين تي ٿي اچي ٿو ڀيلواڙا جو شهر. شهر ڪو لائو ڪين آهي. پڪا رستا آهن، وهٽن جا سڀ ساڌن آهن. سنڌي آهن. سنڌين دڪان، مڪان ۽ وندرگاهه آهن ۽ انهن سان گڏ آهي هڪ ديش-ڀرشٽ ڀرين جي مهنت بابا هريرام صاحب جو آستان ”هري شيوا ڌام“ جنهنجو سارو ڪاريه بابا شيوارام صاحب جنجي آشيرواد سان اڄا به چالو آهي. ڀرين جيان هتي به سنڌين باغ آهن، کيتي آهي، کوهه آهن ۽ گڏو گڏ آهي سهڻي ٺاهوڪي دربار ۽ هري شيوا ڌرمشالا.

ڀيلواڙا جي دربار ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ ٿيندو آهي. باغ جي اندر هڪ نئون پريوگ چالو ڪيو ويو هو. شهر جي گندي پاڻيءَ کي اهڙي ته ٺاهوڪي نموني ڪم آندو ٿي ويو، جو ان جي ڪارڻ هڪ ته پاڻيءَ جي نڪاسيءَ کي منهن ڏيڻ آسان ٿيو، ٻيو ته ان پاڻي سان گڏ باغ ۽ ٻنيءَ کي به پنهنجو ٻاڻ پاڻ ملي ٿي سگهيو. گندي پاڻيءَ واري حصي سان کوهه جو به سنو پاڻي ملايو ٿي ويو. نتيجي طور فصل نه پلوئي لٿو، پر زمين به تندرست ته پيداوار ٻڻي.

باغ تائين وڃبو هو ته ائين لڳندو هو ته شهر ڇڏي ڪنهن
جهنگل طرف وڃڻو ٿو پوي. باغ ۾ ٻنهي ڏانهن ويندڙ سڙڪن
تي ابرق جهڙيون ٽڪريون وڇايل هونديون هيون، ڇو ته
پيلوارا ۾ ابرق جون وڏيون کاڻيون آهن. سائيجن پيلوارا ۾
هوندي ڏٺم جو صرف باغ ۾ ئي ملندا هئا. باغ ۾ ڪهي
وڃبو هو ته ڏسبو هو ته ڪين ننڍي گوڏن تائين ٻڌل گوڏ،
مٿي تي ٽوال ويڙهيل، هٿ ۾ ڪوڏر ۽ ٻنيءَ جي ڪم ۾
رڌل؛ تنهن هوندي به چهري تي ڪيڏو نه تيج هوندو
هو. اسين اڳيان وڃڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين ته اشاري
سان جهليندا، اسين پريان ئي نمسڪار ڪندا هئاسين ته هُو
هٿ سان آشيرواد ڏيندا هئا ۽ ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ ئي
اڳيان ايندا هئا. اسين چرن سپرش ڪندا هئاسين؛ تنهن هُو
حال احوال ڏيڻ وٺڻ لاءِ ٻنهي کي جهوپڙيءَ ۾ وٺي
هلندا هئا. اُها هوندي هئي ماتا بسنت ڪَور جي رهڻ
واري جهڳي جي ڀر واري ڪوٺڙي. واڻ جي پراڻي جهول
جهڙي کٽ، بنا پالش جي پراڻا اڻ گهڙيل پاوا ۽ اسين هيٺ
پراڻيءَ ڳوڻ جي ٽڪر تي باباجن جي چرڻن ۾ ويهي رهندا
هئاسين. ڪيڏي نه انمول سادگي ۽ ڪيڏي نه شاهاڻي
ورتي. هونٺن تي مشڪ آڻي، ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري،
ڀورين ٻنهين ڪلهن تان ٽوال لاهيندا؛ پيشانيءَ جو پگهر
اُگهندا، پيئڻ لاءِ جل گهرندا ۽ پوءِ اسين به ائين ئي
سمجهون ته هُو ڄڻ گهر جا مربي ٻڍڙا پنهنجن ٻالڪن سان
حالي احوالي ٿي رهيا آهن. هر ڪنهن جو حال احوال پڇندا.
گهر جي ڪنهن به ڀاتيءَ کي وساريندا ڪين ۽ پوءِ آشيروادون
ڪندا. باغ ۽ ٻنيءَ جو پاڻ به احوال ڏيندا ته: "جيتري
محنت ڪيون ٿا اوترو اُپراسو ٿئي ٿو. دربار، شيواڌارين ۽
آئي وئي لاءِ جهجهو ئي اناج ۽ ڀاڄي پتو پيو ٿئي. ڏڌ، کير،

سچ ۽ سهوليت وارو هو هيءُ نئون تجربو.

ڦلواڙو اڳ به هو، ڦلواڙو اڄ به آهي.

ميواڙ جي مهاراڻا پرتاپ سنگهه جي وفادار ڀيل قوم جي فوج جو هيءُ هنڌ مکيه مرڪز هو. اڄ به هيءُ شهر اٽڪل ۴٠٠ ننڍين وڏين ملين ۽ ڪارخانن وارو پنجاب جو جڻ ته لڌيانا ٿي پيو آهي. هوزيئريءَ جا گهڻا ڪارخانا آهن. سنڌين جي آبادي به اٽڪل ڏهه هزار کن ٿيندي. گهڻي ڀاڱي هُو واپاري طبقي جا آهن پر ڪي ڪارخانيدار ۽ ڪي وري سرڪاري نوڪرين ۾ به آهن. سنڌين جون هتي ڌرمشالائون ۽ چار وشال مندر به آهن. سنڌين جي واپار جا خاص مرڪز آهن گانڌي بزار ۽ اندرا مارڪيٽ.

بابا شيوارام جن جو ورهاڱي کانپوءِ پنهنجو ڏيرو هتي اچي ڪيو، تنهن ته هن شهر کي جڻ اڏي ڇڏيو آهي. اڄ هتي جي هري شيوا ڌرمشالا ۽ هري شيوا ڌام هر پرديسيءَ جي اکين جو تارو بڻجي پيا آهن. بابا هريرام صاحب جنهن جي ساليانى تٿ جي خبر نه ڏيندي به ڪيترائي پريمي ڪٿان جو ڪٿان اچي هتي ڪٺا ٿيندا آهن. ٽي ڏينهن ڇڱو ميلو لڳندو آهي ۽ ڦلواڙا جا پنچ به پنهنجا ڌنڌا وساري ڪم ڪار ۾ لڳي ويندا آهن. ڦلواڙا ۾ هوندي بابا شيوارام جن گهڻو تڻو دربار کان ٻاهر ٿي هوندا آهن. ڪڏهن سماڌين واري باغ تي ته ڪڏهن پانڊل واري کيت تي (جنهن کي ڪونين ٿي نارو شاه) سڄو ڏينهن پوءِ اُتي ٿي گهارين. پانڊل ۾ هاڻ ته گئوشالا به ٺهي تيار ٿي آهي. سندن شيوا لاءِ پرمارٿ جا ڪم به چالو آهن.

جڏهن مان پهريون دفعو ڦلواڙا ۾ آيو هوس، تڏهن ڦلواڙا اڃا ضلع جو روپ ڪين ورتو هو. اسٽيشن کان دربار تائين اچبو هو ته اهو رستو به ڪچو هوندو هو ۽ دربار کان

شيام واڌواڻيءَ جي گهر ۾ ڪڏهن وري ڀاءُ مٺو مٺو واڌواڻيءَ جي گهر ۽ پوءِ سائين جن اُتان ڪٽي به سٽسنگين وٽ ويندا هئا ته مونکي به پاڻ سان وٺي هلندا هئا. ان وقت وڏيو ڀلائي به اڪثر مون سان گڏ ئي هوندو هو. وار وار سائين جن جي نيڻن ۾ نهارڻ سان مونکي نه معلوم ڪونه ڪو نئون انڀؤ ٿيندو هو. مايا ۽ ممتا جي وچ مرڪز ۾ هوندي به سائين جن ڪڏهن به انهن ۾ وچڙجي ڪين ويا. اهو ته مون پاڻ انڀؤ ڪيو هو. ڪيترائي شش، شيوڪ ۽ پريمي سائين جن سان گڏجڻ ايندا هئا، پر انهن سڀني سان ميل ميلاپ ڪندي به هو "هري لنؤ" ۾ ئي لين رهندا هئا. سائين جن سنساري استريءَ کان گهڻو مٿي هئا. موڪش پائڻ لاءِ هنن مايا ۽ ممتا کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو؛ ڇو ته ڪايا، ڪنچن ۽ ڪامني ديوتا پرشن لاءِ نه، پر سنساري لوڪن لاءِ ئي هوندا آهن.

سائين جن شبد ڪيرتن ڪندا هئا. ڀڳتيءَ جي محدود رهائش جو پربنڌ هوندي به، نه معلوم ڪيئن سندن شش جي دل وشال ٿي ويندي هئي ۽ سٽسنگ ۾ آيل هر ڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي سمائجي ويندو هو ۽ وڃڻ کان اڳ پرشاد به وٺي ويندو هو. ور ور ڪري سڌيءَ يا اڻ-سڌيءَ طرح سائين جن ائين ئي چوندا هئا:

"اندر جون ضرورتون ۽ خواهشون وڌائڻ سان وڌن ٿيون ۽ گهٽائڻ سان گهٽجن ٿيون. خواهش ۽ ضرورتن جي دنيا ۾ رهندي به انسان ضبط، سادنا ۽ تپسيا سان ٻين ضرورتن جان وشيه واسنا کي پنهنجي وس ۾ رکي سگهي ٿو. خواهش اُپجن ئي نه ٿئي اهو ته يوگيءَ جو ڪرتويه ۽ ڌرم آهي. انسان دراصل ٽڪر يا پهاڙ بڻجي پوڻ گهرجي، اهو ٽڪر يا پهاڙ جو اُس ۽ برسات ٻئي سهي سگهي. ضرورتن

مکڻ جي شيوا بسنت ڪُور ڪري. دربار هري پري آهي. سنت مزوري ڪيون ٿا ته ماني ساڳ کائون ٿا.”

منهنجي لاءِ ٻـ جوڻن جو اهو پهريون پهر هو. مان ڪنوارو هوس. منهنجي من ۾ هڪ لوچ هوندي هئي، خبر ناهي ڪيئن انٽر سائنس ۾ پهريون دفعو ناپاس ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ڊاڪٽر ٻڻجڻ لاءِ آئينده جي اڀا وڃائي چڪو هوس تڏهن سائينءَ ئي هئا، جن اشارو ڪيو هو ته منهنجي مقدر ۾ پڙهڻ اڀا لکيل آهي ۽ اڄ مان هنن سامهون نهاريان ٿو ته مونکي بيابان واري روح ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، اُسانت منهنجي نڙي سڪائي نوٽ ڪانه ٿي ڪري. منهنجي اکين سامهون تارون تار صاف پاڻيءَ جو جل ڇل ڪندو نظر ٿو اچي. اهڙيءَ حالت ۾ منهنجي من کي روڪڻ وارو ڪير ٿي ٿو سگهي. هيءُ منهنجو پهريون انڀؤ هو، جڏهن ڏٺم ته مان هڪ اهڙي شخص جي سامهون ويٺو آهيان، جنهنجي اکين ۾ نهارڻ جي مون ۾ سمرٿي ڪانهي، جنهنجي پريم جي رنگ رونق ۾ سڪه جو آسرو آهي، جنهنجي اپار آسيس منهنجي سموري آئينده جي زندگي جو ٽڙندڙ چمن ٻهڪائي ڇڏيو آهي، ايترو جو هاڻ منڊ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪو فرق نظر ئي نٿو اچيم جو حقيقت هو، اڄ ٻه انتر آتما ۾ آهي، جنهنجو روبرو درشن ٿيندو، سندس اکين جي درپڻ ۾.

ڪاليجي تعليم مون ٻڙودا ۾ حاصل ڪئي، پر هر سال وئڪيشن ۾ مان بمبئيءَ ويندو هوس. سائينءَ سان ٻه ڪيترائي دفعا ان عرصي ۾ بمبئيءَ ۾ گڏجندو هوس. جيئن ئي خبر پوندي هئم ته سائينءَ بمبئيءَ پڌاريا آهن، پوءِ مان جيترو وقت بمبئيءَ ۾ هوندو هوس، پنهنجيءَ ماسيءَ ۽ ماميءَ جو گهر ڇڏي سائينءَ جي صحبت ۾ گهاريندو هوس. ڪڏهن پيڻ چندرا پارداسانيءَ جي گهر ڪڏهن پاءِ

لکڻ ٿي ڪيو.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو مٿي ڪوٺي ۾ سائينجن کي مٿو ٽيڪي عرض ڪيوسين: ”سائين، دربار جو ڪو ڪم ڏسيو.“ چيائون: ”ڪم وارا نه گهٽائي وڌا آهن.“ پر ٿوري شانتيءَ کان پوءِ چيائون: ”توهان کي جيڪو پڇي اهو ڪيو. پنهنجو گهر اٿوَ. باغ ۾ اڇو ۽ ڪوڏر ڪڍي نه سگهو ته کيتيءَ مان اجايا گاهه جا سلا ڪڍو. زمين تان پٿر ڪڍي پاسيرا ڪيو. تيار ٿيل کيتيءَ کي سنواريو، بسنت ڪؤر سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيو؛ آئي وئي جي سار لهو؛ پيلواڙي جي چوڌر منڊر مڙهيون ڏسو. تارو شاهه جون ٻنيون ڏسو.“ اسين ته صرف ”ها سائين - ها سائين“ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪڇي به ڪين ٿي سگهياسين. ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي پتنيءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ڪي ڳالهيون ڪيائون ۽ کيس ٽيڪي وڃڻ جي موڪل به ڏنائون.

ڪيڏا نه اوچ آدرش جا مالڪ. ڪيڏا نه سندن ٻلند وچار ۽ ڪيڏا نه سندن مهان اُديش. مونکي پوءِ ڪيٽن نه پڪ ٿيندي ته مونکي سڦلتا به اُتان ئي مِلي آهي. مون لاءِ ان در جي چائنٺ چڙهڻ ئي يوگيه آهي. سائينجن ڪرامت جا ڏٺي هئا، پر اُها هنن ڪڏهن ڏيکاري ڪانه. گروءَ جي ٻاڻي ۽ گرمکيءَ ڪانسواءِ هنن وٽ ٻي ڪا شبد سکيا ڪانه هئي، تنهن هوندي به مانسڪ شڪتين جي وڪاس ڪاڻ هو اهڙي ته انوکي ڪرامت ڏيکاريندا هئا جنهن کي سواءِ طرح سوچڻ به ممڪن ٿي ڪين سگهي.

هر سال بابا هريرام صاحب جن جي تٿ ٽئي ته اهو پرب ٽيڪي سان ملهائين. گرونانڪ صاحب جن جي جنم جو ڏينهن به دربار ۾ ملهائجي، جتي به ٻاڻ ميلو ملهائي چڏين. هڪ دفعي مان پيلواڙا ۾ ئي هوس جو صبوح جو

جي زيادتي يا ڪمي ڪاڻ ان شانتيءَ کي لوڏي ڪين سگهندي."

ان کان پوءِ مان جڏهن پيلوارا ويو هوس ته مان اڪيلو ڪونه هوس. منهنجي شادي ٿي چڪي هئي ۽ منهنجي پتني انيتا مون سان گڏ هئي. تنهن وقت پيلوارا ضلع جو روپ ورتو هو، سنڌين جي چڱي چوکي بستي اڏجي چڪي هئي ۽ دربار ۾ به گهڻن جوئي اچڻ ٿيو ٿيندو هو. اگر دربار ۾ رهائش واريون ڪوٺيون پرجي وينديون هيون ته مهمان گدام ۾ به رهڻ پسند ڪندا هئا ۽ پوءِ جيئن جيئن ڪوٺيون خالي ٿينديون هيون ته ڪين اُهي رهڻ لاءِ ملنديون هيون. باباجن وٽ رهائڻ لاءِ ان وقت صرف دربار واري جڳهه ئي هئي. سماڌين جي استاپنا ڪانه ٿي هئي. ان ئي ڏينهن شام جو جڏهن باباجن سان گڏجڻ لاءِ باغ ۾ وياسين ته ڪين اسان کي ڏسي ڏاڍو سنتوش ٿيو ۽ گڏجڻ سان آگيا ڪيائون: "پٽ! هاڻ ته سگهرو آيو آهين، ڪيئن رهيو نه." مون به ڪٽي ها ڪئي، پر حقيقت ۾ پيلوارا ۾ رهڻ جو فقط ٢ يا ٣ ڏينهن جوئي پروگرام هو. رٿيل پروگرام موجب اڳئين ڏينهن سائينجن سان وڃڻ جي ڳالهه ڪيم. "بابا! لکنو ٽائين وڃڻو آهي. توهانجي آگيا هجي ته پروگرام موجب سڀاڻي وڃون." تنهن تي يڪدم چپن تي مشڪ آڻي، منهنجيءَ پتنيءَ ڏانهن نهاري چيائون: "آخر به ته پيڪي تي وڃين نه. ڇو هيءُ پيڪا ناهن ڇا؟" منهنجي لڱن ۾ ۾ ڄڻ ته بجليءَ جو ڌڪ گهمي ويو. ڪيڏي نه حب، ڪيڏو نه پيار. اسان جي شادي به سندن شڀ هٿن سان ٿي هئي. منهنجي مٿي تي مٽڪ به ته پاڻ رکيو هئائون. ان حالت ۾ اسان ٻنهي لاءِ ڪجهه به رهيو ڪين، پر جلد ئي پاڻ ساهس ڌاري چيم: "سائين هاڻ جيئن آگيا ٿيندي

ملي ۽ هر ڳل مان سنتوش اُپن ٿئي.

جيڪو به پيلواڙي ايندو آهي ائين ٿي سمجهندو آهي ته سائينجن صرف سندن ئي آهن. هو به هر ڪنهن سان هڪ جهڙو ئي ورتاءُ ڪندا هئا. رسوئي هر ڪنهن لاءِ هڪجهڙي ٿيندي آهي. وراندي ۾ رسوئي گهر کان ٻاهر، هيٺ پٽ ۾ تڏڙي وڇائي ان تي ويهي کائبو آهي. هڪڙا سيواداري کائين ۽ ٻيا کارائين ۽ پوءِ ٻهريان سيوا ڪن ته ٻيا کائين. دربار جي سيوا لاءِ ٻاهران آيل استريون، توڙي شهر جون ڪيتريون زالون، اچي ٻاسڻ صاف ڪن، دربار جي ٻي صاف صفائي ڪن ۽ انهن هر ڪم ۾ واهر ڪن.

هڪ دفعي مان پنهنجي پتنيءَ سان دربار ۾ رهيل هوس. سائينجن اجمير هلڻ جو پروگرام ٺاهيو ۽ اسان ٻنهي کي به پاڻ سان وٺي هليا. اسان سان گڏ سريرام پارداساڻي ۽ سوامي گنگارام صاحب جن به هئا. اڳئين ڏينهن اسين اجمير ۾ سوامي وشومتر صاحب جي دربار ۾ رهياسين. ٻئي ڏينهن سوماوتي اُماس هئي. سوامي جن پشڪر تي اشنان جي اڇا ظاهر ڪئي ۽ اسان سڀني کي به پاڻ سان وٺي هليا. اُتي اسان ٻنهي جا هٿ جهلي ٽٻيون ڏيارايائون ۽ چيائون ته هر ٽٻيءَ سان پنهنجن وڏن اَبن ڏاڏن، ڏاڏين، نانين جا نالا وٺو. اهو به پترن کي پاڻي ڏيڻ سمان آهي. اڄ اُهو نظارو ياد ٿو اچي. سائينجن جي جوانيءَ واري دهشت، پيشانيءَ تي نوراني نزاڪت ۽ اکين ۾ پورڻ ڀڳتيءَ جو خمار. اسان ته ائين ٿي سمجهيوسين ته اسين پاڻ پورڻ پرماتما جو هٿ پڪڙي بيٺا هئون. ٽٻيون ڏيڻ ۽ سنان ڪرڻ کان پوءِ هو اسان کي پشڪر جا خاص خاص مندر ڏيکارڻ هليا ۽ ان کان پوءِ ڀوڄو به ڪرايائون. البت اسان کي هڪ پئسي جو به خرچ ڪرائڻ ڪين ڏنائون: ”ٻچي: توهين اسان جا ٻار،

جڏهن سائينجن دربار مان نڪري باغ تائين ٿي ويا، ڪنهن ساڌوءَ خيرات لاءِ اچي عرض ڪيو. تنهن وقت سائينجن دربار کان باغ تائين ايندي ويندي پنڌ ئي ڪندا هئا. مان سائينجن جي پٺيان ئي پيو هوس. ڏٺم ته سائينجن پهرين ساڌوءَ جي اکين ۾ نهاريو ۽ پوءِ مون کي هدايت ڪيائون: 'هنڌن واريءَ ڪوٺيءَ مان هڪ چادر ڪڍي اچ، پر ڏسج ته ڦاٽل نه هجي.' مون جڏهن هڪ چادر آڻي سائينجن کي ڏني ته نهن پهه ڪڍي ان ساڌوءَ کي ڏنائون ۽ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي کيس لڪشمي جو دان به ڪيائون.

پهلواڙي جي رهواسين کان ائين ٻڌو اٿم ته هڪ دفعي سائينجن شام جو دير سان باغ کان دربار ڏانهن پئي موٽيا، جو ٿپ ٿپ ٿي ڪونه ڪو بکاري ملندو ٿي رهيو ۽ هر ڪو ڪنهن نه پهراڻ لاءِ سڏڻ هڻندو ٿي رهيو. سائينجن پنهنجي سرير تان هڪ هڪ ڪپڙو لاهي کين ڏيندا ٿي ويا. پهرين ڪلهي وارو ٽوال، پوءِ صافو، پوءِ ٽوپي، پوءِ ڪُرتو ۽ آخر ۾ ڌوتي ۽ جتي به ڏئي ڇڏيائون ۽ صرف لانگوٽيءَ ۾ دربار صاحب ۾ پير رکيائون، تنهن هوندي به من ۾ سنتوش منهن تي خوشي ۽ دل ۾ ديا ڀاءُ. کين ڪنهن به ڳالهه جو ڪو ڏک ڪين هوندو هو؛ ۽ ڏک ٿيندو به ڇو، جڏهن سوامي وويڪانند چيو آهي: "پئسي هڻڻ سان غريبيءَ جو ڏک رهندو آهي، روپ هڻڻ سان ڪروپ ٿيڻ جو ڏک ستائيندو آهي. گڻن هڻڻ سان اوگڻن جو ۽ گيان هڻڻ سان اگيان جو ڏک رهندو آهي ۽ پاڻ کان پوءِ وڃائڻ جو ڏک ستائيندو آهي." پر سائينجن کي اهڙي ڪنهن به قسم جو ڏک ڪونه هو. سندن لڳاءُ ته صرف ڪم سان ئي هوندو ۽ اهو ڪم جنهن لاءِ من جو يوگ هجي، جنهن ۾ زبردستيءَ جي ڪا به ڳالهه نه هجي، جنهن کي ڪرڻ سان من کي آنند

شم ۽ ريشم جون مالهائون ۽ گروءَ جي رومالن جي واپرائڻ
و ئي واهپو ٿيندو هو. سچو ناٽ ٺهڻ کانپوءِ رنگارنگي
ڻن جي جهرمر لڳائي ويندي هئي. ان سينگار جي ڪم
مان ته چاهه وٺندو هوس ۽ پر ڏسندو هوس ته جيستائين
ات جو اهو ڪم اسان پورو نه ڪيو آهي، سائينءَ آرام
ڪندي اسان تي به نظر رکندا هئا. اجايو گوڙ ڪرڻ کان
نع ڪندا هئا. شانتيءَ ۽ سلوڪ سان ڪم ڪرڻ جي هدايت
يندا هئا ۽ ائين ئي سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ اسان ۾
ڪم ڪرڻ جو اتساهه پيدا ٿي ويندو هو. (هيءَ اها مقبول
جڳهه آهي، جنهن جي خبر سائينءَ کي ڪيترو نه اڳواٽ ئي
پيئي جو هاڻ سندن سماڌي به ان جڳهه تي ئي ٺهي راس
ئي آهي.) ورسيءَ جي رکيل پاٺ صاحب جو ڀوڳ به سائينءَ
ياڻ پائيندا هئا. سنڌيا جو آرتو ڳائيندا هئا ته ان وقت
منڊل ۾ شانتي ڇانئجي ويندي هئي. رسوئي کائڻ جي
چنتا به ڪنهن کي ڪانه رهندي هئي. منهنجي من ۾ اهڙي
اڄا اُٿي ٿيندي هئي ته مان به باباڻن تي ٺاهيل گيت ان
وقت چوان جڏهن سائينءَ گديءَ تي براجمان هجن. منهنجي
هردي جو حال محسوس ڪندي، ڪڏهن اکين دئاران ته
ڪڏهن مک سان مونکي پنهنجيءَ اڳيان حاضريءَ ۾ ڪجهه
چوڻ جو اشارو ڪندا هئا.

رفته رفته ميلي تي ايندڙ خلق وڌندي رهي، جنهن
ڪري وڏي ميدان جي ضرورت محسوس ڪندي ئي ٻئي
دفعي سائينءَ سماڌ بن واريءَ جڳهه جي ٺڪ سامهون واريءَ
زمين تي تنبو کوڙايائون ۽ اُتي بن آسڻن ناهڻ جي آگيا
ڏنائون. پهريان به ڏينهن ته ڏاڍي آنند ۾ گذريا. مينگهراجا
جي مهرباني هئي، پر ٽئين ڏينهن تي اکنڊ پاٺ جي سماپتيءَ
کانپوءِ جڏهن عام لنگر چالو هو ۽ پهريون جٿو کائي اٿيو هو

توهان جي هر ڪا جوابداري هاڻ اسان تي."

منجهند جا ڪجهه پهر ڪنهن مندر ٽڪاڻي ۾ گذاري، ڏينهن لڙندي تي چيائون: "سوامي هردارام صاحب جي ڪٽيا کان ٿيندا هلنداسين." اتي پهتاسين ته سوامي جن حاضر هئا. سڪ سلوڪ ونديوسين. سائين هردارام صاحب پوءِ سائينجن کي شبد ڪيرتن ڪرڻ لاءِ چيو ته سائينجن بابا هريرام صاحب جي ثنا ۾ پنهنجوئي ٺاهيل ڀڄن ڳاتو:

بابا هريرام تنهنجا ٻچڙا آهيون،
چرڻن ۾ تنهنجي سر ٿا نمايون.

جيستائين ڀڄن چالو هو، فضا ۾ پورڻ شانتي هئي، سوامي هردارام عمر ۾ وڏا ٿي آهن ۽ ٻنهي جي پرورش به ته گڏ ٿي ٿيل آهي. منهنجي من تان ان گهڙيءَ جو ان وقت جو پيدا ٿيل درشيه اڃان به وسري ڪين ويو آهي. سائين هردارام جن جي مهربان سان مون پنهنجي جيون ۾ گهڻو ڪجهه پاتو آهي، مونکي هنن لاءِ عزت آهي. منهنجو سر اڄ به سنڌ جي تياڳي، تپسيا ۽ ويراڳيه ڏانهن نمي ٿو، ڏن ياڳ آهن جو مان ڪين اڄ به ياد آهيان.

١٩٦٨ ۾ سماڌين جي استاپنا ٿي. ان کانپوءِ باباجن جي ورسيءَ تي هر سال ٣ ڏينهن چڱو ميلو لڳي ويندو آهي. باباجن جي تصوير ۽ صاحبن جي سواريءَ جو سينگار باغ جي اندر سماڌين کان ٻاهر ڪيو ويندو آهي. اهڙو پهريون ڀيرو اتي ٿيو، جتي اڪثر ٽم جي وڻ جي هيٺان سوامي جن پاڻ رات جو صندل تي آرام ڪندا هئا. اتي پوءِ ڪچو ڇاپرو ٺهيو ۽ ڏينهن جي تپت کان بچڻ لاءِ مال کي ٻڌو ويندو هو. ٻن صندلن کي بانس جون لڪڙيون ٻڌي، ان کي ڪوٺيءَ جو روپ ڏئي سينگاريو ويندو هو. ٻهار ۾ آيل

۾ آسڻ ٿيو ۽ هاڻ ته هيڏو سارو پرارٿنا هال تيار ٿي ويو آهي ۽ هر ڪو ڪاريه اتي ٿي ٿيندو ٿو رهي؛ جڻ ته باباڄن پاڻ ئي نيم ۽ وڌيءَ انوسار هر ڪاريه ڪرائيندا پيا رهن. پرارٿنا هال ۾ هاڻ ته باباڄن جو آدم قد سنگمرمر جو پتلو به آهي. ان پتلي جو اُدگهاٽن به سوامي جن جي حاضريءَ ۾ ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان ٿيو هو.

اُدگهاٽن سمي هڪ اهڙي گهٽنا ٿي، جنهن مان پريمين ۽ ستسنگين جا روم روم ڪڙا ٿي ويا هئا. پتلي جي وڌيءَ انوسار پوڄا لاءِ جوابداري ڀاءُ منو واڌواڻيءَ ۽ سندس پتنيءَ مٿان هئي، ڇو ته منو ۽ منو باباڄن جا پيارا بالڪ "بابل" جيئن پرسڌ آهن. شبد ڪيرتن چالو هو. سائيڄن پاڻ به آسڻ تي براجمان هئا. برهمڻ ويد منترن سان پوريءَ شڌيءَ ۽ پاڪ وڌيءَ انوسار ڪارواڻي ڪرائي رهيو هو. پتلي جي چوڌاري چادر ويڙهيل هئي. آخرين رسم جي پورائي ڪرڻ کان پوءِ برهمڻ ديوتا سائيڄن کان شبد ڪيرتن هلندي ئي آگيا گهري جا هئي چادر جي اندر هٿ ۾ ننڍڙي آرسي جهلي پتلي جي سامهون آرسي ڏيکارڻ. اهڙي آخرين وڌي هر شڌ پرش جي پتلي کي عام اگيان پرگهٽ ڪرڻ کان اڳ ڪئي ويندي آهي. سوامي جن جي آگيا ملڻ سان ڪم شروع ٿيو. آيل پريمي ته ڪيرتن ۾ ٿي منگهن هئا. برهمڻ ديوتا وڌي آرنڀ ڪرائي. ڀاءُ منوءَ به پنهنجي هٿ ۾ آرسي کڻي ۽ باباڄن جي پتلي چوڌاري ويڙهيل چادر ۾ هٿ وجهي آرسي باباڄن جي چهري اڳيان آندي. ڪن پل ۾ ئي آرسي ٻاهر ڪڍي ويئي ۽ ڏٺو ويو ته ننڍڙي فريم ۾ اٽڪيل اُهو آرسيءَ جو ڪانچ سڄو ڏارون ٿيو پيو هو. آرسي جيئن ئي برهمڻ سائيڄن جي هٿن ۾ ڏني ته هو ڪڏهن آرسيءَ ڏانهن ته ڪڏهن منوءَ جي چهري ڏانهن

جو يڪدم اچي ڪاروهنوار ڪرڻ سان ٻادلن ٻوندون
ٻرسايون. سواري ۽ تصوير تي، اُتان يڪدم هٽايون ويون،
پر جڏهن تنبوءَ اندر پاڻي ٽِڪڻ لڳو ته وڇايل فراش به آلا
ٿي ويا. سڀني کي اهو خيال ته هيڏو ڏل ڪاڏو اجايو ويندو
پر سائينجن جي مک تي اهائي سرهائي، چون ته اها به باباجن
جي مهر آهي. مهر به مهر جهڙي ٿي. ٻرسات بند ٿيندي ئي
زمين ڪن ۾ سُڪي ويئي. باغ ۽ ٻنيءَ ۾ ٽرسيل لوڪ انهن
آلن فراسن تي ئي ويهي ويا. چي: 'باباجن جي در تي اچي
پرشاد جو نرادر ڪيون... هيءَ ته باباجن جي اسانجي پريکشيا
ورتي آهي.' اڳي ڪان اڳري خلق جمع ٿي ويئي ۽ ڪنهن
به ڪاڏي جو نقصان ڪين ٿيو. واهه سائينءَ جي مهر.

ان ڪانپوءِ پنڊوارا ۾ ٿيندڙ ورسين وقت عام خاص خلق
کي خيال ۾ رکندي، سندن ٻرساتي تڪليفن جو ويچار
ڪندي سائينجن گروءَ جي سواري ۽ بابا جي تصور جا آسڻ
ڪتر ڪرڻ واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ئي ڪرائيندا هئا، جيسين
ڌرمشالا تيار ٿئي. پنڊوارا جا سنڌي ڪپڙي جا واپاري بنا
چوڻ ڪرڻ جي پٽين تي ٽنگڻ لاءِ بافتي جا ٿاڪيا ڪٽي
ايندا هئا. مان موجود هوندس ته مونکي غرف پاڻ سان
انڪري گڏ رکندا ته اگر ڪو ڪٿي نقص رهجي وڃي ته
مان هنن جو ڌيان ڇڪايان. سائينجن کي اها سڀ سڌ هوندي
هئي ۽ اها رات هوءُ پاڻ صندل تي نم جي وڻ هيٺان آرام
جو پربنڌ ڪندا هئا. سندن حاضريءَ جو خيال رکندي
شيواداري ادب ۽ فضيلت سان ڪاروائي ڪندا رهندا هئا.

ڌرمشالا ٺهي ئي رهي هئي ته ڌرمشالا کان ٻاهر واري
ٽڪر ۾ تنبو لڳايو ويو هو؛ ان وقت منهنجي ٻهرين ڪتاب
"سڻ سڀاجها سڀرين" جو سندن ئي آشيرواد سان اُدگهاٽن
ٿيو. ان ڪانپوءِ ڌرمشالا جي اندر واري هيٺين وڏي ڪمري

جيئن ئي آرسيءَ ۾ نظر ڪانه وڌي ته پوءِ سندس پٺتي کي آرسي ڏيکارڻ جو ڪهڙو ضرور هوءِ ان جي ٻڙڪڻ سان اهو به انُومان ڪري ٿو سگهجي ته مهان باباجن پنهنجن شردالن کي سمجهائيندا هجن: 'پلا سچ کي به ڪڏهن آرسيءَ جي ضرورت محسوس ٿي آهي.' ڪنهن سچ ته اهو به رايو ڏنو ته باباجن سڀني کي آگاهه ڪيو: "سڏ ۾ سڏ - سدائين گڏ."

اهو سارو چمتڪار پنڊال ۾ ويٺل ساريءَ سنگت اکين ڏٺو، پوءِ ائين پرسڌ ٿيو: "هڪڙو ست پرش سوکيم آتمڪ روپ ۾ پرگهٽ ٿيو آهي؛ جو سريشٽ آهي، جو جنم مرڻ جي ڦيري کان دور آهي، جو داناءُ آهي، جو پراپڪاري آهي، جو وشواسي لوڪن جو آسرو آهي، جنهن نرواڻ پد پاتو آهي، جو آڪارن کان دور آهي، جنهن ڪام چيشٽا تي جيت پاتي هئي، جنهن ديوتائن سان رهاڻيون ڪيون هيون." ڪيڏو نه دلڪش هو اهو نظارو. ادڀت، شاندار ۽ موهڪ.

ان ڪانپوءِ ڏٺم ته سائين جن شانت ٿي هئا. سندن دل ڀرجي آئي هئي. باباجن جي پٺتي کان پوءِ چادر هٽائي وئي ۽ جئه جئه ڪار جا نعرا شروع ٿي ويا. باباجن جي آرتي ٿي.

ٻلهار وڃان اهڙيءَ مهان آتما تان.

هر سال ورسيءَ جي هڙئي موقعي تي هر ڪوشش شيوادار پنهنجي پنهنجي نموني ڦڙتو هوندو آهي، البت انهن سڀني تي سائين جن جي مهر جو هٿ هوندو هو. ميلي جون تياريون ڪرڻ کان اڳ شهر جا سنڌي نوجوان ٽوري ٻڌي سائين جن جي دربار ۾ ڪٺا ٿيندا آهن، انهن تي شيوا جي جوابداري رکي ويندي آهي، جو به ڪم ڪهڙي به

نهاريندا ئي رهيا. سائينءَ جي چهري جي ريکائن مان ائين لڳو ته سندن دل پرجي آئي هئي، اکڙين ۾ آنسون ٽري آيا هئن پر هنن انهن کي ٻاهر اچڻ کان روکي ڇڏيو هو. هال جو سارو واتاورڻ گنڀير ٿي ويو. ساريءَ سنگت تي شانتيءَ جو پڙدو ڇانئجي ويو. سوامي جن جي پاسي ۾ ويٺل سوامي گنگاداس پوءِ ٻڌايو:

”وڏ ڀاڳي آهيون اسين ۽ توهين، جو اڄ اوچ شخصيت وارو ستگرو اسانجي وچ ۾ براجمان ٿيو آهي ۽ اُهو آهي بابا هريرام صاحب. منهنجي هٿ ۾ ڏنل هيءَ آرسي سندن چمتڪاريءَ جو گڻ آهي. هيءُ هڪ مهان پرش جي مهانتا جو ثبوت آهي ته هو هت آهن ۽ اسان سان آهن. آرسيءَ جو ائين ذرن ٻجي پوڻ ان حقيقت جو ثبوت آهي، نه ته سچ کي آرسيءَ ڏيکارڻ جو ڪهڙو ضرور.“

هن حقيقت تي وڌيڪ سوجهي حاصل ڪرڻ لاءِ ان چمتڪار ڪانپوءِ خانگي طور مون ساڻس منوءَ کان پڇيو: ”آرسيءَ وارو تنهنجو هٿ پل کان سنگمرمر جي پٽاي سان ٽڪريو ته ڪين هو، يا تو آرسي هٿ ۾ وٺي ڏني هئي ته اُها برابر ذر ٻيل ڪانه هئي.“ هن ٻڌايو ته واقعي ۾ هن کي نئين آرسي ڏني وئي هئي ۽ ڪانچ ٽٽڻ جو آواز به هن ڪين ٻڌو هو. هن منهنجيءَ شنڪا کي مٽائڻ لاءِ ساڃهاءَ ڀريا جواب ڏنا. تڏهن کان ان چمتڪار ۾ منهنجو پورڻ وشواس ڄمي ويو. وڌيڪ اڀياس ڪندي اُهو به ڄاڻي سگهيو آهيان ته ڪيترن ئي مهاپرشن جي پٽلي جو آرتي ٿيڻ سان آرسي ڏيکاريندي ان جو ڪاچ ٽٽي ويو آهي. سوامي نارائڻ پنٿ جي هڪ مهان سنت يوگيجي مهراج لاءِ به ائين ٻڌو هوم.

ائين به ٿي سگهي ٿو ته باباجن جڏهن پنهنجيءَ ساري

ورسيءَ تي آيل هر پريميءَ کي سائينجن پاڻ پڪو ٻارائين، جوڙن جا ميل ڪرائين، کين روٽ پرشاد ۽ ٻُونديءَ جا پڙيڪا ڏين ۽ گڏوگڏ خرچي ڪري ڏين 'برڪت جي پائي' ۽ ان وقت کنهن به پريميءَ کان تصوير، لاڪيٽ، ڪو ڪتاب وغيره آندو هوندو ته اهو به ڏين. دربار صاحب ۾ ايندڙ کنهن به نذراني طور آيل چيز، جنهن ۾ باباجن جي سمرتيءَ جو نرماڻ هجي، ان جو وڪرو کين نٿي. سائينجن پاڻ چوندا هئا: "ڏيو شرڌا ۽ سڪ وارن کي. شرڌا هوندي ته هر هڪ پنهنجي ملهه پيٽ سنڀالي رکندو. باقي ته کنهن به انهيءَ جي قيمت ته ٿئي ئي ڪانه." سندس عقيدو هو ته باباجن جي يادگار جي ڪا به چيز هنن جيان ئي املهه آهي. ٻاري چيز وانگر ان جو اگهه ڪٿي نٿو سگهجي. هري جيون مالها شروع ٿيڻ کان اڳ، ڪتابن ڇپائڻ جي موڪل سائينجن خوشيءَ سان ڪانه ٿي ڏني، پر ڪن پريمين جي اڇا کي نه ريٽي چيائون: "ڪتاب جي اڳيئن پوش تي باباجن جي تصوير هئڻ ته گهرجي، تصويرون سڀ ڪتاب جي اندر هئڻ گهرجن ته جيئن کين ڪو اهڙو جهڙو هٿ نه لڳي، يا ڪٿي به ڪتاب رکڻ سان ان کي ڌوڙ نه لڳي. هيءَ شيءِ آهي سنڀالڻ جي." لاڪيٽ وراهيندا هئا ته پنهنجن هٿن ۾ ان کي بند ڪري وٺندڙ جو هٿ ڌولائي، لاڪيٽ رکڻ کان پوءِ ان کي بند ڪرائي ڇڏيندا هئا. موڪلائڻ وقت هر ڪو حب وچان پنهنجي وس آهر ارداسون رکندو هو ته چوندا: "ڇو ٿا ٻڌن ڪيو." تڏهن به کنهنجي دل نه رنجائيندا هئا. جيئن ئي دربار جو جوابدار شخص سائينجن وٽ ايندو هو ته کيس کيسو خالي ڪري ڏيندا هئا. پاڻ وٽ پئسو به کين رکندا هئا. پڪو ونڻ لاءِ، سماڌين جي پنيان جيڪا سندن الڳ ٿيهل ڪوٺي هئي، اتي هر کنهن کي گهرائيندا

سونهيو ويندو آهي ته هو ان مان اُرهو ڪين ٿيندو آهي. هر ڪو خوشيءَ سان هٿ ۾ هٿ ملائيندو آهي. پنهنجيءَ جوابداريءَ کي پوريءَ ريت نڀائڻ جو پورو يتن ڪندو آهي. سڄا سارا ٽي چار ڏينهن ۽ رات ڏينهن پيا ڪم ڪندا آهن. دڪانن وارا دڪان بند رکندا آهن. نوڪرين وارا موڪلون وٺندا آهن. البت ٻاهران آيل مهمانن مان ڪنهن کي به ڪوبه ڪم سونهيو ڪين ويندو آهي. شيوادارين جي شيوا ۾ اُتساهه اچي، ان ڪارڻ ڏينهن ۾ هڪ ٻه دفعو سائينجن پاڻ نگهه ڪرڻ ايندا هئا. نظرن دئاران پنهنجي مهر ميا ڪندا هئا، جنهنڪري ڪم ڪندڙن ۾ اچان به ڦڙتي ايندي هئي. شروعاتي ڏونئر ۾ ته سائينجن پاڻ اچي رسوئي وقت پنگت ۾ ڦيرو پائي ويندا هئا ۽ ڪلي ڪلي چوندا: ”بابا! هنن کي دل کولي کارايو، اسان جا مهمان آهن. جيڪو به ڪير ڪجهه گهري ته کين ڏيو.“ ۽ پوءِ اسين جڏهن انب جي تقاضا ڪيون ته سڄي پاتال انبن جي ڦارن سان ڀري وڃي. نيرڻ، منجهند ۽ رات ٽي ويلا رسوئي ٿئي. ڀنڊارو سدائين ڀريل ئي هوندو هو. ڀنڊارو شروع ڪرڻ کان اڳه ديگين ۽ ديگڙن جي مٿان چادر وجهي، ڀڳي، ارداس ڪري، جل جو ڇنڊو وجهي يا ڪنهن مهان مهنت کان وجهارائي پوءِ ئي ديگين اندر چاٽا ۽ ڪڙڇيون پونديون هيون. چادر جو صرف ٿورو پلئه مٿي ڪري ڪاڍو ٻاهر ڪڍبو هو؛ هاڻ به ائين ئي ٿيندو آهي. هيتري ڌام ڌوم سان اُتسؤ ٿئي، هر ڪو ڪائي خوش ٿي وڃي، پر ناڻي جي سهاءِ ڪنهن کان گهري ڪانه وڃي. ڪٿان ٿي آيو، ڪنهن ٿي آندو، ڪائي ڪل ڪانه پوي. پريمي ۽ ستسنگي به ته پاڻ سان ڪجهه نه ڪجهه کنيو اچن، پيتائون ڌرين، پر جتي مالڪ جي سدا مهر، اُتي ڇا جي ڀهر.

کانهن پڇئي ته ساڌن سنتن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ جو سندن کهڙو نيم هو.

ڪيتريون ئي سنڌي ڀڳتن جون ٽوليون ايندڙيون هيون. انهن ڀڳتن کي به پنهنجيءَ پنهنجيءَ اچڻ انوسار پورو پورو وقت ڏيندا هئا. هو سڀ پنهنجو پاڻ نه معلوم ڪهڙيءَ ڪشش ڪارڻ اچي اتي سهڙجندا هئا، پر هر ڪو خوش ٿي موٽندو هو. هر ڪنهن کي سائين وٽان ملندڙ خرچين ڪانسواءِ سنگت مان به جهجهي پئسا ملندي هئي. هڪ دفعي شمن گڏي نالي واري مشهور ڀڳت عام سنگت ۾ بول بوليا: ”سائين جي سڀ پنج پورڻ آهن ته جهولي ڀرائيندا.“ مان به ان سمي پيلواڙا ۾ حاضر هوس. ان صدا کان اڳ پتو هوم ته ڀڳت صاحب ڪجهه ناخوش هو. سائين جي ڪن تي اها ڳالهه ويئي يا نه، پر منهنجي ڏسندي ئي ڏسندي سائين ڀڳت کي سؤ سؤ روپئي جا نوٽ ور ور ڪري ڏيندا ٿي رهيا ۽ سائين کي ائين ڪندو ڏسي آڄين جي دربار جا مهنت سائين ايسرداس به گهور ڪندو ٿي رهيو ۽ ان کان پوءِ عام پبلڪ مان به ڀڳت صاحب کي اهڙي گهور ملي، جو ڀڳت خود وائڙو ٿي ويو ۽ اچي سائين جي چرنن ۾ سيس نوايائين ۽ معافي گهريائين. سائين اهڙي نموني هر ڪنهن کي پتيندا هئا.

مان ڏسندو آهيان ته هر سال ڪي نه ڪي نوان ڪٽنب پيلواڙا آستان تي ايندا آهن ۽ جي ڪٽنب هڪ دفعو اچن ته پوءِ هنن جي وري اچڻ جو نيم ٻڌجي وڃي. ڪيترا ته سائين کان خانگي روءِ وقت وٺي پنهنجا ڏک سور به سلينداهئا، جيتوڻيڪ سائين پاڻ اهڙي وقت حد کان وڌيڪ مشغول هوندا هئا، پر ڪنهن کي به ناراض نه ڪرڻ جي بجاءِ ڪين پاڻ ئي پڙهي ڏيندا هئا، سڳڙو ناهي ڏيندا

هئا. اڳوات ئي چئي ڇڏيندا هئا ته ٻڪر يـاد ڪري وٺي
وڃجو. ڪي ٻريمي ورسيءَ جـي موقعي تي ته ٻه اچي
سگهندا هئـا ته انهن کي ٻه ٻڪرون ياد ڪري موڪليندا
هئا. مٿي تي ٻـڪر ٻارائڻ مهل آسپاس جو سلوڪ اُچاريندا
هئا: ”ٻريم ٻڌولا ڪيسر ديتا- راکڻ ڪو ٻت ميري صاحبا-
دانا بينا سائين ميڏا - نانڪ سارڻ جاڻا تيري.“ مٿي تان
ٻڪر لاهڻ کـان اڳ هدايت ڪندا هئا تـه سماڌين کي ڦيرا
پائي، جهنڊا صاحب ۽ ڌوڻي صاحب کي نمي پوءِ ئي ٻڪر
لاهجو. سماڌين واري ٽلهي تي، يا سماڌين واري ٽلهي جي
هيٺان وانڊي ۾ اونڌو ڦيڙو پائڻ واري کي ٻريم ٻري ڌمال
ٻه ڪيندا هئا. باباڻن ۾ سندن حد کان وڌيڪ شرڌا هوندي
هئي، ايترو جو ورسيءَ جي موقعي تي جهنڊا صاحب جي
بدل سدل يا سماڌين تي چادر پائڻ وقت جڏهن پاٺ ارداس
ڪندا هئا ته اکيون ٻند ۽ سانت هردي سان آراڌنا ڪندا
هئا ۽ وري ٻريمين سان موڪلائڻ وقت، منهن تي سرهائي
آڻي چوندا: ”وڃون ٿا! چڱو اَبا!! سڏ ۾ سڏ - سدائين ڏڌ.“
وڃڻ واري جي دل ڀيئي نڌي ٿيندي هئي، هرڪو ائين
محسوس ڪندو هو ته پنهنجي پوڄيه پتا کان وڇڙي رهيا
آهـن.

ورسيءَ جي اُتسوَ تي ٻريمي ۽ ستسنگي ته ايندا هئا،
پر ڪيترائي سنت، ساڌ، مهاتمائون ۽ جات سنياسي ٻه ايندا
هئا. سائيجن انهن کي ٻـه گهرج آهر سڀ سهوليتون ميسر
ڪري ڏيندا هئا ۽ هـو ٻه جڏهن پنهنجيءَ پنهنجيءَ ريت
انوسار نيم ساڌنا لاءِ جـا ٻه گهر ڪندا هئا تـه اُها سندن
پوري ٿيندي هئي. ائين ناهي ته اُهي سڀ سنڌي هوندا
هئا، سائيجن سڀني سان هڪجهڙا هوندا هئا. موڪلائڻ وقت
هوُ ڪين گهڻو ڪجهه ڏيئي ڇڏيندا هئا. اها خبر ڪنهن کي

هو جو دل جا اُڌما ۽ ارمان پنهنجو پاڻ مٽجي ويندا هئا.

جڏهن منهنجي ڪڪي جو منڍ پيلواڙي ۾ لهرايو ويو ته سائينجن پاڻ اچي ان وڏيءَ جو شان وڌايو هو. پيلواڙا جي ڪنهن به سنڌي ڪٽنب ۾ شادي ٿيندي آهي ته شادي-شده نئون جوڙو پهرين اچي باباجن جي اڳيان دربار ۾ نمندو آهي، آسيس وٺندو آهي. ڪنهنجي گهر ۾ ٻالڪ ڄائو ته سائينجن کان چولي جي گهر ٿيندي. سائينجن اُئين پيلواڙي جي سڀني سنڌين لاءِ سڀڪجهه هئا. جيترو سائينجن جو لڳاءُ ٻاهر وارن سان آهي اوترو ئي پيلواڙي وارن سان. پيلواڙي وارا وري ٻاهر کان آيل مهمانن لاءِ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. هو به ائين ئي چون ته جيڪي مهمان دربار صاحب جا آهي جڻ ته ساري ڳوٺ جا مهمان آهن. ڪيڏو نه سڪ پريم ڪين سائينجن ۽ سندن ڏيري لاءِ.

سائينجن به هر آئي وئي جي اون رکندا هئا، نربلن کي ڳرٻاٽيءَ جي منٿون دلاران پل ڏيندا هئا، جيئن ته:

تون راکا ايڪ همارا سوامي،
تساپه ڪيها ڪارا جيءَ.

لاڏڪمل باباجن جو پالٿيو آيل هو، ڪيس ڪيڏانهن وڃڻ جو حڪم ٿيو، پر مقاح پرسان لنگهندي پؤ ٿي ٿيس، جنهن ٿي باباجن مٿيون سلوڪ اُچارڻ لاءِ چيس.

منهنجي ڪڪي جو ٥ سالن جي عمر ۾ جڏهن جنم جو ڏينهن پيلواڙي ۾ هوندي آيو هو ته سائينجن کان جنم ڏينهن ملهائڻ جي آگيا وٺي ويئي ۽ ڏنل هدايت انوسار جيئن چيائون ٿيئن ئي ڪيوسين. سائي جو ڪيڪ به سندس شپ هٿن سان ئي ڪٽايو ويو. ان دفعي به موڪي ڪن ۾ ٻٽڪي چوڻ هئائون: "ٻٽس جو خيال نه ڪجو، اسين وڃا

هئا يا ته کين ڀوڳي لڳائڻ، ڀيونڻي چڪڻ وغيره جو ڏس ڏيندا هئا. مونکي، منهنجي ڀينيءَ ۽ ڪڪي کي به جڏهن پيٽ جي ڪائي تڪليف ٿيندي هئي ته پاڻي ٻڙهي ڏيندا هئا، پر جي ائين تڪليف دور نه ٿيندي ته چوندا پاڻيءَ ۾ ڏوڏي صاحب جي چپٽي وجهي پيو. عجب جو اثر ٿيندو هو. يڪدم فائدو ٿي ويندو هو. هيءَ نه صرف اسان جو آنيؤ آهي، پر گهڻن جو آهي، جن به شرڌا ۽ وشواس جي اوتپوري آهي.

ڪيئي ته اهڙا پريمي به هوندا آهن جي ورسي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ به ٻه – ٽي ڏينهن وڌيڪ رهي پوندا هئا، ان لاءِ ته جيئن پوءِ سائنه سنائيءَ سان سائين سان دل جون ڳالهيون ڪري سگهن. گهر مان اٽسنا ڪري ته مان به نڪرندو هوس پر سائين جي حاضريءَ ۾ خبر ناهي ڇو ڪجهه به ڪڇي ڪين سگهندو هوس؛ البت ائين سو ٿيندو هو ته جو ڪجهه مان پڇڻ جي اِڇا رکندو هوس، ان بابت مان پنهنجي زبان کوليان ئي ڪوليان جو ان جو اڻ سڌيءَ طرح سائين جي مک مان جواب ملي ئي ويندو هوم، جنهنڪري باقي پوءِ چوڻ لاءِ ڪي رهندو ئي ڪين هوم. ورِي جي ڪڏهن همت رکي ڪجهه به چوندس ته جواب ۾ چوندا: "چنتا ڇو ٿو ڪرين، سڀ چڱي ٿيندي؛ ۽ پوءِ پاڻ هه پرين ڳالهين ۾ ائين مشغول رکي ڇڏيندا جو پوءِ واقعي 'سڀ چڱي ٿيندي' جي منتر سان من جي ساري چورا ڪورا مٽجي ويندي. ڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهه پڇبين ته منهن ۽ اکين ۾ ڪجهه ڪنن لاءِ نهاري چوندا: "وڃي سماڌين واري صاحب کي ليلاءِ، پاڻيهي سڻائي ٿيندي." يا ورِي چون: "لنبين وارو پاڻيهي لٺ هڻدن، تون ڇو پيو چنتا ڪرين، وڃي ان کي باڏاءِ." سندن چوڻ جو نمونو ئي اهڙو هوندو

اُئين به هر ويرو ناهي ته اسين ڪو صرف ورسيءَ وارن ڏينهن تي ئي ميلواڙا ويندا آهيون. ميلواڙا اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ ڪنهن لاءِ به ڪو بندش ڪين آهي. اهو سڀ مدار ٽو رکي سهوليت، موڪلن ملڻ ۽ سائينجن جي چِڪ تي. ڪڏهن ته اوچتو به وڃي اُتي لٿا آهيون. صبوح جو سويل دربار صاحب ۾ پير ڌرڻ جي آواز تي ئي سائينجن مٿان ڪوٺي تان هيٺ نظر ڪن. مگر بند هجين ته کنگهڪار ڪن، يا چپٽي وڄائي ڏيان ڇڪائين، نه ته عام طور مٿان ئي 'ستنام' چئي ڪيڪار ڪن. ميلواڙا ۾ اچڻ سان سائينجن جو درشن ڪرڻ تي جيتري خوشي اسان کي ٿئي، اوتري ئي اسان سان ملڻ تي ڪين به ٿئي. ٽائينڪو ٿي، هٿ منهن ڌوئي، چانهه جي ٽانگهه لاهي سائينجن جا چرن سپرش ڪرڻ وڃجي ته پاڻ به حال احوال وٺن، پوءِ جڏهن ڏسن ته بيا به گهٽائي اچي ويا آهن ته آديش ڏين: "چڱو هلو، هلي چانهه پاڻي پيو."

ڪيترا ايترا به ايندا هئا جي پنهنجون پيڙائون ۽ دک ڪٽي سائينجن وٽ دک نوارڻ لاءِ اچي آزيون نيزاريون ڪندا هئا. پنهنجيءَ دل جا سوُر هنن اڳيان پلٽي رکندا هئا. ان وقت سائينجن اهڙي شرناگت کي ڪوبه جواب نه ڏيئي سندس اکين ۾ گهوري نهاري، نظرن سان سوگهو ڪري ڇڏيندا هئا ته جيئن هوُ جو به ڪجهه چوي ان ۾ ڪو ڪوڙ-ڪپٽ نه هجي. اڳلي جي اکين ۾ غضب جو پڙدو چڙهي ويندو هو. هوُ هٿ ٻڌي، اکيون جهڪائي، ڪنڌ هيٺ ڪري، سائينجن جي اڏ پوڙ سنياس شڪتيءَ جي اثر هيٺ اچي، پنهنجا سوُر سليندا هئا. سائينجن به هنن تي مهر ڪري ڇڏيندا هئا ۽ آخر ۾ هوُ مشڪندا سندن ڪوٺيءَ مان باهر نڪرندا هئا. هيءَ ساري ڪريا اڪثر هوُ صبوح جي پهر ۾ ڪندا هئا.

آهيون.“ سندن هيڏي موهه ورتي ڏسي منهنجون اکيون پُرجي آيون. پوءِ ته ڪيڪ ڪائڻ، فوٽو ڪڍائڻ، ٻالڪ کي خرچي ڏيڻ، ٻالڪ کي آسيس ڪرڻ، ۽ ٻالڪ جي مک ۾ ڪيڪ ٽڪري وجهڻ سان گڏ لاڏا ڳائڻ جي ساري ڪاروائي پاڻ ئي هلايائون. باباجن جي سماڌين تان ريشمي هار گهرائي ٻالڪ جي ڳچيءَ ۾ وجهي، کيس پيار ڪيائون ۽ ٻالڪ کي پنهنجن هٿن سان سيڻي جو وات مٺو ڪرائڻ لاءِ ڪٺمنڙن جي پريل ٿالهي ڏيئي ڇڏيائون. باٻل پاڻ ته کيس آسيس ڪئي، پر اتي ويٺل بزرگن به ٻالڪ تي آسيس ڪئي، سندن سڀني ورتي کيس حب ۽ پيار ڏنو.

پاڻ ته هر طرح جا نيم ٽيم پاليندا هئا، پر پيلواڙا دربار ۾ آيل مهمان کي ڪا تڪليف نه ٿئي ان لاءِ انهن جي نيمن ورتن جو به ڌيان رکندا هئا. مان هر وسپت تي ايڪاٽو ڪندو آهيان. شروعات ۾ پيلواڙا ۾ رهڻ واري سمي ۾ به اهو ورت رکندو هوس ۽ اگر انهيءَ جي خبر سائينجن کي پوندي هئي ته پاڻ ئي دربار جي شيواڌارين کان ورت وارو کاڌو گهرائي مونکي ڏيڻ لاءِ چوندا هئا. تازو يا سڪو ميوو پنهنجن ئي هٿن سان پرشاد طور ڏيندا هئا. اهڙيءَ هڪ وسپت تي مان رات جو جڏهن دير سان اجمير مان موٽيو هوس ته آواز ٻڌندي ئي مٿان کوٺي تان منهنجيءَ ٻتنيءَ کي مونکي پرشاد ڏيڻ لاءِ هدايت ڪيائون؛ پوءِ هڪ دفعي ڪنهن ٻئي ستسنگيءَ کي مشڪندي چيائون:
”دربار ۾ به ورت ۽ اپواس ڪٿي اچو ته پاڻ به پيا لنگهه ٿيو ۽ ٻين کي به هلاڪ ڪيو.“ سندن اهو اشارو مون لاءِ به ڪافي هو ۽ ان کانپوءِ پيلواڙي ۾ رهندي مون وسپت جو ايڪاٽو رکڻ ئي ڇڏي ڏنو. ڀلا ڄتي صاحب سامهون اتي کهڙي اُڃ ۽ اُڪ.

ڪارڻ ور ور واڪ ۾ ڦوهارو به هڻيائون، پر مان مٿي چپ، بلڪل شانت، مٿان منهنجي پاسي ورائڻ ڪري به ڪو آواز نه ٿئي ۽ سائينجن جي آرام ۾ رخنو پوي. ٿوري ڪان پوءِ سائينجن جڻ ته ويهي رهيا. اسين تازا توانا ٿي اُٿاسين. سائينجن پوءِ اکيون ٻوٽي ويٺي ئي شانت چت سان آرام ڪندا رهيا. ائين محسوس ٿي ٿيو ته پاڻ سماڌي ساڌنا ۾ لين هئا.

سائينجن سان گڏ گهارڻ جون اُهي امولڪ گهڙيون اڄان به ياد اٿم. منهنجي من ۾ ان وقت اهڙي ڀاونا اُٿي ٿي ته شل اهڙو سفر منهنجي جيون ۾ نئون موڙ آڻي. مون کي پنهنجي منجهندڙ مارڳ کان هٽائي سڌيءَ راهه تي آڻي. منهنجيءَ آتما جي گندن ٻجهن کي ڳچيءَ کان پڪڙي ٻاهر ڪڍو ڪري ۽ منهنجي جيون ۾ نئين ٻهار اچي، جنهن ۾ سائينجن جي سڳنڌ واري آشيرواد هجي.

سائينجن پرديش جا سفر به ڪيا. پهرين پهرين ته صفا انڪار ڪري ڇڏيندا هئا، پر پوءِ گهڻن جي نيزارين کي خيال ۾ رکي 'ها' ڪيائون. پهرين پيري جڏهن سائينجن امريڪا کان واپس اچڻ وارا هئا ته مان پيلوازا ۾ هوس. سوامي آگيارام سائينجن جي پيلوازا پهچڻ تي سواگت لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪئي هئي. اسٽيشن کان وٺي سرڪس ڪيڻ، بئنڊ جو بندوبست ڪرڻ، ڇيج ۽ سکي سيسا جو بندوبست ڪرڻ، ڪيترن وهٽن، گايڪ منڊلين وغيره جو پربنڌ ڪرڻ ۾ ڪنهن به پيلوازا جي رهواسيءَ، ڪي به ڪين گهٽايو.

جيئن ته سائينجن بمبئيءَ کان ريل دوارا اچي رهيا هئا، ڪين پيلوازا اسٽيشن تي گڏجڻ لاءِ سارو شهر اچي ڳاهٽ ٿيو. سائينجن گاڏيءَ کان ٻاهر پير هيٺ پليٽفارم تي رکيو ئي مس جو هزار لوڪن اچي ڪين چرڻ وندنا ڪئي.

سنڌيا جو باغ مان ڏيرسان موٽڻ کانپوءِ دربار صاحب جي ڪڌ تي مٿي، منگهه جي ڇت مٿان ويهي آسائش وٺندا هئا. رسوئي ڪرڻ کانپوءِ دربار ۾ آيل مهمان جڏهن ساڻن گڏجي ايندا هئا ته هنن سان نئين سر حالي احوالي ٿيندا هئا. سمتي گيان ڏيندا هئا. خاص ڪري منهنجيءَ شريمتيءَ سان ڪي به ڳالهيون ڪرڻيون هونديون ته ان وقت ٿي ڪندا.

هڪ دفعي منهنجي پتني ۽ مان سائين سان مٿي گڏجي وياسين ته اسانجي وڃڻ شرط ڪلي ٻڌايائون: "اسين مٿي پئي آياسين. ڏاڪڻ ۾ هڪ بلا هئي. مٿان ڪنهنکي هلاڪ نه ڪري، ان ڪري هڪ ئي ڏڪ سان ڪيس پرلوڪ-ڌام پهچائي ڇڏيوسين." اسان عجب ۾ سائين کان پڇيو: "پر سائين، بلا ڏاڪڻ تي ڪيئن هوندي." چيائون: "ڏاڪڻ جي هريءَ ۾ چيٽا ٿا رکجن، ٿي سگهي ٿو ڪنهن چيٽي سان چنبڙي پيئي هجي ۽ پوءِ ٻاهر نڪتي هجي." ان کانپوءِ ڳالهه جو رخ بدلي ڇڏيائون.

سائين سان گڏ سفر ڪرڻ جو هڪ دفعي موقعو مليو. مان رتلام ۾ ئي رهيل هوس، جو خبر ملي ته سائين بمبئيءَ کان ٿا اچن ۽ ڀيلواڙا ويندا. گاڏي رتلام ۾ مٽائڻي پوندي آهي. رتلام ۾ منهنجو به سنڌن ئي واري گاڏي ۾ وڃڻ جو پربنڌ ٿيو. سائين فرسٽ ڪلاس جي هيٺينءَ سيٽ تي هئا ۽ مونکي مٿي سمهڻ لاءِ چيائون. سامهونءَ واريءَ سيٽ تي مٿان گنگارام ۽ هيٺان منهنجي پتني ۽ ڪڪي جا بسترا وڇايا ويا. رتلام کان گاڏي ڇٽي ته هٿ پرسادي ڪري سمهڻ لاءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي ٺڪاڻي ٿائينڪو ٿيو. سائين واري دهشت واري شخصيت ۽ مٿان منهنجي جڳهه هجي ته ڪٿي ٿي ننڊ اچي. ڏٺم ته سائين کي پورو آرام ڪين هو. ڪنگهڪار پئي ڪيائون. سهڪي جي تڪليف

سگهي جڳهه ملي ويندي هئي. اهائي سائينجن جي اکل آشيرواد هئي.

هڪ دفعي ته ائين ٿيو جو اسين جڏهن پيلواڙا مان گاڏيءَ ۾ چڙهياسين ۽ جڳهه هٿ ڪري ٿانئيڪا ٿي ويناسين ته هڪ مسلم ڪٽنب سان ڏيٺ ويٺ ٿي، جي اجمير کان ٿي آيا. جيئن تہ عام طرح اسان پاڻ ۾ هنديءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين، هنن اسانکي به غير هندو سمجهيو ۽ پڇائون: ”اجمير کان اچي رهيا آهيو؟“ ’ها‘ چوڻ ۾ اسان کو ڪوڙ نه ڪونه ڳالهايو ڇو ته اڳئين ڏينهن ته اجمير ويا هئاسين، جتي پريم پرڪاش آشرم جو درشن، هالائي دربار جو درشن ڪانپوءِ پين ڏارمڪ آستانن سان گڏ خواج چستيءَ جي درگاه تي به ويا هئاسين ۽ مدار ڌائين پهچي گل به چاڙهيا هئاسين. هنن وري پڇيو: ”خواج جي مدار ڌائين وڃي سگهيا؟“ اسان ته بي فڪر ٿي ’ها‘ ڪئي ته ڏنوسين تہ هنن جي چهري تي دک پري ريکا مڙي آئي. چي: ”اسين خاص حيدرآباد (دکن) کان ٿا اچون، پر درگاهه ۾ ايتري تہ پيهه هئي جو مدار ڌائين پهچڻ ئي ناممڪن ٿي پيو ۽ نراس ٿي واپس وڃي رهيا آهيون. پائي صاحب! خواج جي درگاهه ۾ اهوئي پهچندو آهي، جنهنکي خواج پاڻ سڏائيندو آهي.“ سندس هن وشواس منهنجي من کي لوڏي ڇڏيو. اهو ائين هو جو چئجي ته هري- شيوا ڌام ۾ به اهوئي اچي ٿو سگهي جنهن لي سندس مهر ٿي ٿئي، جنهن ڏي هو پنهنجي نور- نگاهه ٿا وجهن.

مونکي اڄ به يقين هو ۽ هاڻ به پڪي پڪ ٿئي سگهان ٿو ته: ”مون اهڙو انسان ڏٺوئي ڪين هو، جو اهڙيءَ طرح مشڪي، نهاري، وهي، ڪاي ۽ ويچاري، جو

خود گاڏيءَ ۾ ويٺل ٻيا لوڪ به ٻهرس کان ڏسندا ئي رهيا. مون خود ان سمي سائينءَ جي چهري ۾ نهاريو ته ڏٺم ته سائينءَ جا سانت مئه نيڻ ڏسي رهيا هئا لوڪن جي آنهن کي ۽ هيءُ سارو درشيه ڏسي، ٻنهي ۾ پڙهي ويا هئا. اشانت هڪ هٿ سندن لڪڙيءَ تي هو ۽ هٿن جي آڱرين تي انمول خاموشي هئي ۽ ٻيو هٿ ورائي پنهنجيءَ ڪمر تي رکيو هئائون. ائين ڄڻ ڪ هو هر ڪنهن کي ٻورنتا جو سنديش ڏئي رهيا هئا. نه ڪائي اِبلاشا، نه ڪوئي اهم، صرف امر جوتيءَ واري اکنڊ شانتي پئي ٻکي ان وقت. سندن سروپ جي اسٿرتا ۾ نه هئي چاهنا ۽ نه اِڇا، نه هوڏ، نه اَدم، صرف جوت ۽ شانتي. سندن ان وقت جي درشتيءَ مان ٻکي پئي صرف ستيه جي وياڪيا، ستيه جو ساه ڪٽڪ ۽ ستيه جو پرڪاش. سائينءَ ان وقت عام جو ايترو سنيهه ۽ آدر پائي، تنهن کان چوٽيءَ تائين مهاتما جو روپ ٻکي رهيا هئا.

عام جي ديدار لاءِ سائينءَ پوءِ کليل جيپ ۾ ويٺا. ان وقت سندس اکين ۾، سندن پيشانيءَ تي، سندن ڪلهن ڏانهن، پيرن ڏانهن، هٿن ڏانهن هڪ الاهي روح جي نرمائي جا جهلڪا هئا.

اهڙي الاهي آتما، جڏهن شهر جي پرڪرما ڏيئي دربار تي پهتي ته منجهند گهٽي لڙي چڪي هئي. ڪين مسافريءَ جو به ٿڪ هو ۽ آرام جي ضرورت محسوس ڪندي، هرڪو پريمي ڪانئن موڪلائي الڳ ٿيو.

پيلواڙا ۾ ايندي ويندي ڪڏهن به مسافريءَ ۾ ڪا دقت ڪين ايندي هئي، گاڏيون منائطيون هونديون ته اُهي به وقت سر ملي وينديون ۽ رزرويشن نه هوندي به وهڻ جي

”ڪمال وڇايو توهين، پرکون پرکيو اسان ڏيون.“ ان شرمائتا سان دل ۾ ڇهندڙيون ٿيون. اڄ جي ٻال ٻال کان زندگيءَ جا ناسو ڪرڻ لاءِ چٽائي مليو اهو به کڙتيءَ ۽ ڪومل ۽ سمجهه پرتيءَ ترڪيب سان. ڌيان ۽ ايڪاگرتا کي استعمال ڪرتي هُنن مون ۾ اندر جي جاڳرتا آندي. مون دل ئي دل ۾ پڇتايو.

ڪي پرمپرائون هونديون آهن، ڪي اهڙيون مڃتائون به هونديون آهن، جن کان ڪڏهن به منهن موڙي ڪين سگهبو آهي. اهڙين پرمپرائن ۽ مڃتائن جي لڄ مون به رکي آهي. مون پنهنجن سڀني کان اهڙي قسم جي اجازت به ورتي هئي ۽ اگر انهن کان مان ايتري به آزادي نه وٺان ها ته شايد جو سنگ پرابت ڪيو هوم اهو ٻنهي کين ڏکيم هان. اندر جا سڀ اڌمان ۽ آرزو ارپي ڇڏڻ کانپوءِ ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪٿي نه ڪٿي اهڙو سنجوڳ ٿيندو هو جو مان پاڻ سائين سان ڏٺل جنا ويندو هوس ته هو پاڻ اچي پنهنجي مهر ڪري گهر پهچي ايندا هئا.

هڪ ڪوتاهي ان ڏس ۾ به ٿي ويئي هئم.

سائين ٻهڳيءَ ۾ منهن واٽڙيءَ جي گهر ڪار ۾ لڳل هئا. خبر ملندي ئي مان، منهنجي پتني ۽ ڪڪو کين ڏسڻ ويا هئاسين. اسانکي ڏسي هو ڏاڍو آنند ۾ اچي ويا. پنهنجي ممتا پرتي مهر ڪيائون. پرشاد ۽ خرچيون ڏنائون. حال احوال ڏنائون ورتائون. ڏسڻ لاءِ ٻيا پريمي به ايندا ٿي رهيا. ڪوئي سوڙهي پاسڻ لڳي، جو پوءِ سائين آسپاس ڪندي موڪل ڏني.

ٻئي ڏينهن ڏال تائين تي ڪنهن ڪارڻ سر سائينءَ وٽ وڃي ڪين سگهياسين. فون ذريعي اطلاع ڪرڻ جو وچار

اهڙو بلند، آزاد، يوگي، ضابطي وارو، نرمل هردي وارو، بالڪ جهڙو معصوم، بزرگن جهڙو رازدان هجي ۽ جنهن پاڻ تي جيت پاتي هجي، پنهنجي ئي آدرش سان، پنهنجيءَ ئي وات سان، پنهنجن ئي ويچارن دوارا، ڏيان دوارا، ودّيا دوارا، گيان دوارا پنهنجي گروءَ سان گڏ ڪنهن ٻئي جي سکيائن ۽ اپديشن دوارا.

هو هر ڪنهن لاءِ اهڙو پريتم هو، جنهن ۾ جنهن به ويساهه ڌاريو ٿي. ان مان هن ڪجهه امولڪ ئي پاتو ۽ جو هاڻ به ويسهه رکي ٿو، هو ان لاءِ پاڇي جيان هن سان رهي ٿو.

هو هئا اوچن ۾ اوچ ۽ گيانين ۾ گياني آچاريه.

هئڙو مهان پرش، هئڙو سريشٽ انسان، صاف نيترن، مڌر واڻيءَ ڪرپا پريل مهڪ ۽ شانت مُهه هلت چلت وارو فرشتو ٻڌجي پيو هو. اوچ آدرشن سان وشال ۽ وشال ٿيندو ٿي رهيو. مونکي سندن صحبت ۾ آنند ايندو هو. دل جي آنند ماند شانت ٿيندي هئي. هن مان ورهين جون اڪل پيڙائون پنهنجو پاڻ ڪيڏانهن ٻر ڪري اڏامي وينديون هيون، تنهن هوندي به هڪ دفعي جي ننڍڙي چڪ ڪارڻ- جيڪا منهنجيءَ اڻ چٽ ٻڌيءَ ڪارڻ هئي، منهنجيءَ پتنيءَ جي ريل ۾ سفر ڪندي پيهلواڙا ۽ رتلام جي وچ ڇمڙي جي ٻئگ کنجي ويئي ۽ ڪو شاهينگ ٻئگ مان سندس ساڙهيون ڪڍي ويو. ان سان گڏ ورسيءَ تي مليل پڪرون به وينديون رهيون؛ تنهن هوندي به شڪر ان سائينءَ جو، جو سون جي ڏبلي بچي ويئي. ٿوري نقصان سان گهڻي نقصان مان بچي وياسين. سائينجن کي احوال ڏنوسين ته پڪرون وڃايون اٿئون وري ڏيکجو. جواب ۾ لکايائون:



دادا شيوارام صاحب ۽ ڀائي آگيارام صاحب



دادا شيوارام صاحب سان گڏ
سوامي گنگارام ۽ ڀائي راڄارام

۽ لهي ويو، تان جو سائين ٻار منجهند جي گرميءَ ۾ اسان وٽ ڀڳوان ٻالاٽي جي گهر اچي نڪتا. پيار ڀري ٽڪور ڪيائون، ڏورانهو ڏنائون ۽ آخر ۾ ڪميا ۽ ڪيائون.

مونکي هيءُ عظيم پل ڪڏهن نه ڪپندي هئي، پر نمرتا سان هنن منهنجي پل بخشائي ۽ اڳتي لاءِ سجاڳ قدم ٽي رهڻ لاءِ آگاهه ڪيو.

هري رام سک داتي

دل ۾ اُڇلون ايندي ون آهن ته مان ان کي جيڪر پنهنجي دل جو حال سڻايان، پر ڪهڙي پتي تي ڪيس پتر لکان! جو ته هو هن لوڪ جو نه، پر آتم لوڪ جو واسي ٿي چڪو آهي. تنهن هوندي ۽ سندس ياد منهنجيءَ دل ۾ تازي آهي. مان هر وقت سندس ئي پيو جاپ جپيندو آهيان. سندس نالي جو سهارو وٺي، جڏهن هر ڪار ۾ ٿيي پوندو آهيان، تڏهن ان وقت منهنجي مک تي اچي ويندو آهي: "هري رام سک داتي."

خوشي دل ۾، جهڙي ۾ مرڪ، لاڙڪ ليکن ليکن ۾
ڏاوڻين آرسيءَ ۾ ڏٺي، اهڙي عڪس روشن هو.
— نارائڻ شيام



هوءَ رحمت لوڪ وارو جاتي جو هي ڪيو آڌار
ته هيڏو به هي ڦول ٿي ٿا وسڻي آوڙ جو سڄو سارو
ڏينهن ڏينهن واريسان آءِ سلام - بابل سائين شيوارام.
— ڪمال ابابي

٨



ساروڻيون سڀنگار ••

سڀن درشٽيءَ جي حدن اندر، پيا ان کان ٻاهر جڏهن ٻالڪي هيڻو ۽ ڪمزور سمجهندو آهيان تہ هڪ اٻلا جيان ٻاڏائيندو آهيان، پل پل پڪاريندو آهيان، ان وقت اٿين لڳندو اٿم تہ 'ٻاڏائڻ ڪم منهنجو' ۽ هو 'ٻاجهہ ڌڻي ٻاجهارو' ضرور 'پيرو ٿيندم پتار' اهڙي پڪ هوندي اٿم.

ٻالڪن تي ٻاجهہ ڪري هو اسان وٽ ايندا رهندا هئا. اهڙيون ڪيتريون ئي يادگيريون آهن، جي نہ وسرنديون ۽ نہ وسرڻ جوڳيون آهن.

١٩٤٨ع ۾ اسين آنند (ضلع کيڙا-گجرات) ۾ رهندا هئاسين. هڪ ڏينهن اوچتو ڏسون ٿا تہ سائين ڏس پڇائيندا پڇائيندا پيا اچن. سوامي گنگارام ۽ سوامي آگيارام بہ ساڻ هئن. گهر جي ٿلهي تان ئي منهنجي هٿن تي نظر پيئي. ٻاڻ بہ ٻوڪ کان ئي ڪيڪار ڪيائون: ”هيءَ تہ اسانجو ئي ٻالڪ پائي کڻو آهي.“ (پائي کڻو پوين ۾ ٻابا هريرام صاحب جن جي دربار ۾ هڪ شش هو.) مون وڃي سائين چرن وندنا ڪئي. خوش ٿيندا گهر آيا. ماتا صاحب تہ ڪين ڏسي ڏاڍو پيئي گد گد ٿي. گهر ۾ سڀني سان گيان گوشٽ ٿيو. دادا کي آفيس

مڙيوئي ڪٽنبي اُتي حاضر هئا. سائينجن منهنجي مٿي ۽ پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيو: ”پيدارا پرڀور - اسين هيءُ ٻـ پنڌاري ۾ لڳائينداسين.“ پوءِ گهڙي پل مون ڏانهن نهاري چيائون: ”توکي نه اچان وڌيڪ پڙهڻو آهي. هاڻو! سڀ ڀلي ٿيندي.“ سنڌس مکه مان نڪتل موتين جهڙا وچن سڀ پڄ منهنجي لاءِ آسيس بڻجي پيا آهن. لکه شڪرانا ان مالڪ جا. سائينجن مونکي جڏهن اهين چيو ته ’مونکي اچان وڌيڪ پڙهڻو آهي‘ ته ان دلاران اهين پئي محسوس ٿيو ته هو چوندا هجن ’سچي معنيٰ ۾ پڙهڻ آهي ماڻهوءَ کي ماڻهو سيکارڻ. هيءَ به هڪ قسم جو ساڌن آهي.‘ تڏهن منهنجو ڪنڌ سائينجن اڳيان جهڪي ويو هو. باباجن مونکي وڌيڪ وديا حاصل ڪرڻ جي جا آشيرواد ڪئي، تنهن مون ۾ هڪ اهڙو جذبو جاڳايو جو رفتہ رفتہ ڦرندڙ حالتن سان منهنجا ويچار ۽ جذبا به ڦرندا رهيا ۽ سڀ پڄ نوڪريءَ مان لنهي موڪل وٺي مان پـڙهڻ کي لڳي ويس ۽ آخر ۾ انٽر سائنس جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيم ۽ بعد ۾ بي. ايس. سي. به آنرس سان پاس ڪيم.

سائينجن جو پنهنجي هر هڪ ساڌڪ ۽ پريميءَ وٽ پاڻ کي ويندا هئا، ان لاءِ هڪ مثال ياد ٿو اچيم ته جڏهن حضرت عيسيٰ يسوع مسيح کان سوال پڇيو ويو: ”اوهين هيڏانهن هوڏانهن ڇو پيا ڏڪا کائو ۽ ڦيريون پايو؟“ تڏهن هن جواب ڏنو هو: ”منهنجون ڪيتريون رڍون گم ٿي ويون آهن، مان انهن جي کوج ۾ پيو چڪر ڏيان ۽ ڦيريون پايان.“ اسين به باباجن جون گم ٿيل اهي رڍون آهيون، ٻڪريون آهيون، جن تي هو ڪرپا ڪرڻ لاءِ پيا رُن ڪندا هئا، ڦيريون پائيندا هئا. هڪ مهنت کان پڇيو ويو: ”توهين ڇو ڪين ٿا هندستان جي ڪنهن شهر ۾ ڏابو هڻي وهو؟“ تنهن

۾ خبر ٻڌائي ويئي. گرو گهر ۾ آيو ۽ گهر ڄڻ ته مندر ٿي پيو. جيتوڻيڪ گهر ننڍڙو هو پر ڪشاديءَ دل جون مڙيوئي ڀاونائون ۽ ڪشاديون هيون. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڀارت ۾ اسان لاءِ هيءَ پهريون ديدار هو. سندن دَيا جي پهرين درشٽي هئي.

مان ان وقت وديارٿي هوس. جتي ته داداجن جي بدلي ٿيندي هئي، اتي گهر به بدلائڻو پوندو هو. وديانگر کانپوءِ مون اڙودا ۾ پنهنجي تعليم چالو رکي، ڇو ته دادا جي بدلي احمدآباد ٿي. اڙودا ۾ رهندي مان وقت به وقت احمدآباد پيو ايندو هوس. سائينجن ته جڏهن جڏهن احمدآباد ايندا هئا ته مڪاميلو پيو ٿيندو هو.

انٽر سائنس جي امتحان ۾ ٻيون دفعو اوچتو سائيءَ جي روڳ ۾ وڪوڙجي وڃڻ ڪارڻ مان امتحان ۾ ناپاس ٿيو هوس، ڇو ته مون ۾ ايترو لکڻ جيتري نه طاقت هئي ۽ نه ساهه. منهنجيءَ ان ناڪاميابيءَ منهنجي آئينده کي ايترو ته ڦٽائي ڇڏيو جو مان من جي مونجهه وچان پنهنجو پاڻ ۾ اونهو غرق ٿيندو ٿي ويس. وري وڌيڪ پڙهڻ کان به دلشڪستو ٿي پيو هوس. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي احمدآباد ۾ ڪنهن هلڪيءَ سلڪيءَ نوڪريءَ کي لڳي ويو هوس. منهنجيءَ امڙ جي اها آس باسيل هئي ته پٽڙي جي پهرين پگهار هوءَ سائينجن کي ارپڻ ڪندي. مڃاڻ سائينجن به ان وقت احمدآباد آيل نڪتا. امان جي اميد جو پوري ٿيڻي هئي. پهرينءَ تاريخ نوڪريءَ جي پهرين پگهار ملي ته امڙ اها پاڻ وٽ سوگهي ڪري رکي ۽ جڏهن سائينجن گهر ۾ پڌاريا ته اها کڻي کين ڏنائين. سائينجن امڙ جي منهن ڏانهن نهاري سندس انتر آتما جا ڪجهه ڀاؤ پرکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مان سائينجن کي پيري پيس. داداجن ۽ گهر جا

ائين چوندا: ”اسان جوئي پنهنجو ٻار آهي، هتي ئي رهندو.“ ۽ پوءِ جيڏانهن به ويندا ته مان به هنن سان گڏ ئي هوندو هوس. سندن جيون جي هيءَ درشٽي ڪيڏي نه وشال هئي. من، ٻاڻيءَ ۽ سنيهه جو امرت وسائيندڙ هئي. ڪنهن به پراڻيءَ کي پنهنجو ڪرڻ جو اهو ئي هڪ طريقو آهي ۽ ساڳئي وقت اهو آهي پنهنجيءَ ممتا پريءَ مهر جو هڪ انوکو گڻ.

نوڪريءَ واري عرصي ۾ سائينجن مون وٽ راجڪوٽ، ٻڙودا، گودڙا، احمدآباد ۽ ڀڙوچ ۾ آيا. گودڙا ۾ جنهن ماحول ۾ مان رهيل هوس، اُتي صرف گجراتي هئا، صرف هڪ ئي ويجهو سنڌي گهر هو، جنهنڪري سائينجن اُتي شبد ڪيرتن به هنديءَ ۾ ڪيو، جيتوڻيڪ سنڌيءَ جي ڀيٽ ۾، هنديءَ ۾ ڪيرتن ڪرڻ ۾ ڪجهه ڏکيائي محسوس ڪري رهيا هئا، پر ٻڌندڙن کي انهيءَ مان اهڙو ته رس ئي آيو، جو هنن نه ٿي چاهيو ته ڪيرتن کو جلد سماپت ٿئي. سائينجن گروگرنٿ صاحب جي شبدن جي ڪٿي ورکا ورسائي هئي، جنهنڪري مڌ-پريءَ هيرو ۾ اڃا به سڳنڌي پرجي وئي هئي. گرٻاڻيءَ جي شبدن جي جا سمجهاڻي ٿي ڏنائون اُها به من موهيندڙ ۽ دل جي اونهائيءَ ۾ گهر ڪندڙ هئي. ان کانپوءِ اسين جيترو وقت به گودڙا ۾ هئاسين ور ور مونکي چيو ويندو هو: ”توهان جا گرو وري ڪڏهن ايندا، سندن شبد وچن اڃان ڪنن ۾ ٿا وڄن!“

گودڙا ۾ بدلي ٿي اچڻ کان اڳ، مان ممبئيءَ ۾ ٻه سال فشريز ٽريننگ ڪارڻ رهيو هوس، ان عرصي درميان جڏهن جڏهن به سائينجن ممبئيءَ ايندا هئا ته خبر ملندي ئي مان هنن وٽ پهچي ويندو هوس. هڪ دفعي مان سندن وٽ ان وقت پهتس جڏهن هو متو واڌوانيءَ جي ڪار واري گهر

تي هن جواب ڏنو: "مان انهن پنڪيلين جڳياسين لاءِ آهيان، جن کي مان جيڪر سندن ڪم اچي سگهان." سائينجن ۾ اهڙيءَ طرح هر ڪنهن کي ٿي پساد ڪيو، هر ڪنهن سان سندن سنيهه هو، پيار هو، ممتا هئي.

انيوي مهاپرش جوڙڻ لاءِ ايندا آهن. ٽوڙڻ لاءِ ڪين ايندا آهن. هو سڀني کي ملائي هڪ ڪري وهاريندا آهن. سندن خاص ڪاريه ئي اهو هوندو آهي ته سڀني کي ملائي هڪ ڪرڻ، جو نه هو ان سنيه جا پارکو هوندا آهن، جو آد جڳاد کان چالو آهي. خود سائينجن جي آشيرواد هر ڪاريه لاءِ ورتي ويندي هئي. ڪيترن جي ئي واتان اهو ٻڌو هوم:

— گهر ۾ پٽر جو سنتان ٿي، سائينجن جي آسيس سان.
— ڇوڪري جي سڪ سان شادي ٿي، باباجن مهر ڪئي.
— بالڪي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، سائينجن جي آشيرواد ٿي.
— دڪان جو مهورت باباجن جي شڀ هٿن سان ٿيو.
— باباجن ئي ٻهرين اسانجي نئين مڪان ۾ پيرا گهمايا.
— باباجن جي آشيرواد سان بالڪ کي ٻاهر پڙهڻ لاءِ موڪليو اٿئون.

سائينجن اهڙيءَ طرح هرڪنهن تي پنهنجي ديا درشٽي ڌريندا هئا.

سائينجن ان ڪانپوءِ به جڏهن احمدآباد آيا ته هنن اسان کي وساريو ڪين، اسانکي پنهنجي اچڻ جي ڪنهن نه ڪنهن طريقي خبر پهچائي ڇڏيندا هئا ته ٻاڻ ڪٽي ۽ ڪنهن وٽ لٿل آهن. پوءِ اهو ڪبيرنگر هجي يا سردارنگر، مڻينگر هجي يا نارائڻنگر، واڙيج هجي يا سابرمتي، باپونگر هجي ڪرشنا-نگر مان ڪٽنب سميت اتي پهچي ويندو هوس. وڃڻ سان سندن چرنن ۾ پنهنجو مستڪ نمائيندو هوس. سندن چهري تي به مشڪ مڙي ايندي هئي؛ ۽ ان گهر جي ميزبان کي

پريمين کي سائين جي سهڪي جي تڪليف جي خبر هئي اهي کين ڪيرائڻ لاءِ زور ڪين ڀريندا هئا، پر ڪڏهن نه سائين پاڻ پريم وس ۾ اچي ڪيرائڻ پيا ڪندا هئا.

ٻڙودا ۾ سائين جي هوندي مونکي ڀيڻ تلسي نوتاڻيءَ جي گهر رات ڪاٽڻي پيئي. منهنجو کٽولو به سائين جي کٽولي لڳ ئي هو. ان رات ڪنهن پريميءَ جي گهران ڀڄن ۽ پوڄن ڪرڻ ڪانپوءِ دير سان موٽيا هئاسين. رات جو اٽڪل ٢ بجي بستري ڀيرا ٿيا هونداسين. سائين جي پڙ ۾ سمهڻ جي ڪري، مٿان کين منهنجي ڪري ڪا تڪليف نه ٿئي، مان جيئن ئي سمهيس، پاسو ورائي سمهي پيس. سنڪوچ وچان ننڊ به ڪانه آيم. آواز پٽڪو به ڪڙڪو ڪونه هو، مٿان الٽو ننڊ اچڻ ڪري ڪونگهرو لڳي ۽ سائين جي آرام ۾ رخنو پوي. صبح جو اٽڪل ٤ بجي تائين ڪنهن نه چرپر ۽ [illegible]ي کانسواءِ هڪ ئي پاسي سمهيو رهيس. ننڊ ڪرڻ، نه ڪرڻ جهڙي هئي. ٤ بجي جيئن ئي پاسو بدلايم ته ڏٺم ته سائين کٽ تي ويٺا هئا ۽ سماڌيءَ ۾ هئا. مان وري به پاسو بدلائي سمهيو رهيس، تان جو صبوح جو سويل پرو جاڳ ٿيم. ڏٺم ته سائين اڃان آرام ۾ هئا. اهڙيءَ ريت پروڙيم ته سائين جاڳ ۾ پيا ننڊ ۾ پنهنجي محبوب سان مشاهدو ماڻيندا ٿا رهن. سدا پنهنجي ستگروءَ سان رنگ ۾ رتا پيا آهن.

سائين جي هن اسٿتيءَ مان اهو سو پروڙيم ته هو هاڻ ان اوستا ۾ اهڙيءَ حالت تي وڃي پهتا آهن، جتي انسان کي ڪنهن به دک ۽ سک جي ڪا لڳ ئي ڪانه پوندي آهي. اهڙا انسان وقت جي رفتار ۽ زمان جي دائري کان مٿي، ڌرتيءَ تي رهندي به، جيون مڪت آتمائن وانگر هلت چلت ڪندا آهن.

مان هينئر لهي ڪار ۾ ويهي چڪا هئا. ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري هئي. ان وقت مٿي ڇَڙَب ڏيئي چيائون: "مهل ڏسي نه اچجي." پر تنهن هوندي به، پيري پوڻ لاءِ خرچي ڏيڻ کان ڪين وساريائون. وري به شڪر جو درشن ته نصيب ٿيو؛ جو نه بئي ڏينهن هو بمبئي ڇڏڻ وارا هئا.

هڪ دفعي بمبئيءَ ۾ سائينجن وٽ هوس ته سنڌيءَ جو مشهور ڳائڪ ماسٽر چندر هنن وٽ ويٺو هو ۽ هڪ ڌارمڪ ڪتاب ڪڍڻ جي باري ۾ سائينجن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. سائينجن باباجن جي جيونيءَ لاءِ جيڪو ڇپيل ساهتيه ان وقت حاضر هون اهو ڪيس ڏنو ۽ پوءِ خبر پيم ته باباجن جي نالي تان ٻلهار ويندي ڪيس ارٿڪ مدد به ڇگي ڪيائون ۽ موٽ ۾ ماسٽر چندر باباجن لاءِ صرف هڪ صفحي واري هڪ ٿي ڪويتا پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪئي هئي، البت ان ٿي ڪتاب ۾ باباجن ۽ سائينجن جا فوٽا سو ڏنا هئائين.

ٻڙودا ۾ اڪثر آسڻ پيڻ تاسي نوتانيءَ وٽ ٿي ڪندا هئا ۽ مان به احمدآباد، گوڌرا يا ٻڙوچ ۾ هوندي خبر پوندي، پهچي ويندو هوس، ڏاڍو پيار ڏيندا هئا. حال احوال وٺڻ کان پوءِ ٿوري ۾ پڇي وٺندا: "رهبو نه!" منهنجي 'ها' چوڻ تي ڏاڍو خوش ٿيندا، پر جيڪڏهن واپس موٽڻ جي ڳالهه هنن سان صاف ڪندو هوس ته خوشيءَ سان واپس موٽڻ جي موڪل به ڏيندا هئا. ڪڏهن به، ڪٿي به، اگر پنهنجي ڪائي ڳالهه ڪندو هوس ته انهن ٿي چوندا: "سڀ ڀلي ٿيندي، چنتا نه ڪندا." پاڻ پنهنجي جيون مان پرڀوت ڏيئي ٻڌائيندا: "پيا دکه سؤر ٿين، اسين ته انهن کي ڀڄون به ڪين." سهڪي جي تڪليف هئي ته ڪيترن سالن تائين، واٽ ۾ ڦوهارو هڻي به ڪيرڻ ٿي وهندا هئا. جن به

۽ سائينجن جي تصوير جا سنڌس بستري جي پر ۾ هئي ان
۾ ٿي اک اٽڪيل هئس. سائينجن کي تمام رسڻي احوال ڏنو
ويو هو. ٻار ترت ته اچي ڪونه سگهيا، پر ڪجهه ڏينهن
کان پوءِ جڏهن آيا ته هدايت ڪيائون ته جيئن ته اسان جي
امان هڪ الله اسٽري هئي، تنهنڪري سنڌس ٻارهون ته پڻ
سختي سان پوشن جهان تيرهون ڪنداسين. پڻانين کي ته
اهڙي نموني جون هدايتون ڪيائون. برهمڻ وارڻون ٻارهي
وارڻون وڏيون ته سڀ ٿيون، پر پوڄ صاحب ان ڏينهن نه
پالو ويو. ٻارنهين ڏينهن وري هڪ عجب گهٽنا ٿي گذري.

برهمڻ ٻارهي جي ڪريا ڪرم لاءِ گهر ۾ پهچي چڪو
هو. هڪ روم ۾ ان لاءِ تياري ٿي چڪي هئي. جنهن روم ۾
گرو گرنٿ صاحب جي سواري رکيل هئي اتي پاٺ پڙهجي
رهيو هو ۽ ٻاٻاجن شبد ڪيرتن ڪري رهيا هئا. مان پنهنجن
خيالن ۾ گم شم هوس. ساري وايو منڊل ۾ سائينجن جي
منڙيءَ ٻاڻيءَ جي گونجار هئي، ٻاجي ٿي سندن آگريون
منيءَ ڏن لاءِ نرتيه ڪري رهيون هيون. اوڏگرد سان
ڪٽنبي ۽ ٻيا ستسنگي ويٺل هئا. دادا به پرسان ٿي ويٺل
هئا ۽ ان وقت اهڙي شانت وايو منڊل ۾ اوچتو هڪ آواز
ٿيو. سڀني چرڪ ڀري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. جنهن پلنگ
تي سواري سينگاري رکي وئي هئي، ان پلنگ جي هيٺين
تختي جون ٻه پٽيون ٽٽي پوڙ ڪري، پلنگ جو تختو ٽٽي
جهڪي ويو هو، پر ڀائي مانسنگهه جو سواريءَ جو سردار
ٽيو ويٺو هو، ترت ساوڌان ٿي ويو هو؛ پوتر پستڪ جي
هيٺان پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌيون، پستڪ کي هڪ تيڪ کان
روڪي ورتو هئائين ۽ منهنجو سالو پرڀوان ٻالاڻي يڪدم
پلنگ جي هيٺان وڃي، پنگل تختين کي ٻنهيءَ سان دٻائي،
ڪجهه پٺ تي ڪرڻ کان روڪي ورتو هئائين. هيءَ واردات

سائينءَ جي پريم ۾ مونکي آنت ڏيندڙ آتمڪ لهرن جو ڇهاءُ نصيب ٿيندو هو، جن کي نه مان ڏسي سگهندو هوس ۽ نه ڇهي سگهندو هوس. مان اهو سڀ پروڙي سگهندو هوس؛ پر هو پاڻ نه ٻي طلب طالب هئا جن کي لـه ڪنهن سان به موه نه رهيو هو؛ جن کي پنهنجيءَ ديهه جي به ڪا پرواه ڪانه پوندي هئي، جي عام طرح پريت جا بندن ٽوڙي صرف انتم ناتا جوڙيندا ٿي رهيا.

سائينءَ تنهن هوندي به جڏهن ٻڙودا ايندا هئا نه اسانجي گهر ۾ ضرور چرن گهمائيندا هئا. منهنجيءَ امڙ سان روح رهاڻيون ڪندا هئا. منهنجي امڙ به سائينءَ جو ٻڙودي ۾ اچڻ جو ٻڌي در ۾ اکيون پائي وهندي هئي نه ڪڏهن تا اچن ۽ جڏهن سائينءَ جو ڪن تي ’ستنام‘ جو آواز پوندس نه بستري تي سمهي پوندي، چي: ”سائينءَ پاڻ اچي هٿ پڪڙي اُٿاريندا.“ باباجن لاءِ صرف امڙ جو هٿ پڪڙيندا مس هئا نه هوءَ اُٿي وهندي هئي. چرنن وندنا ڪندي هئي. اسانجي امڙ زندگيءَ جا پويان ڏينهن ماندگيءَ ڪارڻ بستري تي گذاريا، پر باباجن جي سمرتي ڪين وساريائين. سائينءَ جي تصوير پنهنجي بستري پرسان ٽنگائي ڇڏي هئائين، جنهن ۾ سائينءَ پولڪ تي وچائي ۽ سوامي آگيارام پاسي ۾ ويٺل هئن. هيءُ هو صرف منهنجيءَ امڙ جي پاونائن جو اظهار ۽ ٻئي طرف هڪ سچي ستپرش جي سچو پريم آسيس. هڪ ٻنهي پريم جي پريچه. پاونائن سان پرپور هي وشواس، جو امڙ جي من ۾ هو، انهيءَ کي سمجهي به اهوئي ٿي سگهيو جنهن زندگيءَ جي شڌتا، سندرتا ۽ سنيهتا کي پروڙيو آهي ۽ اسان جا سائينءَ به انهن مان هئا.

١٩٦٥ع ۾ امڙ اسان سڀني سان جيون واسطا ٽوڙي الڪ ڌام ڏانهن رواني ٿي ويئي. پڇاڙيءَ جي پيڙا وقت به باباجن

٧- ھيون شيوا ۾ گھٽتائون، خطا پنھنجي ٿا بخشايون،
امڙ تنھنجا ٻچا آھيون، ٻين جو دل ۾ ڇا رکيو.

٨- ويو آيو، سينيءَ جي تو ڪئي تي خاطري جيڪا،
سنڀاري تو سڄو پاڙو، امڙ تو لاءِ جڳ روئندو.

٩- نمايون سيس ٿا مالڪ، اوھان جا چرن ٿا چاھيون،
ڏنل ھيءَ آستانو اڄ، سندءِ آسيس سان اڏيو.

سائين جي ھن گيت ڪانپوءِ فضا ۾ اداسائيءَ ۽ مايوسيءَ جي لھر ھرڪنھن جي سيني ۾ اھڙا ته سڏڪا ڀريا جو ھر ڪنھن جي اکين ۾ آنسون ڀرجي آيا ھئا، غمگينيءَ جا بادل ڇانيان پيا ھئا. انھن محسوس ٿي رھيو ھو ته باباجن کي جيڪا امڙ لاءِ اُڪير ھئي، اھو نه صرف ان لاءِ ته زندگيءَ ۾ ھڪ ٻئي جي ويجھو اچڻ ڪانپوءِ اڌوريون آتمائون پاڻ ۾ پورنتا پائڻ لاءِ جدوجھد ڪنديون آھن، ھڪ ٻئي کي طاقتور بڻائينديون آھن، ھڪ ٻئي کي روشني پھچائينديون آھن، ھڪ ٻئي کي اتھاسڪ ڪنديون آھن، جيئن دنيا ۾ اگر گھٽ ۽ ٻوسٽ وارو ماحول پيدا ٿئي ته پش پيش ان مان ٻولولائي پيدا ٿئي.

ھڪ سنسناھٽ منھنجي اندر ۾ پيدا ٿي ويئي. مونکي اھا گھڙي ياد ٿي آئي، جڏھن مان پنھنجيءَ امڙ جي ديھه ڀرسان آيو ھوس. يڪ ٽڪ سندس چھري ڏانھن نھاريو ھوم. سندس چھري ۽ پيشانيءَ تي اوستا جا گھنج ھئا. پھريون دفعو مونکي لڳو ھو ته سندس چھرو بدلجي ويو ھو. مون کي ڏسڻ سان ھونءَ سندس چپن ۾ جنبش ايندي ھئي ۽ اڄ... لڳي پيو ته ڀريل بادل جيان سندس سنيھه، احساس ۽ مون لاءِ ٽڙپ، سڀ خاموش ٿي ويا آھن. مان ان خاموشيءَ ۾ لڙھي رھيو آھيان. ٻڌي رھيو آھيان. مون سندس چرن

تمام اوچتي ۽ هڪ ڪن ۾ ٿي گذري. گهر جي سڀني ڀاتين جون دليون اڳ ۾ ئي ٺرم ۽ شوڪ ڀورڪ هيون، مٿان وري هيءُ سڀ ٿي گذريو، اهو سهن نه ڪري دادا ته ٻارن وانگر روئي ڏنو ۽ وڃي ٻاٻاڄن جي گود ۾ ڪريو. واتاورڻ تمام ڪروڻ ۽ اداس بڻجي ويو. مان به ڪجهه ڪڇي نٿي سگهيس، ڄڻڪ زبان تارونءَ سان لڳي وئي هئم. ڏٺــم ته سائيڄن دادا کي دلداري ته پئي ڏني، پر اهو به پئي چيائون: "اها به توهان تي ماتا جي مهرباني آهي، هن توهان کي اشارو ڏنو آهي ته هوءَ سدائين توهان سان آهي ۽ توهان سان سدا سات رهندي." ڪجهه وقت کان پوءِ ماحول ۾ شانتي آئي. ٻاٻاڄن به ڪيرتن وري شروع ڪيو. پهرين گروباڻيءَ مان شبد چيائون ۽ پوءِ امڙ تي خاص ٺاهيل گيت ڳايائون:

مٺي ماتــا، مٺي جنني، وڇوڙو ڪيئن تنهنجو سهبو،
اڳيان صاحب وس ڪنهنجو، صبر سان مــات ۾ رهبو.

١- ڦري هر هر ٿي اکڙين ۾، ٻنگلي ٻي ڪسي صــورت،
دکن جو داستان آهــي، جــگر جي خون سان لکبو.

٢- لمبي تنهنجيءَ بيماريءَ جي، هئي جڻ گهور هڪ تپشيا،
ڪٽي سڀ ڪشٽ جنهنجا، پتيءَ جــي گود ۾ وڃبو.

٣- رهن هان چار ڏينهن جيڪر، ڪيون هان پاڻ ۾ هولي،
سڄي هولي مناينداس، ڪوڙي رنگ سان ڇا رڱبو.

٤- ڪرشن پک جي اشٽمي، پوه جي آئي، ڪيو تو وڃڻ جو سعيو،
وڃــڻ وارا هليا ويندا، رهــي پــي ڪيترو رهبــو.

٥- رچي ڀڳتيءَ سندي رنگ ۾، ائين تون خود بڻي ميرا،
وڃي گرڌر اڳيان پيالو، خــوشيءَ سان زهــر جو وٺبو.

٦- اصل مــاڻڪ وڃائي پو، ٿــوان جو قــدر سڪجي،
نــه مهما تنهنجي جاتي سين، ڪري پڇتاءُ ڇــا وٺبو.

هڪ دفعي پنهنجيءَ طبيعت بابت مون داداجن کي احوال ڏنو، موٽ ۾ سائينجن جواب ۾ لکارايو:

"باباجن کي احوال پڙهي ٻڌايم. فرمايائون ته وچن سنو نڪتو آهي ۽ چنتا نه ڪري:

دين درد نوار ٺاڪر - راکي جن کي آپ،
ترڻ تارڻ هر نڌ دوکه نه سکي بياپ.

سو باباجن جي ٻالي جو اُچارڻ ڪندو رهه، سڀ ڀلي ٿيندي."

سائينجن سچ پچ ته هڪ تيجسوي، مهان پُدويءَ وارا سچا شؤ روپ ئي هئا. هڪ طرف ڀولا ڀنڊاري برڪت جا بادل وسائڻ وارا ۽ ٻئي طرف 'ڪامني ۽ ڪنچن' کان ڏور رهي تياڳ واريءَ پنهنجيءَ ورتيءَ تي قائم رهيل. ڪنهن به ماڻا کي سندن حاضريءَ ۾ ضرورت کان وڌيڪ وهڻ جي همت ڪين ٿيندي هئي. آسيس ورتي، حال احوال اوريو، حل مليو ۽ پوءِ پنهنجا پير ۽ پنهنجو پيچرو. لڇمي جا سندن چرنن ۾ وسندي هئي، تنهن کي به پاڻ وٽ جاءِ ڪين ڏيندا هئا. البت لڇميءَ جي پوري ريت سنڀال ٿئي ۽ ڪيس پوريءَ ريت ڪم آڻجي، اُهو پنهنجو فرض سمجهندا هئا؛ اُهو به عام جي سک لاءِ ۽ نه ڪ پنهنجي سک لاءِ. ڪيترا دفعا ته مونکي به اشارو ڪيو هئائون: 'تڪليف هجي ته ڳالهه ڪيو." سندن اهڙو اشارو ئي ڪافي هو، ڇو ته پاڻ ئي برڪت جا ڏاتي هئا. پڇاڙيءَ تائين به پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رُڌل رکندا هئا ۽ ائين ئي ٻيا چوندا هئا: "پنهنجن ٻانهن جو پورهيو ڪريو ۽ کائون. هيءَ جيڪا مايا اچي ٿي، ان سان ڪو تعلق ڪين اٿئون."

سرڪاري نوڪريءَ ڪارڻ جتي ب— منهنجي بدلي ٿي آهي سائينجن اُتي مون وٽ آيا. ٻڙوچ ۾ جڏهن

ڏانهن پنهنجا هٿ ٻڌي گهيري ڪجهه ڳولهڻ چاهيو هو. سرءُ پالو هوءِ اُتي اچي، پر اُن وقت اُهي برف جيان ٿڌا لڳي رهيا هئا.

پريم جو جذبو حاڪمن جي حڪمرانيءَ لاءِ هميشہ پل وڌ گهٽ ٿيندو هجي، پر ماتر پريم جي گهرائيءَ ۾ سچل سندرتا جو سنگيت اڪل هوندو آهي. ان پنيان عجيب پوترتا ۽ اخلاق جو پرڪاش جهلڪا ڏيندو آهي.

ان پرڪاش جا جهلڪا اڄ به اچن ٿا.

ان واقعي کان پوءِ دادا جو اهو نيم ٿي ويو آهي جو هر سال ماتا جن جي ورسيءَ تي سندن نمت پاٺ پڙهي يا پڙهائي پوڄہ صاحب وڄهائيندا رهندا آهن. امڙ اسانجي اندر ۾ آهي. اسان سان آهي. اهڙي سرجيت ٻڌي اسان کي باباجن بخشي آهي.

ان کان پوءِ جڏهن به سائينجن کي ياد ڪرڻ موت ۾ اهو ئي لکائيندا هئا.

”تڪليف ۾ باباجن جو سلوڪ اُچاريندو ڪر،
سري سنت بابا هريرام کي وندئون وار وار،
جاس نام پرتاپ تي مٽ هئہ پاپ پهاڙ.“
(١١-١١-١٩٧٨)

يا

”ڏياريءَ ۽ نئين سال جون توهان سيٺي کي لک لک واڌايون. گرو مهراج جن جي توهان تي هردم ڪرپا رهندي. اهڙو وچن:

گر پوري کي وڏي وڏيائي
تاکي قيمت کهي نہ جائي.

خوشي آسيس سيٺي کي ڏيندا. (٢٨-١٠-١٩٧٨)“

۽ ڪين هوءِ سامان پاسي ۾ پيو هون. مون سنڌن چرنن ۾ پنهنجو سيس نوايو. چيائون: ”ٻار ويا آهن موچيءَ کان چمپل ٺهرائڻ؛ اچن نه اٿون ٿا.“ مون ٽيسن باباجن جو سامان جيپ ۾ ۾ رکايو ۽ پاڻ به ان ٿلهي ٽان ٽڏهن اٿيا، جڏهن پريان ئي ٻالڪ راجارام ۽ دربار جي هڪ ٻئي شيواداريءَ کي ڏٺائون. باباجن کي مون جيپ ۾ اڳيان ويهڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ مان پٺيان ٿي ويٺس.

جيپ گهر وٽ اچي پهتي ته منهنجي پتني گهر ڪليل ئي چڏي باباجن کي هيٺ اچي نمسڪار ڪيو ۽ عرض ڪيائين: ”بابا! اسان جو گهر مٿي آهي، ڏاڪڻ چڙهڻي ٿي پوي. پاسي ۾ ئي هيٺ، ڏاڪڻ ڪانسواءِ واريءَ جاءِ ۾ بندوبست ڪيو اٿم ۽ جي آگيا هجي ته...“ هوءَ وڌيڪ چئي نه سگهي، جو باباجن چيس: ”پنهنجو گهر گروءَ جو در. پيلواڙا ۾ ڪين پيا ڏاڪڻ لهندا چڙهندا آهيون.“ اسان کي ڪيڏو نه آنند مليو. آسڻ ته پهرين هنڌ ٺاهيو ويو هو. باباجن آرام سان اچي پلنگ تي ويٺا. گهر جي هيٺان ئي نرمدا ندي ٿي وهي، سو نديءَ طرف نظر ڪندي ئي چيائون: ”هيڏو سندر واتاورڻ اٿو پنهنجي گهر ۾، ته به پيا ٻين گهرن ۾ رهايو. هت به ته ڏاڍو آنند آهي. ٿڌي ٿڌي هير پئي لڳي. نرمدا ميا جون نرمل لهرون پيون ڏسڻ ۾ اچن. لوڪ پيا هيڏي درشن لاءِ سڪن. اسان کي ته گهر ويٺي ٿو نصيب ٿئي.“ باباجن پوءِ مٿي ٽان صافو لاهي، سولا ٿي ويٺا. اسين به پيا دل ۾ گد گد ٿيون.

ڪجهه وقت کان پوءِ مان آفيس هليو ويس. باباجن به آرام ڪيو. پڙدا لڳارائي ڪوٺي ۾ انڌارو ڪرائي ڇڏيائون. پنکي جي هوا ٿي ڪين پورڻ آرام مليو. شام جو مان ساجهرئي آفيس مان موٽي آيس. ان ڏينهن ته سائين ڪيڏانهن به نڪرڻ جو ويچار ڪين ڏيکاريو؛ البت ٻـڙوچ ۾ منهنجا

١٩٧٦ع ۾ آيس ۽ اُتان پهريون دفعو پيلواڙا ويس ته عرض ڪيم ته باباجن منهنجي ان گهر ۾ پيرا گهمائين ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن به پيلواڙا ويندا هئاسين ته مان ۽ منهنجي پتني ور ور ڪري ٻيا وينتي ڪندا هئاسين، پر جواب اهوئي ملندو: "سڏ ۾ سڏ، سدائين گڏ." ڪڏهن جي ائين چئون: "سائين ٻمبئيءِ ايندي ويندي ته ڪڏهن درشن ڏيو." ته موٽ ۾ اُتر ڏيندا: "اسين ايندي ويندي توهان کي گاڏيءَ مان ٽا... ٽا... ڪندا آهيون." ۽ پوءِ مشڪي ڏيندا.

١٩٨١ع ۾ سوامي جن جو سورت ۾ اچڻ ٿيو. رامنگر سنڌي ڪالوني ۾ لٿل هئا. احوال ملندي ئي مان سورت روانو ٿيس ۽ موٽندي بڙوچ لهڻ لاءِ باباجن کي عرض ڪيم. چيائون: "ڏسون ٿا، جيئن حڪم هوندو." مان دل-شڪستو ٿي پيس. چهري تي مايوسي اچي ويئي. دل اُداس ٿي پيئي. سورت مان واپس ورڻ وقت وري وينتي ڪيم: "بابا! بالڪن تي آسيس ڪيو. رحم ڪيو." ديا درشٽيءَ سان به پلڪ منهنجين اکين ۾ نهاريائون ۽ پوءِ آسيس ڪيائون.

ان واقعي جي ٽئين ڏينهن مان آفيس ۾ ئي ويٺو هوس، جو فون آيو: "باباجن اچي ويا آهن ۽ بڙوچ اسٽيشن تي ويٺا آهن." مان ته بلڪل وائڙو ٿي ويس. مالڪ مهر ڪئي پر ڪيئن؟ ته عجب ۾ وجهي ڇڏيائون. قدرت سان منهنجو ڊرائيور به آفيس ۾ ئي ويٺو هو ۽ گاڏي به تيار ٿي بيٺي هئي. مان ٽڪڙو آفيس جي پنهنجيءَ روم مان نڪري اچي جيپ ۾ ويٺس ۽ ڊرائيور کي اسٽيشن طرف هلڻ لاءِ چيم. اسٽيشن تي لهي تمام گهڻيءَ اُٻهرائيءَ وچان ٽڪڙيون وکون کڻندو مان پليٽفارم طرف وڌندو ٿي رهيس جو پٺيان سڏ ٿيو. منهن ورائي ڏسان ته اسان جا بابا ته ويٽنگ هال ۾ ٺهيل هڪ سيمينٽ جي ٿلهي تي ويٺا آهن. ٿلهي ته ڪو ڪپڙو وڇايل

ضلع جا اڌڪاري ۽ عملدار هن وٽ ايندا ويندا آهن. مون کي پڪ هئي ته سائين جن کي اتي پڪ آنند ايندو. اسين جڏهن اتي پهتاسين ته ڪٽيا بند هئي. ڪٽيا جي ٻاهران هڪ شيوڪ ڳالهه ڪئي ته سوامي انگاريشور ڳوٺ ۾ ڪنهن بيمار کي ڏسڻ ويا آهن. هاڻ آيا. اصل ۾ ته جنهن هنڌ اها ڪٽيا ٺهيل هئي، اتي اڳ شمشان گهاٽ هو، پر سوامي جن پوءِ اتي ساوڪ ۽ باغات ڪري چڱي رونق لڳائي ڇڏي هئي. سائين جن کي اتي وٺي وڃڻ ڪانپوءِ، جڏهن مون ڪٽيا بند ڏٺي ته حال ته مان به دهلجي ويس ۽ من ۾ پڇتاڻ لڳس ته اجايو سائين جن کي اتي وٺي اچڻ جو ڪشٽ ڏنم. تنهن وقت سائين جن ساوڪ تي ڪجهه پير کنيا. منهنجي مک مان ته هڪ اکر به ڪين ٿي نڪتو. ايتري ۾ ان شيواداري ٻڌايو: "سوامي اچي پيو." ڏٺم ته سوامي لڪڙيون وڪون کنيو ٿي آيو. ڪٽيا ۾ اچڻ سان سواميءَ سائين جن کي نمي نمسڪار ڪيو. کين مٽيري ڪرسي ڏيئي، پاڻ صندليءَ تي ٿي ويٺو ۽ اسين سڀ هيٺ زمين تي ويهي وياسين.

اچڻ سان سوامي جن مون سان مخاطب ٿي چيو: "الائي ڇو، مونکي ڪٽيا ۾ واپس موٽڻ لاءِ ڏاڍي ڇڪ پئي ٿي. ڪڏهن به ايڏي ڇڪ هونءَ ڪين ٿي هئم. مريض کي پڇڻ نه پڇڻ جهڙو ڪري واپس هليو آيس." ۽ پوءِ سوامي جن ۽ سائين جن پاڻ ۾ گيان گوشٽ شروع ڪيو. سوامي جن هنديءَ ۾ ٿي ڳالهايو ته سائين جن گروگرنٿ جي واڻيءَ جو ٿي پئي ورڻن ڪيو. ڪلاڪ اڌ هيءَ ساڌو ميل محبت جو مزو اسان به ماڻيو. آخر ٻاٻاجن اٿيا، ته سوامي جن وري به کين نمي نمسڪار ڪيو.

اسين ڪٽيا کان ٻاهر نڪتاسين ۽ جيپ ۾ وهڻ کان پوءِ ٻاٻاجن مونکان سوال ڪيو: "ڪمل ڪجهه سمجهئين." مون

ڪي عزيز دوست باباجن کي گڏجڻ آيا. باباجن سان ڳالهه
ڪئيسين ته وڇهوئي جهوليلال جو سنڌي مندر آهي، ته به
هلڻ جو ڪو خيال ڪين ڏيکاريائون. پنهنجي ئي آنند ۾
رهيا. شام جو سنجهيا ڪيرتن ڪري ٻه گهر ئي ويندا رهيا.
حال احوال وٺندا رهيا. ساڻن گڏجڻ لاءِ آيل مترن مان
هڪ غير سنڌي شري ٻالچندر وئد به هو، جو ڊسٽرڪٽ
سپرينٽنڊنٽ آف پوليس جي عهدي تان رٽائر ٿيل هو، پر
سندس ڪيس سرڪاري آفيس ۾ اٽڪي پيو هو، جنهنڪري
اڃا پينشن جي پوري رقم کانئس ئي مليس. باباجن سان حال
اوريائين. باباجن ٻئي ڏينهن صبوح جو اچڻ لاءِ چيس. ٻئي
ڏينهن هو ڏنل وقت تي اچي سهڙيو. باباجن ان وقت وچن
ڪيو ۽ کيس چيائون ته سندس ڳالهه جو جلد نبيرو ٿي
ويندو؛ ۽ پوءِ هو مشڪندو موٽي ويو. باباجن کي چيائين
ته کيس جو نبيرو ٿيندي ئي احوال ڏيندس. مالڪ مهر
ڪيس ۽ خوشيءَ ۾ مهني ڏيڍ کان پوءِ مون سان ڳالهه
ڪيائين ۽ مون کان پيلواڙي جي ائڊريس ٻه ورتائين ۽
سائينجن جي آسيس لاءِ منهنجي پاران کي انگريزيءَ ۾ خط به
لکيائين.

ان ڏينهن شام جو مون سائينجن کي جيپ ۾ گهمائڻ لاءِ
راضي ڪيو. پهرين ته چيائون ته ٻڙوچ ۾ اسان سيڪجهه ڏٺو
آهي. هاسارام ڪافي گهمايو هو. وري به منهنجي عرض ڪرڻ
تي مونسان هلڻ لاءِ راضي ٿيا.

مان سائينجن کي ٻڙوچ ۾ شڪلتيرٿ کان به ڪجهه اڳتي
انگاريشور ڳوٺ ۾ وٺي ويس، جتي هڪ مهاتما سوامي
منشانند جي ڪٽيا ناهي اچي رهيو هو. اصل ته هو پنجاب
جو آهي، پر ڪافي پرياويڪ شخص آهي؛ چاڪاڻ ته هن
وٽ ڪافي ايندو ويندو هوس ۽ مون جيان ٻيا به ڪيترائي

ڪير ٻه ڪين آهي. ڪمري ۾ گهڙيال هلي رهيو هو ۽ ان جي ٽڪ ٽڪ جو آواز ڪجهه چئي رهيو هو، ته زندگي ڪن پلڪن جي ڪڙي آهي.

سندن اهي مٺڙيون يادگيريون اڄ ٻه من ۾ تازيون آهن. اهي ڪيئن وسنديون. باباجن جي ٻڙوچ ۾ اچڻ ڪانپوءِ منهنجي ٽرس ٿي ٻڙودا بدلي ٿي. ١٩٨٢ ۾ مان ٻڙودا ۾ هوس ۽ اتان ٻه پيلواڙا ته ويو هوس پر ٻڙودا ٻه سندن درشن حاصل ٿيو هوم. ١٩٨٣ع مان ٻڙودا ڪان ويراول آيس ۽ ان سال اکين جو موتئي جو آپريشن ڪرائڻ ڪري مان پيلواڙا وڃي ڪين سگهيس. باباجن جي صحت بابت پيلواڙا مان احوال پيو ايندو هو.

اهڙا هئا بابا شيوارام صاحب. گيان جا ڀنڊار. پنهنجي مڌر آواز د ناران گرواڻيءَ جو پرچار ڪرڻ کي پنهنجو مول-مقصد سمجهندا هئا. پڇاڙيءَ جي نرم طبيعت هئڻ جي باوجود ٻه ستسنگ جو سڌ ڪين موڪليندا هئا. هو ڪنهن کي ٻه 'نام' ڪين ڏيندا هئا، پر ايترو سو چوندا هئا ته ستسنگ ۾ اچو ته ٻه وچن پاڻ سان کڻي وڃو. جنهن جنهن پريميءَ کي خط لکائيندا هئا ته صبوح جو سندن ورتل وچن 'اڄ جو وچن' ڪري لکائيندا هئا. اهو ئي هوندو هو سندن ديا جو دان. پنهنجي ستگر بابا هريرام جن کي هري روپ ڄاڻي، ان جو ڌيان ڪرڻ لاءِ پيا هرڪنهن کي آگاهه ڪندا هئا. سندن آخرين ستسنگ ٣ اپريل ١٩٨٤ع ۾ ٿيو، جنهن ۾ سکيا ڏنائون گهر-گرهستيءَ کي گهر سرڳ بڻائڻ جي.

وري ٿيو اهو ئي جو ٿيندو رهندو آهي
هڪ مختصر راڳ، اهو ٻه ختم ٿي ويو.
هيءَ زندگي ڇا آهي؟ حقيقت آهي يا مايا؟
يا جيئن پرواني جو مڌر سپنو
جيسين هلي، تيسين حقيقت... ۽ ان کان پوءِ...

چيو: ”بابا مونکي ته ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين آيو.“ ان وقت جيپ ڪنيا ڇڏي هلي چڪي هئي ته باباجن ٻڌايو: ”سوامي جڏهن ڪاليج ۾ هو ته سندس مائٽن ڪيس زوريءَ شادي ڪرائڻ ٿي چاهي ۽ هو شادي نه ڪرڻ جي خيال کان گهر ڇڏي هٽ هليو آيو.“ مان اچرج ۾ پئجي ويس؛ ڇو ته اهڙي ڪنهن به قسم جي ڳالهه اُتي نڪتي ڪانه هئي ۽ سوامي جن جي هيڏي سمپرڪ ۾ اچڻ ڪانپوءِ به مونکي ان جي خبر ڪانه پيئي هئي، پر جڏهن باباجن اهڙا چاڻ ڏني ته مون ٻڙوچ ۾ ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪن کان پڇا ڪئي ته خبر پيم ته باباجن جو ڪجهه چيو هو بلڪل سچ هو. ڪيڏا نه ڪرامت جا ڏٺي هئا. ڪن ۾ سڀ پرکي ورتائون.

باباجن جيڪي ٻه ڏينهن ٻڙوچ ۾ رهيا، پاڻي راجارام ۽ پنهنجي ٻئي شيوڪ کي روز نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ لاءِ موڪليندا هئا؛ ۽ پاڻ پلنگ تي ويٺا مٿان ٿي پيا ڪين ڏسندا هئا ته ڪيئن ٿا پاڻيءَ ۾ ٽڙ ٻن، چيائون: ”گنگا اشنان، يمنا امرت ۽ نرمدا جو درشن سڀ هڪ برابر آهن. اسين ته گهر ويٺي پيا ٿا تيرٿ ڪيون.“ اهڙي ساکه پوءِ پيلواڙا پهچڻ سان به پيا هر ڪنهن سان ڪندا هئا.

باباجن ٻڙوچ ڪانپوءِ ٻڙودا ويا. سندن لاءِ فرسٽڪلاس جي ٽڪيٽ تي ورتم جو پاڻ منع ڪيائون. پليٽفارم جي ڏاڪڻ چڙهيا ته ڪجهه سهڪو ٿين ۽ مون پنهنجو پاڻ کي ان وقت گهٽ وڌ ڳالهايو. شايد سمجهي ورتائون ۽ اکين ۾ اکيون وجهي اشاري سان ڪجهه به سوچڻ لاءِ منع ڪيائون، وڏي ڪرپا ڪيائون.

ان کان پوءِ باباجن کي گاڏيءَ ۾ چاڙهي جڏهن اسين گهر پهتاسين ته اُئين پئي محسوس ٿيو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ جو گهر ڪناڪن پريل هو، اُهو خالي ٿي ويو آهي. جڻ ته اُتي

– درشن ديکر جيوان گر تھرا - پورن کرم هوء پرپ ٹھرا –



– آنت سفر جا راهي - چا لاء پٹھندا ساهي –

شپ مھاپرشن جا جيون يادگار - تا چتائن کر عياني شانار
وقت جي واريء تي ليون جا اشان - ونا چڏي ان تي هلط لاء اي لنار
کوي سوس -



٩

آڏيسي اُٿي ويا...

باباجن جي انت سمي جو ورنن منهنجي مرحوم ڀاءُ دادا هاسارام ڪيولراماڻي ”شرڌانجلي“ پستڪ جو مهاڳ لکندي ڪيو آهي، جنهن ۾ هو لکن ٿا:-

٢١ اپريل ١٩٨٤

چنڇر جو ڏينهن.

صبوح جو اچا ڇهه ڪن مس ٿيا هئا جو مان دربارصاحب مان ڪهي سماڌي آستان تي اچي پهتس. ڊاڪٽر واسومل (چانهيءَوارو) جاوڊ ۾ گروگرنٿ صاحب جي ٻارهي جو پاٺ پنهنجيءَ نِمت جي نمت دربار صاحب ڪان رکايو هو ۽ انهيءَ ڏينهن اُتي پورو ٿيو هو. بابا گنگارام صاحب ۽ ڀائي هنسرام اڳ ئي پاٺ صاحب آرنڀ ڪرڻ لاءِ ويل هئا ۽ اُتي ئي هئا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ پوڄ سوامي جن جي طبعيت نرم پئي هلي، سو هر مندر باغ واريءَ ڪٽيا ۾ تاريخ ٢٤ فيبروريءَ ڪان آسڻ ڪيو هئائون. اهو ڏينهن پوڄ بابا هريرام صاحب جن جي جنم جو هو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان هري شيوا ڌرمشالا جي ستسنگ هال ۾ سندن مورتيءَ اڳيان ملهايو ويو هو. نرم طبيعت هوندي به چيٽي چنڊ جي شب ڏينهن تي ٣اپريل ١٩٨٤ع

لي پنهنجي مڌر سنگيت سان پريمين کي سٽسنگ جو آنند ونڊيو هئائون. لاڏا ڳائي کين خوب جهومايو هئائون. ڪنهن ٿي ڄاتو ته اهو سندن آخرين سٽسنگ ٿيندو، ان ڪانپوءِ پوڄن ڪري هري مندر واريءَ ڪٽيا ۾ اچي براجمان ٿيا هئا.

جڏهن ڊاڪٽر واسومل وارن کين جاوڊ ۾ پاڻ وٽ رکڻ لاءِ وينتي ڪئي ته بابا گنگارام جن کي اوڏانهن روانو ڪيائون ۽ پاڻ بارهين تي آئي وڃي پوڄ پائڻ جو وچن ڏنائون. واڌوائي پائرن ايمبيسيڊر ڪار سندن سواريءَ لاءِ ٿورا ڏينهن اڳ ۾ پيش ڪري ڏني هئي. جاوڊ جو شهر صرف سوا سؤ ڪن ڪلوميٽر دور هو، سو صبوح جو ٦ بجي ڌاري اسهڻ جو سوچيو هئائون ۽ مان کين ڪار ۾ وهارڻ لاءِ وارد ٿيو هوس. مٿو ٽيڪي، هٿ ٻڌي سندن آگيا لاءِ وينتي ڪيم ته آکيائون: ”اسانجي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ٻه ڄڻا آئي وينا آهن.“ پائي ميارام جو سندن شيوا ۾ هو تنهن اڳيئي مونسان ڳالهه ڪئي هئي ته رات جو پورو آرام ڪونه مليو هون، سو نمرتا سان وراڻيم: ”براٻر سائين، خاص ضرورت ڪانه آهي، آگيا ٿئي ته ڊاڪٽر کي سڏائجي.“ جواب ڪونه ڏنائون ۽ شانت ۾ رهيا. ڪنڌ جهڪائي، ٻاهر اچي ڊاڪٽر سالومن جو پيلوازا جو چيف ميڊيڪل آفيسر هو، تنهنکي سٽ ني گهرائڻ جو پربنڌ ڪيم. ڊاڪٽر سٽين سوائي سٽين ڌاري اچي نڪتو ۽ چڱيءَ طرح تپاس ڪري علاج چالو ڪيائين. مون ڊاڪٽر کان ورجائي پڇيو ته حالت ڪيئن آهي. جواب ۾ چيائين ته اهڙي چنتا جي ڳالهه ڪانه آهي. اڳم گذريل ٢١ فيبروري ١٩٨٤ع تي به ڪجهه تڪليف محسوس ڪئي هئائون ۽ ان وقت ڊاڪٽر آڪسيجن ڏياري هئي؛ سو پڇڻ تي ڪوئي چيائين ته اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهي. علاج، ڏنل هدايتن موجب ڊاڪٽر موهن ٿانوائيءَ شروع ڪيو. اهو

ٻ سڏ ۾ سڏ ڏيندا ۽ ڪڏهن ٻـــ اوکي گهڙي ڏسڻ ڪين ڏيندا.

منهنجي دل ته اڄ ٻه ائين ئي پيئي پڪاري:-

منهنجا چندرما تون اُتي آڪاس ۾ ئي رهج ۽ مان توکي هتان هيٺان ئي ڏسندو رهندس. توکي ڇهڻ لاءِ منهنجيءَ دل ۾ ڪا به اڻ واجب اڻ تڻ ڪانه آهي. تنهنجي سونيءَ صورت تي ڪارو داغ ڇو لڳايان. گهاريل گڏ گهڙيون مون لاءِ قارون جو خزانو آهن، مان اُهي سڀ يادون لڙڪن سان چڪائي ڏيندس. تون ئي هئين منهنجو اَبو، منهنجي اَمڙ.

****

سائينجن جي مڌر ڪيرتن ۽ گروائي جو آواز ته اسان ڪئسيٽن ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. ٻڌون پيا ۽ پيا ٻڌندا سين. ڇا اهو اصلوڪي روپ ۾ سدا سانت ٿي ويو؟ سچ ته وشواس ئي نٿو اچي ته اسان جا پوڄنيه باباجن هينئن اوچتو سڀني کي وڇوڙو ڏئي راهه رباني وٺندا. پر هنئڙا مهاپرش پنهنجيءَ اِڇا سان جنم وٺن ٿا ۽ پنهنجيءَ اِڇا سان سرير تياڳين ٿا. پنهنجي پرڏاڏي ٻائي ٽندوارام، جي گرهست ۾ يوگي ٿي رهيا، تنهن جو اوتار ته هئائي، جن چولو ڇڏڻ کان اڳ ئي پيشين واڻي ڪئي ته ماتا سهج ٻائيءَ جي گرڀ ۾ وري جنم وٺي ايندا. ڪيڏا پرمارٿ جا ڪم باباجن پنهنجي جيون ۾ ڪيا پر ڇا ته سندن نرموهي هئي. هر ڪار ۾ پنهنجن ستگرن بابا هريرام صاحب جن جي ارپڻ ڪندا هئا ۽ سڀ ۾ انهن جو پرتاب ڏسي پاڻ هڪ سچي جگياسو جيان ٿي رهيا، جنهن لاءِ پاڻ ئي فرمايو اٿن: ”جگياسوءَ پنهنجو پاڻ کي نرنڪار اڳيان وڪڻي ڇڏيو آهي... منهنجو ڪجھ آهي ئي ڪونه.

شال باباجن جي گڻن کي ياد ڪري ڏيکاريل راهه تي هلي، سندن آسيس جا پاتر ٿيون.

سڄو ڏينهن پوڄ سوامي جي شانت ۾ رهيا. ڪا به شڪايت مڪي سان ڪانه ڪيائون. انهن ڇنڇر ته سماڌي ورتي هئائون ۽ پنهنجي ستگرن جي ڌيان ۾ مگن هئا. شام جو ساڍي ٧ بجي وري ساڳيو ڊاڪٽر سالومن ڏسڻ آيو ۽ تپاس بعد ضروري هدايت ڏيئي واپس ويو؛ ان وقت به هن اهڙو اشارو ڪين ڏنو ته اسان جا سائين باقي ٿورن منٽن جا مهمان آهن.

سنڌيا جا ٨ ٿيڻ وارا هئا ته اچانڪ سندن نبض ڍلي ٿي ويئي ۽ ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو ڊوڙايو ويو، جو سوا نائين بجي ڌاري آيو ۽ نبض ڏسي راءِ ڏنائين ته پکيئڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو. اهڙيءَ حالت ۾ به مک ٻهڪندڙ هون، ٻن ساس ڏيهيءَ جي جهلڪ ٿي ڪانه هئي. قدرت سان بابا گنگارام ۽ ڀائي هنسرام به جاوڊ ۾ پاٺ صاحب جو ڀوڳ پائي پاٺي جلد اچي نڪتا نه ته ٻئي ڏينهن اچڻ جو ويچار هون. اوچتو هيءُ درشيه ڏسي دنگ رهجي ويا ۽ ٻارن جيان ٻاڪارڻ لڳا. آيل پريمين کين شانتي ڏني ۽ بابا گنگارام پنهنجي جوابداري سمجهي دل کي ڏاڍو ڪري اڳتي جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪيون.

'سنت مٺي ڪا روٺي جو اپني گهر جاء.'

سنت ته امر آهن. هو سنسار ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ انوسار اچن ٿا ۽ پنهنجو ڪاريه پورو ڪري پنهنجي اصولڪي وطن ورن ٿا. اسان جا پورن پرمک باباجن به انهن پنهنجي وطن اگمپور واپس ويا.

سندن پيدا ڪيل هيءُ خال مور پورڻ جو نه آهي. شل اسين به سندن ڪريائن ۽ سکيائن کي ياد ڪري، ان موجب هلي، کين قائم دائم، سارڻ سمجهي گڻ ڳائيندا رهون؛ ته هو

۲۴-۲-۱۹۸۴ کان ڌرمشالا ۾ رهڻ چالو رکڻ جو هڪ سبب اهو به هو جو جيڪا سنڌن بينڪ واري روم سماڌي استان (هرمندر) ۾ هئي. اُتي ورانڊي جي ڇت جو ڪم بند هليو ۽ باٿ روم به خاص پاسي ۾ تيار پئي ٿيو. باٿ روم ۾ سنڌن اڳا انوسار ڪموڊ جي پاسي ۾ URINAL به رکايو هئوسين. گرم پاڻيءَ لاءِ گيزر به لڳو ۽ سڌو واش بيسن ۾ گرم پاڻي اچي ٿي سگهيو. اپريل ۱۹۸۴ ۾ شروعات ۾ جڏهن سڀ ڪم تيار ٿي ويو ته ڌرمشالا واري روم مان SHIFT ڪري پنهنجي سماڌين واري روم ۾ اچي رهيا. باٿ روم اهڙو وڏين جو هڪ ڏينهن مونکي مشڪي چيائون: ”توهان ته باٿ روم ۾ چار پدارٿ رکايا آهن.“ مون به مشڪي وراڻيو: ”سائين اڃان پنجون به ٿيڻو آهي.“ ڪموڊ سامهون ننڍو پنکو (Fan) لڳائڻو هو جو انوقت هٿ ملي نه سگهيو ۽ ڄئپور مان گهرائڻو هو. نيٺ اهو به لڳو. پر تيسين 21/4 تي ڇا مان ڇا ٿي ويو. هاڻي ته سڀ خواب پيو لڳي.

دل نه پوري پئي آهي ڳالهين سان، پر دل جو دل ۾ رکڻ بهتر آهي.

پيارن مان -

هاسو

هنن مڙيوئي سمرتين پٺيان جذبا آهن، اُمنگ آهن، ٻنهنجانب جا ڪي نازڪ ڪومل ڀاوُ آهن. انهن پيو پانڄي ته سائيجن آهن، اسان سان آهن ۽ هر وقت اسان سان سنگ ٿي رهندا، ڇو ته

جيڪو جمنا جو جهرڻو هو ۽ گنگا جو پاڻي،
ڪيئن ڇوان تنهن رشيءَ راج جي پوري ٿي آکاڻي.

هيترو سڀ سوچيندي ۽ سمجهندي به جنهن سان لڳاءُ ٿي ويندو آهي، اهو مور نه وسرندو آهي. ان جو ثبوت دادا هاسارام کيولراماڻي جو پنهنجي پياري مٺڙ پاءُ (سرڳواسي) جڳه ڪرشن گوسهاڻيءَ ڏانهن لکيل سنڌس خط مان پيو اٿم. پاڻ لکن ٿا.

پيلواڙا- ١٧-٣-١٩٩٠

پيارا پاءُ،

ستگورن جي آسيس سان بابا ڪتنب آنند ۾ هوندا. خط اڄ لکيو اٿم، بهتو هوندو. وڃي ويني پون پيا پوُر پونهارن جا. سپاڻي 15/2 (مانگهه) پوج بابا هريرام صاحب جن جو پوتر جنم ڏينهن آهي. سال ١٩٨٤ ۾ 24/2 تي ملهايو هئوسين. 22/2 تي پوج بابا شيوارام جن کي ڪافي لوڏو آيو هو. آڪسيجن ڏيڻي پيئي هئي. چاهيندا هئا ته جيڪي به اُنسوُ ٿين سي ڌرمشالا جي ستسنگ هال ۾ ڪيا وڃن سو هاڻ به اٿين رٿيل هو. پر سنتن جي طبعيت ڏسي مون کين 23/2 صبوح جي چيو ته سنگت کي ٻڌايو ته سپاڻي اُتسوُ دربار ۾ ئي ملهايو ويندو. هڪدم وراڻيائون: "چيو، چڱا ٿيو آهي اسانکي، هلي پاندل ۾ ملهايو." مان ته دنگ رهجي ويس ۽ سنگت کي وڃي ٻڌايم ته اُتسوُ ڌرمشالا ۾ ٿيندو. 24/2 تي اُتسوُ ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. ڀڄن، باجن، ڏونکن شرنائين وارا سڀ اچي مڙيا. پنهنجي ڪيرتن ڪانپوءِ کين ٽڪ ضرور ٿيو سو ٻاهر نڪري ڪجهه وقت اچي بيٺا ۽ مان به اڳيان وڃي بيٺو مان. ڏسي آکيائون: "ڏٺو نه، ڪري سگهون هان هيءُ سڀ دربار ۾." مون ته ڪٺي هٿ جوڙيا پر هڪ اهڙي نرم هئا جو ان ڏينهن کان ئي ستسنگ هال جي پرسان جيڪو ATTACHED BATH وارو ڪمرو آهي تنهن ۾ رهڻ لڳا ۽ واپس دربار ۾ نه آيا.

مگنو ٿي رهڻ چاهيندو آهيان. سندس آسيس لاءِ پيو ٻاڏا-
ئيندو آهيان. جيب ۾ سفر ڪندي به هو منهنجي ڀيا رکيا
ڪندا آهن. منهنجي ڇهري جي چؤگرد سندس آسڻ ۾ وينل
تصوير چوڌاري ڦرندي رهندي آهي. هر وقت ڀيا مون تي
مهر ڪن؛ ان ڪري مان پاڻ کي وڏ ڀاڳي سمجهندو آهيان.

(٣) هري ٻول-هري ٻول

ٻنهنجي ستگر جو نالو ٻڌندي هن تري پوندو آئم. مها
ٻرڀو چيتناننڊ '**هري ٻول .. هري ٻـول .. هري ٻول...**'
جي ڌني لڳاريندو هـو. هري مَن لاءِ پيارو ٻرماتما هـو.
'هري ڪرشن-هري رام' مثن وارا هري ڌن ۾ مڌمست ٿي
ويندا آهن. **هري ڌياءِ-سکھ ڀاءِ** جي اصول تي ٻنهنجيءَ
زندگيءَ کي سينگارڻ جي ڪوشش ڀئي ڪئي اٿم. **شل هري
اوم-هري جاپ** هجي. اُٺندي رام، وهندي رام، رام رام
شري رام هري. هوئي منهنجو ٻرم اوتار آهي.

(٤) انگ سنگ سهاءِ

ڪيترا دفعا مون کين سپني ۾ ساڪار ڀاتو آهـي. هڪ
ٻالڪ جي روپ۾ مان سندن هنج ۾ ويچي وهندو آهيان هؤ
مونکي پيار وچـان خرچيون به ڏيندا آهن. مـان چاهيندو
آهيان ته منهنجا اهڙا سپنا ڪڏهن به نه ٽٽن، پـر جڏهن اکہ
کلندي سپنا ٽٽي پوندا آهن ته به اُهي مون کان اڄ تائين
وسريا ڪين آهن، ان مان مونکي يقين ٿي ويو آهي ته ٻاٻاجن
انگ سنگ موسان سهاءِ آهــن، ڀيا منهنجي سار سنڀال لهـن.
ٻلهار وڃان ٻنهنجي ستگر تان.

(٥) ترپتم ۽ ترويو

ايشور کي نه روپ آهي نه آڪار آهي؛ تنهن هوندي
به هو حقيقت ۾ آهي، جو نه ڪڏهن ٻوڙو ڏيهہ ڌاران



١٠

ڇهاڱو.....

(١) هريءَ جو روپ:-

مان صبح جو تمام سويل ته اُٿي ڪونه سگهندو آهيان، پر تمام دير سان به ڪونه اُٿندو آهيان. البت سج ڪڍڻ کان اڳ اُٿندو آهيان؛ ۽ پهرين پنهنجي گهر مان ئي نرمدا ماتا جو درشن ڪري من ئي من ۾ پرسن ٿيندو آهيان. (ڀڙوچ ۾ منهنجو گهر نرمدا جي ڪناري تي ئي هو) پر نرمدا جو درشن مونکي هر شهر ۾ ته نصيب ڪين ٿيندو، چوڪين ان نرمدا، گنگا يا يمنا جو چتر پنهنجيءَ دل جي اندر چٽي ڇڏيان ۽ اُٿندي، وهندي، جاڳندي، سمهندي ان جو درشن ڪندو رهان. اهي سڀ نديون ته مون لاءِ **هريءَ** جو روپ آهن.

(٢) پرين جو ڀڳوان

سنتن، مهنتن، يوگين ۽ فقيرن جي سنگ مان مونکي ذاتي آنند ايندو آهي. البت منهنجي من ۾ صرف هڪ ئي دلبر جو ديرو هوندو آهي. منهنجو اهو دلبر داتا آهي **پرين جو ڀڳوان بابا هريرام**. مان هر وقت سندن ٻاجهه جو

آهي. سانول سهج ڪري سڪ ۾ سڪندڙ ٻالڪ لئي... شل
"سدا ڀيو ساريان اهڙو سپرين."

(٨) آشيرواد نصيب ٿيندي

توهين ٻاٻاجن جي آتما جي مهما ۾ وشواس رکو ۽ پوءِ ڪوشش ڪريو، پڙهو، سمجهو، ويچار ڪريو، ڌيان ڪريو ۽ ان پرم-آتما کي پراپت ڪريو. ان آتما جو نه ڪڏهن جنم ٿيو هو ۽ نه وري ان مرتيو جي راهه پڪڙي آهي. پنهنجا شڪ، شبها ۽ ڀرم دور ڪري، پوتر پاونا سان، ان پد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. توهان جو وشواس اٽل هجڻ گهرجي ۽ توهانجي شرڌا اڏول، پڪ ٿي پڪ پوءِ توهان کي ٻاٻاجن جي آشيرواد نصيب ٿيندي.

(٩) هردي منجهه سماءِ

'سڀ سماڄها سپرين، جيئن مان نه ٻڌان کي ٻيو.' ور ور مان آرادنا ڪندو رهان، ٻاڏائيندو رهان. '**هريءَ کي هردي منجهه سماءِ**' جو راڳ ٽواريندو رهان، جيئن منهنجا خيال ٻين هنڌ ڀٽڪن نه. 'سپريان ساري رات سڄان.' اهڙي مهر ڪجي موٽڪي، منهنجا مالڪ! جڏهن گرٻاڻيءَ مان وچن نڪرندو آهي - 'هري ايڪ سمر، ايڪ سمر، ايڪ سمر بيماري، ڪال، ڪليش، لوڀ، موهه، مهاڀيءَ جل ٽاري' ته خوشيءَ مان منهنجي دل جهومي اٿندي آهي.

(١٠) انگ سنگ سماءِ

ٻاٻاجن ته انگ سنگ سماءِ آهن؛ صرف توهانکي ڪين سڃاڻڻ جي ضرورت هجي. هو توهانجي سڏ ۽ سڪ ٿي ضرور ڇڪجي ايندا. توهان پرهلاد جيان پريم پري پرارٿنا ڪيو، راڌا جيان ڳايو، ميرا جيان نچو، والميڪ، تلسيداس ۽ تڪارام جيان سمرڻ ڪيو، ڀرڀو چيتنانند جيان ڪيرتن ڪيو؛ سائينءَ جي ورهه ۾ اڪانت ۾ ويهي ڳوڙها ڳاڙيو، ٻاڏايو،

اُتار ڪرڻ لاءِ هو هن ڀوميءَ تي ٻگهه جي رفتار سان گڏ اچي ٿو، رهي ٿو ۽ هڪ ديهه کان ٻيءَ ديهه ۾ آتم واس ڪندو ٿو رهي. اسانجو داتا، دين ديال، باباڄن به ان ايشور جائي ديهه ڌاري هئا، انهيءَ ڪري ته نرڀيه هئا، نروير هئا ۽ آڪار هوندي به نراڪار هئا، ڀڳوان جو روپ هئا ۽ انهيءَ ڪري ٿي ڀڳتن جو ڀاؤ ڄاڻي سگهندا هئا. جڳت اُتار هئا، سچ چت آنند هئا، نربلن جو بل هئا ۽ نرآڌار جو آڌار هئا.

(٦) شل قبول پوان

ڀيلواڙي ۾ 'سڌن جي سماڌين' واري ڪمري ۾، باباڄن جي رنگين تصوير رکيل آهي. تصوير ۾ باباڄن جو سندر سروپ مونکي حقيقت جو انڀو ڪرائيندو آهي. تصوير جي سامهون ويهي، مان جڏهن يڪ ٽڪ ان تصوير ڏانهن نهاريندو آهيان ته تصوير اندر باباڄن جي هونٽن تي مشڪ جو نرمانڻ نظر ايندو اٿم. اها مشڪ ممتا ڀرڪ هوندي آهي، جڻڪ پنهنجو اَبو- اَمڙ موه وس ٿي پنهنجي بالڪ ڏانهن گهوري نهاريندو هجي. اهي گهڙيون مون لاءِ ڏاڍيون آنندميه هونديون آهن. ڪاش! مان بالڪ جي روپ ۾ ٿي قبول پوان، جيئن هر وقت پيار پائيندو رهان.

(٧) سدا ڀيو ساريان

ڪنهن به گهر ۾ جڏهن مان باباڄن جي تصوير ڏسندو آهيان ته ڪنڌ ان تصوير اڳيان شرڌا ۽ صدق وچان، پنهنجو پاڻ جهڪي ويندو اٿم. هر ڪا تصوير پنهنجي آڪرشڻ روپ ۾ هوندي آهي. مونکي ان مان وشواس ٿيندو آهي ته باباڄن مرتيو تي جيت پائي چڪا آهن. هو اَمر هئا، اَمر آهن ۽ يگايگ اَمر رهندا. اهڙيءَ امرتا کي منهنجو پرنام

گهريون آهن؟ اوهين اهڙو نشچو ڪري گهر ڪيو، پوءِ توهان کي دنيوي سکن سان گڏ آتمڪ سک ۽ پلئه پئجي ويندا. هو ڏيڻ لاءِ تيار ويٺو آهي، مدار توهان تي ٿو رکي ته ڇا ٿا گهرو ۽ ڪڏهن ٿا گهرو.

(۱۴) هريءَ جو داس

ڪنهن ٻمندر، مڙهيءَ يا شوالي ۾ مان جڏهن ويندو آهيان ۽ نمشڪار ڪندو آهيان ته منهنجي مک تي صرف اهي اکر ايندا آهن. 'هري ايڪسمر-ايڪسمر-ايڪسمر، پياري' ان کان سواءِ مونکي ٻيو ڪجهه ۽ ياد ڪين آهي ۽ اهي وچن اُچار- يندي هر آستان تي مونکي **هريءَ** جو درشن ملندو آهي. هيءُ منهنجي ڀاونائن جو پڙاڏو آهي، يا جذبن جو پراڏو، اها خبر ڪانه اٿم. خبر اها ٿي اٿم ته مان آهيان '**هريءَ** جو داس.'

(۱۵) منهنجو حبيب آهي

هڪ گيت ٻڌم: 'پارس هري چرنن ۾.' ان گيت منهنجيءَ دل ۾ وشواس پيدا ڪيو. جڏهن '**هري**' نالي ڳنهڻ سان آنند پراپت ٿيو ته ٿيم ۽ دل ۾ اُمنگن جون لهرون لرزي ٿيون وچن ته پوءِ اٿين ڇو ڪين سمجهان ته منهنجي اُن رکڻ وارو اُبو مون سان سدائين ساڻ آهي. هو ئي منهنجو حبيب آهي ۽ هو ئي منهنجي قريب آهي. هو ئي منهنجي لاءِ ديپ آهي ۽ هو ئي مون لاءِ لاٽ، ته پوءِ نراس ٿي مان اونداهه پاسا ڇو پيو ڦران.

(۱٦) مان تنهنجو آهيان

صبوح جو جڏهن ٿي منهنجي اک کلندي آهي ته منهنجي نظر منهنجي بستري جي سامهون ديوار ۾ لڳل گرونانڪ جي تصوير تي پوندي آهي ۽ ان کانپوءِ منهنجي نظر پنهنجي

ليلايو ۽ باباجن جي تصوير ۾ نهاريو، محسوس ڪندا تہ توهان جون رڪاوٽون دور ٿي ويون آهن، توهين پنهنجيءَ پرسنتا کي پائي چڪا آهيو.

(١١) 'بابا هري جڳ جڳ... داتا هري جڳ جڳ... وداتا هري جڳ جڳ.' هري نام سمرڻ ڪندي، توهين سدائين هريءَ جي نڪٽ رهي سگهندا. سمرڻ ۾ شڪتي آهي ۽ اها شڪتي، ڀڳتيءَ ۾ بدلجي، مڪتيءَ ۽ نرواڻ ڪري ٿي ۽ نرواڻ ٿيندي ٿي توهين محسوس ڪندا تہ هري توهانجي هردي ۾ براجمان آهي ۽ توهان جو ڪيرتن ٻڌي رهيو آهي.

(١٢) سر جهڪي پوندو آهي

پيلواڙا شهر ۾، هري مندر جي سڌن جي سماڌين واريءَ کوٺيءَ جي ڪانچ جي ڪٻٽ اندر چاکڙيون رکيل آهن، جن لاءِ بابا شيوارام جن ٻڌائيندا هئا تہ انهن چاکڙين کي باباجن جي چرنن جو سپرش حاصل ٿيو هو ۽ باباجن جي چرنن جا نشان انهن چاکڙين تي آهن. منهنجا نيڻ جڏهن انهن چاکڙين تي جمي پوندا آهن تہ انين سمجهڻ ۾ ايندو اٿم تہ چاکڙيون هاڻ بہ باباجن جي چرنن ۾ آهن ۽ اهو محسوس ڪندي ٿي منهنجو سر انهن چاکڙين ۾ جهڪي پوندو آهي.

(١٣) آتمڪ سک پلئہ پوندا

توهين ڪيترائي دفعا 'هري مندر' جي درشن لاءِ اچو ٿا، باباجن جي اڳيان ارداسون ڪيو ٿا. پاڻ سان آشائون، اڇائون ۽ ابلاشون کڻي اچو ٿا، پريوءَ وٽ پنهنجن ويچارن کي پرگهٽ ڪيو ٿا. ان وقت توهان دنيوي پدارٿن جي اون ڪانسواءِ باباجن کان ڪڏهن نام چت آنند يا آڌيآتمڪ ڳالهيون

ٿي ويندا هئا. يڪدم باباجن ڏانهن ڊوڙندا هئا ۽ آديش ملڻ جي انتظار ۾ هوندا هئا. جيڪو به آديش مليو، ان جي پيروي ڪندا هئا. اهو سڀ تڏهن ٿيندو هو، جو باباجن ڪنهن جي شيوا وٺڻ جي آڌين ڪين هوندا هئا. هو صرف ائين چاهيندا هئا ته، واندي وقت ڪان 'هٿ ڪار ڏي ۽ دل يار ڏي' جي ونتي رکو.

(٢٠) ڳوڙها پيو ڳاريان

باباجن پنهنجن ڪيترن خيالن ۽ ويچارن کي شاعري نوع ۾ پرگهٽ ڪندا هئا. سندن شاعري مٺي، رسيلي ۽ جلد هضم ٿيڻ جهڙي هوندي هئي. مونکي ان وقت ڪويتا جي ڪا ڄاڻ نه هوندي هئي، ان مان ايترو ته رس ايندو هو، جو چاهيندو هوس ته اهي مان پاڻ نوٽ ڪندو وڃان؛ پر منهنجي الڙتا، معصوميت، ٻالپڻو منهنجي آڏو آيو؛ جنهن لاءِ اڄ به پڇتاءُ جا ڳوڙها پيو ڳاريان.

(٢١) ڪرشن اوتار

ديوان جيٺانند ٻجلاڻيءَ سچ پچ باباجن کي ڪرشن اوتار ڪري سويڪار ڪيو. هن پنهنجيءَ پوڄا سامگريءَ ۾ هڪ طرف باباجن جي تصوير ته ٻئي طرف ڀڳوان شري ڪرشن جي تصوير رکندا هئا. شايد ڪين اها ثابتي ملي چڪي هئي ته باباجن پاڻ ٿي ڪرشن اوتار آهن. هنن اهڙي اٽل وشواس ۾ پنهنجي دل، من ۽ آتما لڳائي ڇڏي ۽ اسان کي باباجن جي حقيقي ڄاڻ ڏني.

(٢٢) پرميشور جي ويجهو

باباجن ڌرم ۽ ڪلا جي وچ ۾ هڪ ڳنڍ هئا. آزادانا، سادانا ۽ ساديءَ سان گڏ قادر جي قدرت کي هو ڇپي - ڇپي ۾ ڏسندا هئا؛ انهيءَ ڪري ٿي ته گهڻو ٽڪو باغن ۾

ستگروءَ جي تصوير ٿي پوندي آهي. ان وقت منهنجا جذبا ۽ احساس چلائي اُٿندا آهن ۽ من جي اندر هڪ پڙاڏو پيدا ٿيندو آهي: "پريو مان تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو ٿي رهندس." پنهنجو سڄو بار پنهنجي داتا تي سونپڻ کان پوءِ مون کي آرام ايندو آهي.

(١٧) آشا جو سورج

ائين ناهي ته منهنجي لاءِ هر راهه، هر کو پيچرو ۽ لنگهه بنا رڪاوٽ وارو آهي. مان اهڙو وڏ ڀاڳي نه ڪين آهيان. قدم قدم ته منهنجي لاءِ به رنڊڪون اينديون آهن، ڪشمڪش ڪليش پيدا ٿيندا آهن، نراشا، نااُميدون جاڳرت ٿينديون آهن. اڳيان گهرو ڌنڌ هوندو آهي، پر مان اهو به **هريءَ** کي ارپڻ ڪري ڇڏيندو آهيان، ڪجهه سمو آرام سان گذري ويندو آهي ۽ پوءِ سونهري ڪرڻن وارو آشا جو سورج نڪري نروار ٿيندو آهي.

(١٨) هري روپ اوتار

توهين قدرت جي ڪرشمن جو ورنن ڪريو ٿا. توهين بجليءَ جي زور تي ڪم ايندڙ ساڌنن کي ساراهيو ٿا. توهين گلن، نهرن، ساگرن ۽ تلاون کي ڏسندي آنند ماڻيو ٿا، پر توهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته هڪ اهڙو شخص به هو، جو انهن سڀني چيزن کان مٿي هو. هو ديهه ڌاري پرش هوندي به ساڪشاتڪار ايشور جو روپ هو، پر ان کي صرف ڪن لوڪن ئي پرکيو. اهو هو **هري روپ هري اوتار بابا هريرام صاحب.**

(١٩) دل يار ڏي

باباجن جي بلنديءَ واري هڪل اڄ به ياد اٿم. جيڪو به جتي هوندو هو لرزش ۾ اچي ويندو هو. سندس ڪن ڪڙا

لڳن هوندي ۽ خوش نصيب آهيان جو مون باباجن جي هڪ نشاني اهڙي هنڌ لڪائي رکي آهي جنهن کي ڏسي نه ڏيهه ۽ مان پڻ اُن ڪانسواءِ ڏسان نه ڪي ٿيو. اُهو آهي باباجن جو هٿ ٿيو چٽر، جو منهنجيءَ دل جي صندوق ۾ قابو آهي. '**هري ڪا نام سدا سکدائي**.'

(٢٦) چئُه هري-هري-هري

صبوح جو ريڊيو تي هيءَ ڳجن آيو ته منهنجي دل ٽڙي پيئي. ڏاڍو ٻود ۾ پيو وجي ويس. صبوح سان جڏهن منهنجي ڪن تي ٻهريون پرلاءُ بابا جي نالي پيو، تہ مون سمجهو تہ مهر ٿي ويئي. اهڙيءَ ريت جڏهن ۽ جتي ۽ '**هري**' لفظ اُچارڻ ٿيندو آهي تہ لڳہ ٿري پوندا اٿم.

گهاريندا هئا، ڪيترن ۽ ڪوهن جو لطف ماڻيندا هئا. گهوڙي سواري ڪندا هئا. هنن جي پاونا اهاڻي هوندي هئي: "هر پل ۾، هر راهه ۾ ۽ هر وستوءَ ۾ مان داتا جو ديدار ڪندو رهان. مون لاءِ بس اهو ئي ڪافي آهي." قولن، قلن ۽ پتن دئارن هو پرميشور جي گهڻو ويجهو وڃي چڪا هئا.

(٢٣) مشڪل آسان

مان جتي به وهندو آهيان، جو به ڪجهه ڪندو آهيان يا جو به مونکان ڪرايو ويندو آهي، ان ۾ مونکي پوري وشواس هوندو آهي. منهنجيءَ ان مصڪمتا جو هٿيو يا آڌار آهي منهنجو داتا، منهنجو ستگرو، سندس تصوير مڙاهي اتم لاڪيت ۾، جو پڇيءَ ۾ سدائين هوندو اتم. جڏهن به ڪو وار ونگو ٿيڻ جي شنڪا پوندي اتم ته منهنجو هٿ لاڪيت طرف وڌي ويندو آهي ۽ مشڪل آسان ٿي پوندي اتم.

(٢٤) پاونا جا پڌار

باباجن جي شان ۾ ناهيل شرڌا پورڪ آرتيءَ ۾ نه رڳو توري ۾ باباجن جي جيونيءَ جو سار ٿو ملي، پر سندن رحم ڪرم، دکن دردن جي نورتيءَ، سندن پرم سڌين کي ڪوج ڪرڻ لاءِ به ڪجهه ساڌن ٿو ملي. انهيءَ ڪري آرتيءَ جي اکر اکر تي زور ڏيڻ گهرجي، ان کي سوچي سمجهي ڳائجي ته ان جي معنيٰ تمام گهري ۽ ڳوڙهي آهي. بابا شيوارام صاحب ان آرتيءَ ۾ پاونائن جا پڌار پيري ڇڏيا آهن.

(٢٥) جنهن کي ڏسي نه ڏيهه

باباجن جي ڪيترن ئي شيوڪن وٽ باباجن جون ڪي نشانيون رکيل آهن. جو انهن جو دل و جان سان قدر ڪندا آهن. انهن کي اکٿين لايو پيا پلهار ويندا آهن، البت مان اهڙو وڏ ڀاڳي ڪٿي جو باباجن جي ڪا نشاني گهر ۾ هجيم، پر

us with one cope with endrsement in his own - hanwriting. I liked the book Immensely. It is Butani's dedication to job that has brought out a book like it.

● شري گوبند مالهي (بمبئي) پنهنجيءَ جيونيءَ جي پهرين باب ”ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون“ (صفحو-٩٠، ادب ۽ اديب ڇپايل سنڌي ٽائيمس ١٩٨٧ پوڄاوادي ڏينهن) ۾ بابا هريرام صاحب ۽ بابا شيوارام صاحبن لاءِ ڌرايو آهي -

... ۽ بابا هريرام - اهي منهنجي جيون ۾ نه اچن ها ته منهنجي جيون جو رخ ٻيو هجي ها. (صفحو ٦)

... بابا هريرام سنياسي هو پر هڪ قسم جو ڪرم يوگي هو، هو ديا وارو شخص هو ۽ پرين ٺاروشاهه ۾ ڪافي مڃتا هئي هن جي. هن لاءِ مشهور هو ته هن ڪام تي ضابطو رکڻ لاءِ اندريءَ کي سڙو هڻي ڪڍيو هو، هو ڏاڍو مڙس هو ۽ هن جي دهشت هشمت اهڙا هئي جو هڪ دفعي جڏهن چار ڌاڙيل هن مٿان اوچتو ۾ اچي آيا هئا تڏهن هن جانبازي ۽ لنبازيءَ سان هنن کي ڀڄائي ڪڍيو هو. هو استرين کي مٿو ٽيڪڻ نه ڏيندو هو. چوندو هو: ”سر جهڪائڻو اٿو ته يا هڪ ڀڳوان اڳيان جهڪايو ٻيو پنهنجيءَ پتي اڳيان.“ مردن جون مڇون ڪوڙائڻ لئي ڏاڍو ڏمربو هو ۽ چوندو هو: ”جن ڪوڙايون مڇون، تن کان خبرون ڪهڙيون پڇون؟“

هن جو عقيدو هو، ”واندو ورڻ معنيٰ شيطان کي پاڻ وٽ دعوت ڏيڻ.“ نه پاڻ نڪمو ويهندو هو، نه پنهنجي ششن شردالن کي واندو ورڻ ڏيندو هو. پهرين گهڻو وقت پرين ۾ رهندو هو، پر ٺاروشاهه ۾ به رهندو هو. مارڪيٽ کان چڱو پري نو لکي واهه جي ڀرسان ڪيپ تي هن جو شاهي باغ هو جنهن کي 'بابا هريرام جو باغ' يا 'بابا هريرام جو ڏيرو' سڏيندا

هري جيون ساهتيه مالها جي اڳئين ڪتابن بابت ڪجهه رايا……

● شري موتيلال ٻناڻي (بمبئي)

هري جيون ساهتيه جي ٽين پيٽ 'سدا سارين سهرين' پرين واري ڀڳوان، ستگر سوامي هريرام صاحب جي گيان، ڌيان ۽ ڌارمڪ رازن جي پردرشني پيش ڪن ٿا. هرهڪ رچنا ۽ ڪويتا پاڻ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ منجهانئن گهوٽ پرپائيءَ جو دارشنڪ، مانيتائن جي جهلڪ پلئه پوي ٿي. 'ڪمل' پنهنجيءَ سڪ ۽ ساڌنا، ذات ۽ ڏانو سان ڪمال ڪيو آهي. هرهڪ گيت ۾ ارداس ۽ آراڌنا آهن جا اسان جي اندر ۾ شرڌا اُتپن ڪري ٿي ۽ ڌارمڪ کيتر ۾ جهالي پائڻ جو وجهه ڏني ٿي.

شل موتين ۾ اهو پوتر روحاني نشو چڙهي.

● ڊاڪٽر اين. ٻي. ايسراڻي (احمدآباد)

توهان جا ڇپايل ٽيئي ڪتاب (۱) سنمک منهنجا سهرين (۲) سدا سارين سهرين (۳) سڄڻ سڀاجها سهرين، پهتل آهن، توهان کي شاباس هجي جو سنتن جي جيونيءَ کي پاڻ کان اڳيان تمام سٺي نموني پيش ڪيو اٿو. ڪوتائون ۽ ليکن مان لکندڙ جي ڀاونائن جي جاڻ ٿي پوي ته ڪيتري نه شرڌا ۽ پريم آهي انهن جي دلين ۾، جيڪا پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ تي سنتن جي تصوير چٽي ٿي ڇڏي. توهان هن ڪم لاءِ ڪيرو ون لهڻيون.

Mr. H. NAVANI (Meerut)

Shri D. H. Butani, the author of the book " Baba Hariram - Saint of Sindh " happens to be my Auntie's Son. When we Called on him at Delhi in Jan. 1981, he presented

پوءِ شمشن شوڌالن جي جهنڊ سان لڪڙي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. مان رنڌڻي مان هنجي ڪمري ۾ ويس. هن مونکي ڀر ۾ وهاريو، زوريءَ. مان هيٺ غلم تي وهڻ وارو هوس. چيائين: ”لائق پيءُ جو لائق پٽ بڻج، توکي دنيا ۾ ڪو ڏک نه پهچندو. پڻ اتم تنهنجا ٻئي پاسا اجاگر آهن. تون پڙهڻ ۾ هوشيار به آهين، سڪول ۾ شاگرد جو مهندار به آهين، سٺو ڳالهائيندڙ به آهين، ناٽڪن ۾ به پارٽ وٺندو آهين، راڳ سان به محبت اٿيئي؛ ٻئي طرف رلڻ پنڻ ۾ شوق اٿيئي، آواره سنگتي اٿيئي، سيداٽيءَ ٻارن سان محبت اٿيئي، ٻر پنج سان پيار اٿيئي، هارين نارين جو همدرد يار آهين. هڪ ڳالهه جي ڪمي اٿيئي، گهر ڪان ٻي-مک ۽ گهر جي پير ڪان منمک آهين. تنهنجي پيءُ جي ڏاهپ ۽ دوراند يشيءَ کي مان ٻه داد ڏيندو آهيان، آهي به سچو گرمک...“

مان چپ چاپ ٻڌندو رهيس، ڏينهن ٻرڻ تي مندر جي حصي واري ٽلهي تي پاٺي گني جو ڪيرتن ٿيو. هن جي سريلي آواز ڪري مون پنهنجو اچڻ سڦلو سمجهو.

مان نيم سان منگل ۽ جمع تي بابا جي ڏيري تي وڃڻ لڳس. ان جا ٻه ڪارڻ هئا، هڪ هو بابا کي ڪو سنتوش ڏيڻ جو، ٻيو هو گني جي راڳ جي ڪشش ۽ ٽيون بابا هريرام جي شمشن شوڌالن سان وهنوار ڪ گيان گوشٽ ۽ ان جو طريقو مونکي وڻندو هو... (صفحو: ٩٠-٩١-٩٢)

جيون هڪ سفر آهي. (ڏيپ آتم ڪٿا) جي صفحي نمبر ٩٥٣ تي ايڏا جي ڏنا فقير پيلواڙي جي ياترا وقت سواميءَ جو درشن ڪرڻ ڪان پوءِ

هئا. باغ جي منهن وٽ ئي لاڳيتو ٽي پڪيرون جڳهيون ٺهيل هيون. ڪمن ٿلهي سان ڀريون مندر هو، جنهن ۾ پنجويهه ٽيهه شش شرڌالو هڪ ئي وقت ڪاٿي سگهندا هئا ۽ ان کان پوءِ هن جي رهائش جو مڪان جنهن ۾ هڪ ڪمرو هو خاص بابا جو، ٻيو ششن جو جي ٻاهران ايندا هئا ۽ ڪي ڏينهن بابا جي صحبت ۾ گهاريندا هئا.

پرٽيل زالون خواه ڪنواريون ڇوڪريون گرنٿ صاحب کي مٿو ٽيڪي وڌ ۾ وڌ انگر ڪاڻ يا پرساد وٺڻ لاءِ رنڌٽي ٽانئين اچي سگهنديون هيون.

پرين ۾ هن جو مکيه شرڌالو هو ٺاڪرداس گرسهاڻي ۽ ٺاروشاه ۾ بابا (پوهومل ڪٽر) يعني منهنجي پيءُ، ڪرشن ڪٽواڻيءَ جو پيءُ عيدنداس جي به بابا ۾ بيحد شرڌا هئي، هو ڪراچيءَ مان اچي ڏينهن جا ڏينهن بابا جي ڏيري تي رهندو هو. بابا هريرام به ڪراچيءَ ۾ هن وٽ ئي وڃي رهندو هو. بابا جو مکيه ۾ مکيه شش هو پاڻي گنو، جو ڳائيندو مٺو هو. هنجي راڳ ٻڌڻ لاءِ ئي مان ڪڏهن بابا جي ڏيري تي ويندو هوس. باقي بابا هريرام ۾ گهٽي شرڌا نه هئي. پاڻي گنو، بابا جي ديهانت بعد شيوارام جي نالي سان پرسڌ ٿيو. هن وراڳي بعد پيلواڙا ۾ ديرو ڪيو ۽ تازو چولو ڇڏيو، هو به هريرام جيان ڪم کي ٻندگي سمجهندو رهيو، عمر ڀر.

مان بابا هريرام جي ڏيري تي پهتس. ان ٽي ڏينهن شام جو پنجين ٻجي منهجند جو ماني کائي سمهڻ بعد، اٿڻ تي بابا وري موٽڪي هريرام جو نياپو ياد ڏياريو هو. سڀ ڀريون نه موٽڪي باغ اندر ڪٽر ڪرڻ لاءِ موڪليو، آٿان اڪو ماندو اچڻ ئي رسوئي چندوءَ کي چيو: "هڪڙي پڪوڙا پوريون نه ڏي ۽ کير جي لسي نه پيئار."

سائين شيوارام صاحب

ڀاو ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو - سائين شيوارام جن،
سادگيءَ ۾ ڀرڻ سونهارو - سائين شيوارام جن.

— جنهن چيو: سڌ ۾ سدائين، آءٌ گڏ، آهيان سدا،
سو هئو اوتار پيارو، سائين شيوارام جن.

— پاڻ پريوءَ کي سڃاتو، ۽ سڃاڻي خوب ڄاتو،
دل گهريو داتار نيارو، سائين شيوارام جن.

— پرين جي دربار پيکي، خوب راجستان ۾،
پيلواڙو ٿيو ڀلارو، سائين شيوارام جن.

— ڪنٺ ۾ قادر ڏنو، امرت ڀريو آواز ڪو،
جڻ ته ماکيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن.

— هر دکي دلگير جي سڌ ٿي وڃي، هيءُ سرومڻي،
پيڙتن جو ٿئي سهارو، سائين شيوارام جن.

— چا ته ڄڳتي، چا ته ڀڳتي، چا ته شڪتي هئي سندن،
دل گهريو دلبر دلارو، سائين شيوارام جن.

— منش جو جيون سڌارڻ لاءِ هن شيوا ڪئي،
گيان جو ڏوڙهو اشارو، سائين شيوارام جن.

— سنت، ساڌن، مهنت، يوگين، جيان رهيا ويراڳ ۾،
هو سدائين ڌيرج وارو، سائين شيوارام جن.

— ديش ڀارت جي اندر، يا ديش ڀارت کان ٻري،
جت ڪٿي وهنوارو وارو، سائين شيوارام جن.

- ڪمل پياسي

پنهنجي ڪتاب ۾ هن طرح لکيو آهي:

پهلواڙا ۾ سنت شيوارام سان به ميلو ٿيو هو. سندن جيون مان اپديش ڪنيم لاءِ پڇت سارو شڀ ڪرم ڪجن، جيڪي سڀني لاءِ سکيا آهن ۽ پوءِ يادگيريون رهن ٿيون. اتي بابا سنت ڪافي ڪڇ ڌرمشالائون مندر وغيره ٺاهي ويا آهن. پنهنجي ساڌنا ۽ ڪرڻيءَ ذريعي پنهنجي ستگر شيوڪن ۽ شهروارن جو پڻ سر اوچو ڪري ويا آهن. نيڪ اهڙيءَ طرح هر هڪ سچي ساڌوءَ کي تن من ڌن سان نيڪ سڪرم جهڙا ڪاريه ڪندي، جيون سفر سڦلو ڪندي رام نام جي ڪمائي ڪرڻ گهرجي.

ليکڪ جا اڳ جا ڇپيل ڪتاب

١- هري سمرڻ — ١٩٧٤ع

٢- سڻ سڀاجها سپرين — ١٩٧٦ع

٣- سنمک منهنجا سپرين — ١٩٧٧ع

٤- سدا ساريان سپرين — ١٩٧٨ع

٥- هري چاليسا — ١٩٨٠ع

٦- نماڻن جا ماڻ — ١٩٩١ع

۽ هاڻ توهانجي هٿن ۾

٦- ٺاڪر اکيين ٺار — ١٩٩٤ع

() ڀُلنامو ()

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
B	٢	Sketohes	Sketches
B	١٢	Amercan	American
١	٥	اَيمالي	ايماني
٣	٣	ڀِي ءُ	ڀِي
٤	٣	آئيندو	آئيندو
٤	١٩	۾	۽
٨	٥	خاطي	حاطي
٨	٢٥	جاڳڄندي	جاڳندي
١١	٢٢	ايسور	ايشور
١٢	٢٤	متاهئنس	متائنس
١٤	٢٤	يوندي	پوندي
١٧	٢	ڀڳوان	ڀڳوان
٢٣	٢٠	چلمن	چلهن
٤١	١١	٢٠ جنوري ١٩٨١ع	٢٩ جنوري ١٩٨١
٤٧	٧	ڏکہ	دکہ
٦٠	٢٠	پنو	ٽپو
٦٤	١٣	م	۾
٧١	١٢	ڏارا	ڏار
٧٤	٣٠	ٻڌ ڏجن	ٻڌ اڄن
٧٩	٣	ڀ	ڏ
٨٤	٥	پنجاپ	پنجاب
١٠٨	١٤	ذهن	ڏهن
١٢٢	١٤	رهيو	رهو
١٢٦	٢٧	ڏ	ڏي
١٢٧	٢٧	ويچار	ويچار

THAKKUR AUKHIAN THAAR

(Life sketch of Baba Shewaram Saheb)

By : KAMAL KEWALRAMANI 'PYASI'

ٺاڪر اکئين ٺار

تنهنجي مشڪ دائما نه مون کان ٿي وسري،
تون ئي ڏاتار منهنجو، تون وساهه منهنجو؛
حياتيءَ ۾ هر پل پيو روح ترقي،
راهيءَ رهبر، تون همراهه منهنجو.

....

قرب جا ڌڻي، منهنجا مالڪ مٺا!
هردم تون آغوش ۾ جاءِ ڏيندين؛
رهان تنهنجي ڇايا ۾ هردم سدا،
نه مون کي ڇڏيندين، نه ڪيڏانهن ڌڪيندين.

....

صبوح، شام، ڏينهن، رات، هر پل، خدا!
پيو گيت تنهنجا رچيندو رهان؛
مون کان ڪڏهن، پريو! ٿجانءِ تون جدا،
سدا تنهنجو نالو جپيندو رهان.

- ڪمل پياسي

PYAS PUBLICATION
'Hari Shewa', Plot 382/4, Sector 29, Gandhinagar. (Guj.)382029
Tel.: 24114
ISBN-81-900408-1-2
Frist Edition: 1994